25

نمہ ٽيئوڻرامايہ   نمہ سروانندايہ

卐 شري ستنام ساکي 卐

* ستگرو سوامي سروانند *

* جيون چرتر ڀاڱو ٻيون *



پرڪاشڪ :-

شري پريم پرڪاش منڊل (ٽرسٽ)

امراپور استان، جيپور (ڀارت)

نمه ڏيئون رامايه نمه سروانندايه

卐 شري ستنام ساکي 卐

* ستگرو سوامي سرواننـد *

* جيون چريتر ڀاڱو پهريون *

پرڪاشڪ :-

شري پريم پرڪاش منڊل (ٽرسٽ)

امراپور استان، جئپور. (ڀارت)

اٺاسيون شڀ جنم.
١٢ اسو، سنبت ٢٠٤٢
27_10_1985

دفعو پهريون :-
ڪاپيون :- ٤٠٠٠
پيسا 4_00

شري پريم پرڪاش سمپرداياچاريه
شري ۱۰۰۸ ستگرو سوامي ٽيئُونرام جي مهراج

ست شري پوڄيه پاد برهمنشٽ

شري ١٠٨ ستگرو سوامي سروانند جي مهراج

پريم پرڪاشي

شري هيرانند دادلاڻي

هيءَ پستڪ ستگرو سوامي سروانند مهاراج
جن جو جيون چرتر پوڄ ماتا آسودي ٻائي ۽
پوڄ پتا شري هيرانند دادلاڻيءَ جي پوتر
يادگيريءَ ۾ ڇپائي گرو مهاراج جن جي چرڻن
شيوا ۾
۾ آربط ڪريان ٿو.

سپتر ڀڳوان دادلاڻي

شري ست نام ساکي

شريمتي آسودي ٻائي هيرانند داد لاڻي

نمه تيڏون رامايه ! ॐ نمه سروانندايه !

卐 شري ستنام ساکي 卐

* ڀومڪا *

سک ۽ ڏک سنسار جا ٻڌن آهن. ڏک لوهه جا زنجير آهن ته سک سون جا زنجير آهن. انهن زنجيرن سان هن جيوَ خود پنهنجو پاڻ کي تمام زور سان ڪشي ٻڌي رکيو آهي. ڏسو وچي ته شرير ۽ من جي ڏکن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ دنيا ۾ هر هنڌ لڳا وڏا خانگي ۽ سرڪار جي طرفان کيترائي دواخانا (اسپتالون) کليل آهن، ستسنگ ڀون، مندر ۽ ٺڪاڻا به جڳهه جڳهه تي ٺهيل آهن. پر سکن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ شايد ڪا جڳهه هجي؟ ائين ڇو! اهو ان لاءِ آهي ته:- ।। ममैवांशो जीव लोके ।।

चौ० ईश्वर अंश जीव अविनाशी, चेतन अमल सहज सुख रासी ।।

گيتا ۾ راماڻ ۾ جيو کي ايشور جو انش (جزو) چيو ويو آهي.

चौ० सो माया बस भयउ गोसाईं, बंध्यो कीर मर्कट की नाईं ।।

ايشور جو جزو هوندي به هي جيو مايا جي چڪر ۾ اچي طوطي ۽ باندر وانگر پنهنجو پاڻ تي ٻڌجي ويو آهي. طوطي ۽ باندر جو قاسط به هڪ عجيب

ٻنڌڻ جو ڪيندڙ آهي. انهن کي نه ته ڪو ٻيو ٻڌائيندو آهي، نه خود پنهنجو پاڻ کي ٻڌائيندا آهن. جيڪڏهن چاهين ته اهي ٻيان ڪنهن جي مدد جي ڇٽي سگهن ٿا. پر انهن کي هڪ اهڙو ڀرم پئجي ويندو آهي جو ڇٽل هوندي به پاڻ کي قائل سمجهندا آهن. اهو ڀرم آخر ۾ انهن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

चौ० जड़ चेतन की ग्रन्थि पड़ गयी, जदपि मृषा छूटत कठिनई ।

طوطي ۽ ٻانڊر وانگر هيءُ جيو به ڀرم ۾ پئجي ويو آهي. شرير ۽ پدارٿ جڙ آهن، جيو چيتن آهي. انهن ٻنهي ۾ ڀرم جي ڳنڍ پئجي وئي آهي. جيتوڻيڪ ڀرم جي اها ڳنڍ ڪُوڙي آهي، ڪوڙي هوندي به اها ڏاڍي مشڪل سان کلندي آهي.

चौ० तब ते जीव भयउ संसारी, छूट न ग्रंथि न होय सुखारी ॥

جڏهن کان اها ڳنڍ پئي آهي، تڏهن کان هيءُ جيو جنم مرڻ وارو بڻجي پيو آهي. هاڻ اها ڳنڍ اهڙي نه منجهي وئي آهي جو ڪا ٿي اها ڳنڍ کلي ڪو هيءُ جيو ٿي ٿو سگهي ٿي.

चौ० श्रुति पुरान बहु कहेउ उपाई, छूट न अधिक-२ अरुझाई ॥

جيتوڻيڪ ويد ۽ پراڻ گهڻئي اُپاءَ ٻڌائين ٿا، هيءُ جيو به ڇڙڻ لاءِ گهڻئي هٿ پير هلائي ٿو. پر تڏهن به هيءَ ڳنڍ کلڻ جي بدران پاڻ وڌيڪ منجهندي ٿي وڃي.

चौ० जीव हृदय तम मोह विसेषी, ग्रंथि छूट किमी परई न देखी।

چو. هن جيو جي هردي ۾ موهه روپي ڪاري اونده لڳي پئي آهي، اونده جي ڪري ڳنڍ ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي اچي ته کلي وري ڪيئن؟ جڏهن گيان روپي سورج ابري تڏهن ڳنڍ ڏسڻ ۾ اچي، پوءِ اها سولائيءَ سان کلي سگهي ٿي. گيان ڪيئن ٿيندو؟

सो० बिन गुरु होइ कि ज्ञान, ज्ञान कि होइ विराग बिनु।
गावहिं वेद पुराण, सुख कि लहिअ हरि भगति बिनु॥

گروءَ کان سواءِ گيان ٿي سگهي ٿو ڇا؟ ويراڳ بنان گيان ٿي سگهي ٿو ڇا؟ مطلب ته گرو ۾ پورڻ هجي ۽ ويراڳ ۾ پورڻ هجي، تڏهن هن جيو کي گيان ٿي سگهي ٿو. ڇا گيان ٿيڻ کان پوءِ اها پرم جي ڳنڍ کلي سگهي ٿي؟ ۽ سک جي پراپتي ٿي سگهي ٿي؟ ڪڏهن به نه! ڀلي گرو ۾ پورڻ هجي ۽ ويراڳ ۾ پورڻ ڇو نه هجي پر تڏهن به هريءَ جي ڀڳتيءَ بنان پورڻ سک جي پراپتي ڪانه ٿي سگهندي. ائين ويد پراڻ چون ٿا.

दोहा : रामचन्द्र के भजन बिनु, जो चह पद निर्बान।
ग्यानवंत अपि सोइ नर, पसु बिन पूंछ विषान। रामायण

ڀڳوان شري رام جي ڀڳتيءَ کان سواءِ جيڪو به پرم پد چاهي ٿو ته اهو گيان وان هوندي به سڱڻ ۽

ٻيءَ ڪان سواءِ ٻيو ن آهي. گيتا، اڌيايه (٧) شلوڪ
١٦، ١٧، ۽ ١٨ ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ ارجن کي
سمجهائيندي چيو آهي ته دکي، جگياسو، مطلبي ۽
گياني، اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڀڄن ڪندا
آهن. جيتوڻيڪ چار ئي سٺا آهن، پر گياني مون کي
وڌيڪ پيارو آهي. اشارو:- گياني سو، اهو جيڪو
ماڻهوءَ جو ڀڳت هوندو. جيڪو ڀڳت نه آهي اهو
گياني هوندي به مون کي پيارو ڪونه آهي. اهڙيءَ
طرح ڀڳوان شريمد ڀاڳوت ۽ برهم وئيورت پراڻ ۾
به چيو آهي ته:-

॥ भजन्त्यनन्यभावेन ते मे भक्ततमा मता: ॥
॥ अहं प्राणश्च भक्तानां भक्ता: प्राणा ममापि च ॥

جيڪو ماڻهو ڀڳت آهي، اهو ئي مون کي پيارو
آهي. چوڻ جو مطلب ته ڀڳتيءَ کان سواءِ ٻيلي کهڙو
به وڌوان، گڻوان ۽ شوڀاوان ڇو نه هجي، پر ڀڳوان
کي ته ڀڳت ئي وڻندا آهن. ڀڳتي ڪنهن جي ڪجي؟
ڀڳوان جي ڪجي يا گروءَ جي؟ شري هري، شري
رام، شري ڪرشن وغيره اوتارن جي ڀڳتي ڇا
آهي؟ جيڪڏهن اوتارن جي ڀڳتي ڪئي وڃي ته
پوءِ لڪا گروءَ کي شش جي ضرورت آهي ۽ لڪا
شش کي ئي گروءَ جي ضرورت آهي. پر ائين ڪرڻ
سان نه گروءَ ۽ شش جي پرمپرا ئي سماپت ٿي

ونڊي. پر گروءَ ۽ شش جي اها پرمپرا ته تمام پراڻي
آهي ۽ شروع کان وٺي هلندي ٿي اچي. منڊڪ
اپنشد، ॥ तद्विज्ञानार्थं स गुरुमेवाभिगच्छेत् ॥ १/२/१२ ۾
مهرشي انگرا جي طرفان گرو پرمپرا جو صاف صاف
بيان ڪيو ويو آهي. گيتا اڌياءِ چوٿين، شلوڪ ۱،
۲ ۽ ۳ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان پاڻ پرمپرا جو سمرٿن
ڪيو آهي. نوٽ:- هي شاسترن جا وچار صرف
انهن لاءِ آهن جن گرو ڌارڻ ڪيو آهي. ان وشيه ۾
ڀڳتيءَ جي ٻجهڻ کي جاڻڻ وارن جو آواز— گرو ڪيندا.

श्लोक :—गुरुर्ब्रह्मा गुरुर्विष्णु गुरुर्देवो महेश्वर: ।
गुरु: साक्षात्परं ब्रह्म तस्मै श्री गुरवे नम: ॥

ڀڳوان وشڻو ٿي شري رام، شري ڪرشڻ، شري
هري وغيره چوويهه اوتار ڌارڻ ڪيا آهن. ان
ڪري گرو ٿي شري رام ۽ شري ڪرشڻ آهي.

श्लोक :—वन्दे बोधमयं नित्यं गुरुं शंकर रूपिणम् ।
यमाश्रितो हि वक्रोऽपि चन्द्र: सर्वत्र वन्द्यते ॥

दोहा :—बन्दउँ गुरु पदकंज, कृपा सिन्धु नर रूप हरि ।
महा मोह तम पुंज, जासु वचन रविकर निकर ॥

گوسوامي شري تلسيداس جن پڻ گروءَ کي ٿي
ڀڳوان شنڪر ۽ شري هري ڪري ونديا ڪئي
آهي ۽ صاف صاف لکيو آهي ته موهه روپي اونداهه
کي ناس ڪرڻ لاءِ گروءَ جا وچن سورج روپ آهن.

ويندي. پر گروءَ ۽ شش جي اها پرمپرا ته تمام پراڻي
آهي ۽ شروع کان وٺي هلندي ٿي اچي. منڊڪ
اپنشد، ۱/۲/۱۲ ॥ तद्विज्ञानार्थं स गुरुमेवाभिगच्छेत् ॥ ۾
مهرشي انگرا جي طرفان گرو پرمپرا جو صاف صاف
بيان ڪيو ويو آهي. گيتا اڌياءِ چوٿين، شلوڪ ۱،
۲ ۽ ۳ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان پڻ ان پرمپرا جو سمرٿن
ڪيو آهي. نوٽ:- هي شاسترن جا وچار صرف
انهن لاءِ آهن جن گرو ڌارڻ ڪيو آهي. ان وشيه ۾
ڀڳتيءَ جي ڀڄڻ کي جاڻڻ وارن جو آواز:- گرو گيتا.

श्लोक :—गुरुर्ब्रह्मा गुरुर्विष्णु गुरुर्देवो महेश्वरः ।
गुरुः साक्षात्परं ब्रह्म तस्मै श्री गुरवे नमः ॥

ڀڳوان وشڻو ٿي شري رام، شري ڪرشڻ، شري
هري وغيره چوويهه اوتار ڌارڻ ڪيا آهن. ان
ڪري گرو ٿي شري رام ۽ شري ڪرشڻ آهي.

श्लोक :—वन्दे बोधमयं नित्यं गुरुं शंकर रूपिणम् ।
यमाश्रितो हि वक्रोऽपि चन्द्रः सर्वत्र वन्द्यते ॥

दोहा :—बन्दऊँ गुरु पदकंज, कृपा सिंधु नर रूप हरि ।
महा मोह तम पुंज, जासु वचन रविकर निकर ॥

گوسوامي شري تلسيداس جن پڻ گروءَ کي ٿي
ڀڳوان شنڪر ۽ شري هري مڃي ڪري وندنا ڪئي
آهي ۽ صاف صاف لکيو آهي ته موهه روپي اوندهه
کي ناس ڪرڻ لاءِ گروءَ جا وچن سورج روپ آهن.

تنهن کان سواءِ عام ماڻهو پڻ ”ستگرو ڀڳوان کي جڳ“ ڏور شور سان مڃيندا آهن ۽ شش نہ پنهنجي پنهنجي گروءَ کي ڀڳوان جو لقب نہ ڏيندا ئي آهن، عام طرح نہ سڀئي ماڻهو، شري رام ۽ شري ڪرشن کي ئي ڀڳوان چوندا آهن. باقي جيڪي ”ستگرو ڀڳوان کي جڳ“ چون ٿا، انهن جي پڻ ساڳي ڀاونا آهي. سکہ، عام ماڻهن جو وهنوار ۽ شاسترن جا وچن، ان ڳالهہ جو پڪو ثبوت آهن تہ گرو ئي ڀڳوان آهي.

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن پڻ پريم پرڪاش گرنٿ ۾ لکيو آهي تہ:—

卐 ڀڄن - راڳہ جوڳہ 卐

ٽُل - ستگر ٿي پرميشور پاڻ،
مدش گروءَ کي نا تون جاڻج.

١- ست چت آنند ارگڻ جو ئي،
ستگر پڻجي آيو سو ئي،
اهو ويدن جو آهہ وکيان.

٢- ستگر ۾ صاحب تو ٻولي،
پنهنجي ڳجهہ کي پاڻ تو کولي،
گرمکہ ٿي تنهن کي نہ سڃاڻ.

٣- ستگر کي جنهن صاف سڃاتو،
پار برهم کي تنهن آ پاتو،

سمجهه اها تون پورڻ ڄاڻ.

٣- ستگر کي جو برهم ڀاڻي،

کهي نيئون سو آنند ماڻي،

باقي پورڻ پد نرباڻ.

دوهو:- ستگر هر کي ديهه هئہ، پا پر سنشيه ڄاڻهن،

کهہ نيئون گر ڏيان ڌر، هر ديکو ٿنهن ماڻهن.

گرو، منش نہ پر ساکياٿ ڀڳوان آهي. اهو ست چت آنند، نرگڻ، نراکار پار برهم پرماتما ئي سگڻ (سرگڻ) ساڪار روپ ۾ گرو بڻجي آيو آهي. صرف تون گرمکہ ٿي ان کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪر.
شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي پڻ گيتا، اڌ يايہ، ستين، شلوڪ ١٣ ۽ ٢٥ ۾ اهو اشارو ڏنو آهي. جنهن ستگرو کي پورو پورو سڃاڻو آهي، اُن ئي نرگڻ نراڪار پرماتما کي پاتو آهي. جيڪو گروءَ کي ئي نتو سڃاڻي سگهي، اهو ڀلا ڀڳوان کي ڪيئن سڃاڻي سگهندو.
ستگرو ئي ڀڳوان جو ساکياٿ شرير آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ آهي، اُن ۾ ئي اُن جو درشن ڪر.

جيئن ٽيڪ برهما، وشنو ۽ شنڪر اهي ٽيئي وڏا ديوتا سنسار چڪر ۾ قائل ماڻهن کي موکہ ڏيڻ ۾ سمرٿ آهن، تنهن هوندي بہ انهن ئي جيون ڪي مکتي ڏيارڻ لاءِ گرو پرمپرا ٺاهي آهي، جو تہ لکيل - پڙهيل، ننڍي - وڏي، مهندڙ - نہ مهندڙ

وغيره سيني ماڻهن جي قدرتي ڀڳوان ۾ شرڌا هوندي
آهي، ٿورن هوندي به گروءَ کان سواءِ ان جي پراپتي
مشڪل آهي. ان ڪري ئي گروءَ کي ڀڳوان جو لقب
ڏنو ويو آهي.

جگياسو، شش، شرڌالو پريمي ته گروءَ ۾ سنتن
کي ڀڳوان ڪري مڃين، پر گروءَ ۾ سنت وري
پنهنجي پنهنجي گروءَ کي ڀڳوان جو روپ نه سمجهن
يا نه مڃين، اها ڳالهه نه بلڪل اڻٺيڪ آهي. اشارو:-
اڻ ٺيڪ يا ٺيڪ، اهي ٻئي اکر، گرو ئي ڀڳوان آهي.
ان ڳالهه جي پٺڀرائي ڪن ٿا. گروءَ کي ڀڳوان جو
لقب ڇو ڏنو ويو آهي، ان ڳالهه ۾ وڏو راز رکيل آهي.

وچار ساگر ۾ گروءَ جي مهما جو خاص بيان
ڪندي سوامي نشچلداس مهراج جن لکن ٿا ته:-

दोहा :—ईश्वर ते गुरु में अधिक, धारे भक्ति सुजान ।
बिन गुरु भक्ति प्रवीण हो, लहे न आतम ज्ञान ॥

جيڪو ڀڳوان کان به وڌيڪ گروءَ ۾ شرڌا ۽
وشواس رکي ٿو، اهو ئي سڄاڻ (ٻڌيمان) منش آهي.
ڇو ته گروءَ جي ڀڳتي بنان ڀلي ڪهڙو به هوشيار ۽
هوشيار گياوان ڇو نه هجي، پر آتم گيان جيڪو موڪش
جو ڪارڻ آهي، اهو حاصل ڪري نه سگهندو. گيتا
اڌياءِ چوٿين شلوڪ ٣٤، ٣٩ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان
پڻ ارجن کي گرو ڀڳتيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته

جيڪڏهن توکي آتم گيان گهرجي ته اهڙي (آزمودگار) مهاتمائن وٽ وڃ، اهي توکي آتما جو گيان ٻڌائيندا. هي ارجن! ههڙن شرڌا ۽ ڀڳتيءَ جي ان گيان جو توکي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو.

दोहा :—गुरु बड़े गोविन्द ते, मन में देख विचार ।
हरि सुमरे सो वार है, गुरु सुमरे सो पार ॥

سنت ڪبير داس جن پڻ گروءَ جي مهما جو بيان ڪندي چون ٿا ته ڀڳوان جو سمرڻ ڪرڻ وارو ڀلي ڪيترو به شرڌالو ڇو نه هجي، تڏهن به سنسار ساگر کان پار وڃي نه سگهندو، پر گروءَ جو سمرڻ ڪرڻ وارو تمام سولائي سان سنسار ساگر کان پار وڃي سگهي ٿو. گرو وڏو آهي يا ڀڳوان؟ اها پڻ ڀرم جي ڳنڍ آهي، جيڪا وچار ڪرڻ سان ئي سمجهه ۾ ايندي.

दोहा :—कह टेऊँ भगवान से, सतगुरु अधिक पछान ।
कर्मों का फल देत हरि, गुरु दे मुक्ती दान ॥

پريم پرڪاش گرنٿ ۾ ستگرو ٽيئونرام مهراج جن خود پنهنجو انڀو لکيو آهي ته گروءَ کي ڀڳوان کان به وڌيڪ جاءِ گهرجي، ڇو ته ڀڳوان ڪرمن جو ڦل ڏئي ٿو ۽ گرو ڪرمن جا بندن ڪاٽي موڪش ڏئي ٿو.

दोहा :—कबीर ते नर अन्ध हैं, गुरु को कहते और ।
हरि रूठे गुरु ठौर है, गुरु रूठे नहिं ठौर ॥

दोहा :–गुरु को मानुष जानते, ते नर कहिये अन्ध ।
दुखी रहत संसार में, आगे जम के फन्द ॥

سنت ڪبير داس جن چيو ٿو ته جيڪي ماڻهو
هڪ طرف ته گروءَ جي مهما ڳائيندي ڳائيندي
ٿڪجن ئي ڪونه ٿا، ٻئي طرف گروءَ کي ڀڳوان نه
سمجهي هڪ رواجي ماڻهو سمجهن ٿا. اهڙي وڏي
ڀل ۾ اڙجي، گروءَ کي ڀڳوان کان ننڍو سمجهي،
گروءَ جي ڀڳتي ڇڏي ڪري ڀڳوان جي پٺيان ڊوڙن
ٿا، اهي ماڻهو بلڪل سورداس آهن، ڇو ته ڀڳوان
جي رسي وڃڻ تي گرو سنڀالي وٺندو آهي، پر گروءَ
جي رسي وڃڻ تي ڀڳوان به ڇڏي ڏيندو آهي. گرو
پنهنجي شش کي ڪيئن بچائيندو آهي. ان
بابت رامائڻ اتر ڪانڊ ۾ ڪاڪ ڀشنڊي پنهنجي
جيون ڪٿا ٻڌي راج گروءَ کي ٻڌائي آهي.

छन्द- नगर जिस नर को निकाले, नृप तां रख लेत है,
नृप जिस नर को निकाले, देव तां घर देत है ।
देव जिस नर को निकाले, विष्णु तां को राखते,
टेऊँ जिस का गुरु निकाले, तिह न को रख साकते ।

पद:–मन तूं हंसन से साहिब तज, भटकत काहे फिरै ।
सतगुरु छांड़ और को ध्यावे, कारज इक न सरै । कबीर ।

चौ० गुरु बिनु भव निधि तरइ न कोई, जौं बिरंचि संकर सम होई

ڀڳوان برهما ۽ ڀڳوان شنڪر وانگر ڀلي ڪير به
گياني ۽ ڏاڍن سگهارن جو مالڪ ڇو نه هجي، ان

هوندي بہ گروءَ جي ڀڳتيءَ ٻنا سنسار ساگر کان پار
ٽپو وڃي سگهي. جيستائين ڀرم جي ڳنڍ نہ کلي آهي
تيستائين سنسار ساگر کان پار وڃڻ ڏکيو آهي. ڀرم جي
ڳنڍ تڏهن ڪٽندي جڏهن سڀ آسرا لاهي هڪ منو
ٿي گروءَ جي ڀڳتي ڪبي.

श्लोक :–दुर्लभो विषयत्यागो, दुर्लभं तत्त्व-दर्शनम् ।
दुर्लभा सहजावस्था, सद्गुरोः करुणां विना ॥

وشين (سکن) جو تياڳ، تت جو درشن (آتم گيان)
۽ سهج اَوستا، اهي ٽيئي اَتم ۽ دُرلڀ پدارٿ گروءَ
جي ڪرپا کان سواءِ ملي نہ سگهندا. گيتا اڌيايہ ١٨،
شلوڪ ٥٨ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي سمجهائي
۽ دڙڪو ڏيئي چيو تہ جيڪڏهن تون منهنجو چت
مون ۾ لڳائي رکندين تہ منهنجي ڪرپا سان سنسار
ساگر کان پار ٿي ويندين، پر جي اهنڪار کان منهنجا
وچن ٻڌي ان سان نہ هلندين تہ ٽوٽي وڏو نقصان
رسندو.

दोहा:–विनु विश्वास भक्ति नहिं, तेहि बिनु द्रवहि न राम ।
राम कृपा बिनु सपनेहुं, जीव न लह विश्राम । रामायण ।

ڀڳوان ۾ تہ (چاهي اصلي چاهي نقلي) سڀني جو
وشواس هوندو آهي. پر گروءَ ۾ وشواس ڏکيو ٿيندو
آهي. تنهن ڪري چئون ٿا تہ پڪي وشواس ٻنا
گرو ڀڳتي ٿي ڪونہ سگهندي، ڀڳتيءَ ٻنا رام ڪونہ

وڃهندو. شري رام جي ڪرپا کان سواءِ ھن جيو کي سمجهي نه سگهي، ڪو نه مڃيندو.

चौ० सद्गुरू बैद वचन विश्वासा, सजम यह न विषय की आसा ।

मन्त्रः–यस्य देवे परा भक्तिर्यथा देवे तथा गुरौ ।

तस्यैते कथिता ह्यर्थाः प्रकाशन्ते महात्मनः ।।श्वे. उ. ।।

اپنشد ۾ پڻ گرو ڀڳتيءَ بابت چيو ويو آهي ته شش جي جهڙي ڀڳتي ڀڳوان ۾ هجي، ان جهڙي ڀڳتي گروءَ ۾ پڻ هئڻ گهرجي. جنهن شش جو گروءَ ۾ ايڪو وشواس آهي، اهڙي شردالو گرو ڀڳت شش جي هردي ۾ ئي گروءَ جي وچن جو پرڪاش ٿيندو. پرڪاش ٿيڻ بعد برهم جي گيان صاف ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ٻلڪل سولائيءَ سان کلي پوندي، سنسار چڪر ڪٽجي ويندو.

سلوڪ:- پڙهن سڀئي، ڏا آتم واڪ گروءَ جا،
ڪوڙن مون ڪنهن هڪڙي ٻڌا دل ڏئي،
سامي تنهن سا برس کي گر گم لڳي پيئي،
تنهنجي سڀ وئي، اوديا ڪلپت اڪري.

سنڌ جي مشهور مهاتما سامي صاحب جن پڻ چيو ته سڀ ماڻهو گرن جا امر وچن ٻڌن ٿا، پر ڪروڙن مان ڪو هڪڙو ماڻهو دل سان ٻڌي ٿو، جيڪو دل سان ٻڌي ٿو، ان کي ٿي گرو ڪرپا سان آتم گيان جي جاڻ ٿي وڃي ٿي، ان جا ڀرم ناس ٿين ٿا.

گيتا اڌيائي ١٨، شلوڪ ٦٤، ٦٥، ٦٦ ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ ارجن کي ڀڳتيءَ جو تت سمجهائيندي چيو آهي ته ارجن! مان وري به توکي تمام اڪل گيان ڀرايان ٿو، تون ڌيان ڏيئي ٻڌ. هڪ ته تون پنهنجو من مون ۾ لڳاءِ، اهو منهنجي ڀڳتي ڪر، ٻيو تون منهنجي پوڄا ڪر، ٽيون تون مون کي نمسڪار ڪر. جنهن ڀاڱ ته ٻار ٿي ٿيندا آهن، پر سياڻو ۽ سمجهدار پيءُ پنهنجي ٻارن کي پڙهائي لکائي قابل ڪندو آهي، پوءِ ڪو ماستر ته ڪو ڊاڪٽر، ته ڪو وڪيل، ته ڪو جج وغيره وڃي ٿيندو آهي. ٽئين شش ته سڀئي شش آهن، پر وڏو ويدانت جو پار ڪو گيالي گرو پنهنجي ششن کي گرو ڀڳتيءَ جو پاٺ پڙهائي، ڀڳت بڻائي ڪيئن منزل مقصود تي پهچائيندو آهي. ارجن پڻ شش آهي، ان ڪري ڀڳوان شري ڪرشن ڪيئن ڀڳت بڻائڻ لاءِ گرو ڀڳتيءَ جو پاٺ پڙهائي رهيو آهي.

جيئن ٺيڪ ارجن شش بڻيو آهي. پر ڪنهن جي چوڻ، چوائڻ، ڀڙڪائڻ، لوڀ - لالچ يا ڀرم ۾ ڦاسي، چمتڪار، ناٽڪ - ٻاٽڪ وغيره ڏسي، ارجن گرو ڪيو هجي، اهڙي ڳالهه ڪانه آهي، ارجن ڪي اڳيائي هو ڪي اند وشواسي هو، ارجن تمام سوچي سمجهي گرو ڪيو هو، ارجن شش ضرور آهي پر ڀڳت ڪرڻ

آهي، ان ڪري ڪنهن ڀڳت کانسواءِ شري ڪرشڻ
ڀڳوان ٻار ٻار ڀڳتيءَ جو اپديش ڪيو آهي، ڇو ته ڀڳتيءَ
جي وسيلي هي گيتا جو پرمان ٿي سگهي آهي.

ڀڳتيءَ جي ٻاري ۾ وڌيڪ بيان ڪندي شري
ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي چيو ته ارجن! تون سڀئي
ڌرم ڇڏي هڪ منهنجي شرڻ ۾ هليو اچ. مان
توکي سڀني پاپن کان ناس ڪري ڇڏيندس. تون شوڪ
نه ڪر. ڀڳوان ارجن کي آڌرم نه پر ڌرم کي ڇڏڻ
لاءِ چئي رهيو آهي. (ڌرم جو ارٿ نه وياپڪ آهي)
ڀڳوان پاڻ ۾ عجيب آهي ته سندس وچن ۾ حيرت
۾ وجهندڙ آهن، آهي ڀلا سولائي سان ڪٿي ڪا
سمجهه ۾ اچي سگهن. تنهن ڪري گيتا گيان کي ٽالو
لڳائيندي ارجن کي ڀڳوان چيو ته :—

॥ इदं ते नातपस्काय नाभक्ताय कदाचन ॥

هيءَ گيتا جو گيان جيڪو ڀڳت نه هجي ان کي
اصل نه ٻڌائجي.

मन्त्र :— वेदान्ते परमं गुह्यं पुराकल्पे प्रचोदितम् ।
नाप्रशान्ताय दातव्यं नापुत्रायाशिष्याय वा पुनः॥श्वे०उ०

ويدانت (آتم گيان) جو موکيه جو ڪارڻ آهي،
اهو تمام پراڻو آهي. اهو ان ماڻهوءَ کي ڏيڻ گهرجي
جنهن جو من بلڪل شانت ٿي ويو هجي. جو پنهنجو
پٽ نه آهي پر ڪمار آهي، جو پنهنجو شش نه آهي

پر ڀڳت ڪونه آهي، اهو ٻڌي ڪي آتم گيان ڪڏهن
نه ڏيڻ لاءِ گهرجي. نوٽ :- جڏهن ڪه ڀڳت ۽ شش کي
نه آتم گيان ڏيڻ لاءِ شاستر منع ٿو ڪري ته پوءِ عام
ماڻهن جو ته سوال ئي ڪونه ٿو پيدا ٿئي.

श्लोक :–शिष्यस्तु को यो गुरु भक्त एव ॥

جيڪو گروءَ جو ڀڳت هجي ان کي ئي شش
چئجي ٿو.

दोहा :–अनाथ सुज्ञानी कोटि के, निश्चय निज मत एक।
एक अज्ञानी के हिये, वर्तंत मते अनेक ॥

گر ڀڳتيءَ جي وشيه ۾ ويدن، شاسترن ۽ سنتن جو
ڀلي اهي ڪروڙين ڇو نه هجن پر سڀني هڪڙو ئي
رايو هوندو آهي، اگياني ڀلي هڪڙو هجي پر سندس
من ۾ ايڪ خيال پيا پيدا ٿيندا آهن. جي گهڙيءَ
گهڙيءَ پيا بدلبا آهن. اهو ڪڏهن ڀڳوان جو ڀڳت
نه ڪڏهن گروءَ جو ڀڳت.

سوامي جن جو پنهنجي ستگروءَ ۾ پورڻ وشواس
۽ سچي شرڌا هئي. اهي پنهنجي گروءَ کي گرو نه
سمجهندا ئي هئا، پر اشٽ ديو ۽ گروءَ کي سمجهندا هئا.
گيتا ۾ ڀڳوان پڻ ارجن کي اشارو ڪندي چيو ته
مان ئي سڀني جو گرو آهيان ۽ اشٽ ۽ سڀني جو مان ئي
آهيان، ڀڳتيءَ جو ارٿ تمام وياپڪ آهي. اهو رڳو
آرتي ڪرڻ، پوڄا پاٺ ڪرڻ، ڀوڳ لڳائڻ، ورت

رکڻ، مدد ۾ ٻڌائڻ، ميلا ملهائڻ، ڳڻ ڳائڻ، پيئاڻون
چڙهائڻ، دان - پنج ڪرڻ، تيرٿ ڪرڻ، ستسنگ -
ڪٿائون وغيره سڀني ڪرمن ڪرڻ تائين محدود
ڪيل آهي، ۽ گروه جي آڳيائن جو پورو پورو پالڻ
ڪرڻ به آهي. نه رڳو ايترو پر گروه جي ڌرم لوڪ
پڌار جي وچڻ کان پوءِ به ۽ زلد گيءَ پر.

گر ڀڳتيءَ جي وشيه ۾ ڀڳوان ارجن کي گيتا اڌياءِ
ٻارهين ۾، شلوڪ تيرهين کان وٺي وٺهين تائين خوب
چڱيءَ طرح سمجهايو آهي.

ڀڳوان رام جي درشن ڪرڻ ۽ ڪين واپس ايوڌيا
وٺي اچڻ لاءِ ڀرت لال ايوڌيا کان ٿي اگهاڙي پيرن
۽ پنڌ هلڻ چاهيو ٿي، پر ماتا ڪوشليا جي آڳيا ڪري
ٽاري نه سگهيو ۽ رٿ ۾ چڙهي "شرنگوير پر"
۾ پهتو، اتي ڀريو رام جي پيرن پنڌ ٻن ڏالهن وچڻ
جي جڏهن ڪيس خبر پئي تڏهن پاڻ به پيرن پنڌ
هلڻ لڳو. اهو ڏسي سيواڌارين عرض ڪري چيو ته
هي ناٿ! توهين گهوڙي يا رٿ ۾ چڙهي هلڻ جي
ڪرپا ڪريو، اهو ٻڌي ڀرت لال چوڻ لڳو ته:-

चौ० सिर भर जाउँ उचित अस मोरा, सब ते सेवक धरम कठोरा

مدهجو مالڪ ڀڳوان رام ۽ ماتا سيتا ته پيرن پنڌ
وڃي رهيا آهن ۽ مان سواري ۾ چڙهي هلان. اٿين
چوندي چوندي سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا،

دل ڀرجي آئي، منڊل من سان چوڻ لڳو ته هي رٿ گهوڙا ۽ سينگار ڀل سوار ٿيون منهنجي کهڙي ڪم جون، سڀ ته اٿين ڏيندو جو مان جيڪر سر سان سر ڪندو سائين وٽ هلان. گوسوامي جن چون ٿا ته سڀن کان وڌيڪ شيوڪ (ڀڳت) جو ڌرم ڏکيو آهي. مٿان ڪا سڌ ڪري سگهڻ جي، اوکي منزل آهي جيتري مرڻ جي.

ٻاليءَ جي مارجي وڃڻ کان پوءِ راجڌاني ڪمڪندا پريءَ ۾ هلي ڪري پنهنجا پاون چرڻ ڪمل گهمائي پريءَ کي پوتر ڪرڻ واسطي سگريو جي پرارٿنا ٻڌي ٻرواس هي سچي حقيقت ٻڌائي ڀڳوان رام صاف اکرن ۾ چيو ته :-

श्लोक :–नगरं न प्रवेक्ष्यामि, चतुर्दश समा:सखे ।

आगमिष्यति मे भ्राता, लक्ष्मण: पत्तनं तव ।। अ. रा.

هي پيارا سکا سگريو! مان چوڏهن سالن تاءِ ڪنهن به نگر ۾ ڪونه وڃي سگهان، ڇاڪاڻ ته پتا کي وچن ڏيئي چڪو آهيان، جيستائين شري رام جو پتا راجا دشرٿ، پرم لوڪ پڌار جي چڪو هو. راجا سگريو ۽ ڪمڪندا پريءَ جي نر نارين جو پرم ۽ شرڌا ڏسي شري رام چاهي ها ته پتا جي وچن کي ٽوڙي پريءَ ۾ وڃي سگهي ها. پر رام من مالي ڪالهه ڪئي. پتا جي وچن جي رکيا ڪندي شري رام

ڪهڪندا ۽ لڇڪا ڀريءَ ۾ ڀروڀش ڪوڙ ڪيو. جتي
ڀرڀم آهي اتي نيم ڪوڙ آهي، پر مرڀادا ضرور آهي.
سپالر پت اهو آهي جيڪو پتا جي آگيائن جو پالن
ڪري، گرو ڀڳت شش اهو آهي جيڪو گروءَ جي
آگيائن جو پالن ڪري، پتورتا ناري اها آهي
جيڪا پتيءَ جي آگيائن جو پالن ڪري.

चौ० सोई सेवक प्रियतम मम सोई, मम अनुसासन मानै जोई ॥

ڀڳوان شري رام جا وچن آهن ته جيڪو منهنجي
آگيائن جو پورو پالن ڪري ٿو، اهو ئي منهنجو
شيوڪ (ڀڳت) ۽ پريتم آهي. پنهنجي گروءَ جي هر
هڪ آگيا جو پالن ڪرڻ ئي اصل ڀڳتي آهي. ڀڳوان
پڻ ان ئي تي پرسن ٿيندو آهي.

ديوي، ديوتائن، اوتارن وغيره جي شيوا-پوڄا
ڪيترن ڪئي، من، اندرين ۽ شرير کي ڪيترن قبضي
۾ رکيو، اهي گهٽ ودياون پڻ سوامي جن گرو
مهراج جي چرڻن ۾ رهي حاصل ڪيون. جتي گرو
ڀڳتي آهي، اتي ڌرم آهي، جتي ڌرم آهي، اتي
سڀ شڪتي آهي. ॥ यत्र धर्मश्च तत्र सहञ्च ॥

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي پرهم لوڪ پڌارڻ جي
وچڻ کان پوءِ شش، جگياسن، شاهوڪارن-غريبن
سڀني پرڀين جي طرفان شيوا-پوڄا، عزت مان
وڏائي حاصل ڪرڻ کان پوءِ به سوامي جن پرمرا

ڪان هامند ۽ ويد مرياداڻن جو اُلنگھڻ ڪونہ ڪيو. مڙو نہ آهي ٿي ان ڳالھہ ۾ تہ مالڪ ٻڌجي تہ پنھنجي مالڪي نہ هلائي، گروءَ جي وچن ٻنيان پاڇولي والگر قرلدو رهي.

ايتري قدر جو سوامي جن آشرمن جو سمورو ڪاروبار ٻڌ پريم پرڪاش منڊل جي سنتن جي صلاح مصلحت سان ٿي هلائيندا هئا.

श्लोक :—वेदवेदान्तसच्छास्त्रैर्विज्ञाय भगवद्गतिम ।

स्थित्वा निजाश्रमाचारे सात्त्विके कर्मंणिस्थितः ॥

श्लोक :—जितेचित्तेन्द्रियं दिव्यं सर्वदोष विवर्जितम् ।

परम्पराप्रात्त विद्यमेवम्भूत गुरुं भजेत् ॥

گرو مهراج جن جي عطا ڪيل گپت وديائن جي ٻل ۽ ڪرپا سان سوامي جن پنھنجي من، اندرين ۽ شرير کي قبضي ۾ رکي، سين دوشن (اوگڻن) ڪان خالي ٿي، شانت صبر ۾ رهي پرمپرا کان پراپت گرو منتر "ستنام ساکي" ۽ پريم پرڪاش پنٿ جي آچارن، وهنوارن، ڪاڌي-پيتي، پوشاڪ وغيره سڀني نيمن کي جنھن جو نئين ٻڌاڙيءَ ناڻين ٻٽائي رکيو.

श्लोक :—वर्णाश्रमाचारवता पुरुषेण परः पुमान् । वि० पु०

विष्णुराराध्यते पन्था नान्यस्तत्तोषकारकः ॥

ڇو تہ ورڻ آشرم جي آچار-وهنوار ۽ نيمن جي

پالڻ ڪرڻ واري مَنش کي ئي ڀڳوان جي ڀڳتيءَ
ڪرڻ جو حق آهي. اِن ڪان سواءِ ڀڳوان کي خوش
ڪرڻ جو ٻيو ڪوبه رستو ڪونه آهي. سوامي جن گرو
مهراج کي هر هنڌ حاضر ڄاڻندا هئا، مورتيءَ کي
مورتي نه پر ساکيات سمجهي پوڄا وغيره ڪندا هئا،
”گرو مهراج اَٽ ڪٺي ڇوڏاري گهمي رهيا آهن“
اِهي اکر هميشه چوندا هئا.

سوامي جن جتي ڪٿي پنهنجو نه پر گرو مهراج جو
پرچار ڪندا هئا، ٻين کان به گرو مهراج جو ئي پرچار
ڪرائيندا هئا.

ان جو مطلب اهو ڪونه آهي ته سوامي جن ڀڳوان
کي ڪونه مڃيندا هئا، سوامي جن ته وڏي نِشٺا
سڀني کي مڃيندا هئا، سوامي جن ڀڳوان وشنوءَ جي
پنهنجن اوتار ڀڳوان رامن جي اتهاس جي ڪوپتا ۾
رچنا ڪئي. سوامي جن اڪثر اِئين چوندا هئا ته
اسين اڪين سڀا سناتني ڪونه آهيون. سوامي جن
سڀني کي مڃيندي به پنهنجي مول منتر کي ڪونه
ڇڏيو. پنهنجي گروءَ جي وچن ۾ وشواس رکي
هر ڪم ڪندا هئا.

दोहा : गुरु बिन रंग न लागहीं, गुरु बिन ज्ञान न होय ।
कह टेउँ सद्‌गुरु बिना, मुक्ति न पावे कोय ।।

پريم پرڪاش گرنٿ ۾ ستگرو ٽيئُون رام مهراج جن

صاف صاف لکن ٿا ته گرو ڀڳتيءَ بنا لکو آتم گيان
نٿيندو. لکا مکتي نٿي ملندي. پرم پرڪاش
گرنٿ جي ٽيهرائي اڳوات ٿي اپنشدن ۾ ڪيل آهي.
جئن ته:- ترپاد وڀوتي مها نارائڻ اپنشد.

मन्त्र :—यथा जात्यन्धस्य रूपज्ञानं न विद्यते तथा ।
गुरूपदेशेन बिना कल्पकोटिभिस्तत्त्वज्ञानं न विद्यते ॥

جئن جائي ڄم کان سورداس کي روپ (شڪل)
جو گيان نه ٿيندو آهي. تئن گرو ڀڳتيءَ کان سواءِ ته
ڪروڙن ڪلپن ۾ مشت ڪندي به آتما جو گيان
نه ٿيندو.

मन्त्र :—महत्सेवां द्वारमाहुर्विमुक्तेः ॥

مهاپرش اپنشد ۾ گرو سيوا (ڀڳتيءَ) کي
مکتيءَ جو دروازو چيو ويو آهي.

मन्त्र :—तत्सेवापरोऽज्ञोऽपि मुक्तो भवति ॥

گياني نه هجي پر اگياني گرو ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان
مکت ٿي وڃي ٿو.

मन्त्र :—मुक्तिर्न संदेहो यदि तुष्टः स्वयं गुरुः ॥

ٻوڌ شکو اپنشد ۾ بلڪل چٽيءَ طرح سان لکيو
ويو آهي ته جيڪڏهن گرو پرسڪو ٺيڪ راضي ٿئي ته
ٻوءِ مکتيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي.

मन्त्र :—दुर्लभा सहजावस्था सदगुरोः करूणां विना ॥

درلڀ آتما جو گيان ستگروءَ جي ڪرپا بنا

ڪڍهڻ به حاصل ڪرڻ ٿيندو.

تن، من، ڌن ۽ واڻي، چئن پرڪارن جي سيوا ٿيندي آهي. ڌن ۽ واڻيءَ جي سيوا ته بلڪل رواجي آهي. جا هر هڪ ماڻهو سولائيءَ سان ڪري سگهي ٿو، تن جي سيوا ٿوري ڏکي آهي جا هر هڪ ماڻهو نٿو ڪري سگهي، من جي سيوا ته تمام ڏکيئي ۾ ڏکي آهي. من جي سيوا (ڀڳتي) ڪرڻ واري لئي ئي گرو ڪرپا ٿيندي. گرو ڪرپا سان آتما جو گيان ٿيندو. گرو ڪرپا سان موهه روپي اولده ناس ٿيندي. گرو ڪرپا سان جڙ-چيتن، وهمن، سنسن ۽ ڀرمن وغيره اگيان جون سڀ ڳنڍيون کلي پونديون. گرو ڪرپا سان مڪتي ته ڇا پر مڪتيءَ کان به مٿي جيڪو پد آهي اهو به حاصل ٿيندو.

آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن سوامي جن جي هردي ۾ جيڪو پريم جو پرڪاش ڪيو ۽ ڀڳتيءَ جو رس پيو، آهي وچن ۽ واڻي پريم پرڪاش گرنٿ جي لالي سان ظاهر آهي.

श्लोक :–भक्तिर्जननी ज्ञानस्य, भक्तिर्मोक्ष प्रदायनी ।
भक्ति हीनेन यत्किंचित्, कृतं सर्वमसत्समम् ।।

ڀڳتي ئي آتم گيان کي جنم ڏيڻ واري ماتا آهي. ڀڳتي ئي موکه ڏيڻ واري آهي. ڀڳتيءَ بنان سڀ ڪجهه اجايو آهي.

श्लोक :-भक्तिं लब्धवत: साधो किमन्यदवशिष्यते । भागवत ।

شري ڪرشڻ ڀڳوان ڀڳت اڌو کي سمجهائيندي چيو آهي ته اي اڌو! جنهن کي ڀڳتي ملي وئي، ان کي باقي ڇا ڪرڻ مليو؟ مطلب ته ان کي سڀ ڪجهه ملي ويو.

دوها :- سور ٿي سڀ ڪاغذ ڪي، نير ڦ جل سڀ پاڻي.
شردا نهين من ۾، تو چارون ويد ڪهاڻي.

मन्त्र : श्रद्धयाग्नि समिध्यते श्रद्धया हूयते हवि: ।
श्रद्धां भगस्य मूर्धनि वचसा वेदयामसि ॥

رگ ويد ۾ فرمائي ٿو ته شردا سان ئي يگيه جي اگني جلائي ۽ تيز ڪئي ويندي آهي. شردا سان ئي آهوتي ڏني ويندي آهي. سڀني پوجيه پدارٿن ۾ پردان (مکيه) "شردا" ديويءَ جي اسين استتي ڪريون ٿا.

سوامي جن ڀڳتي يوگ (گرو ارپڻ) ڪري پنهنجي وهل جس جو سورج روشن ڪري ويا، جو هميشه پرڪاش ڪندو رهندو.

سوامي جن جي جيون ياترا جو هيءُ پهريون ڀاڱو "ستگرو سوامي سروانند" جي نالي سان اوهان سڄڻن جي هٿ ۾ آهي. ٻيو ڀاڱو پڻ انهن جي ديا سان جلدي پرڪاشت ڪيو ويندو.

پريم پرڪاش منڊل

نمو ديئون رامايه   نمو سروانندايه

* شري ستنام ساکي *

卐 منگلا چرڻ 卐

دوها :- ايڪ انيڪ اننت جو،
هري هر گڻپت سور.
ديوي درگا شاردا،
وگهن ڪرو سڀ دور.

دوها :- سرو منگل ڪا مول هئي،
ديئون رام شڀ نام.
جانڪي سمرن ڌيان سي،
ناشت وگهن تمام.

دوها :- سروانند ڪا مول هئي،
سروانند سک ڌام.
تانڪو نت وندن ڪرون،
ڪريئي پورڻ ڪام.

اوم نمه سروانندايه ॐ اوم نمه ٽيئون رامايه

سري ستنام ساکي

* گرو ڀڳت سروانند *

پريم پرڪاش پنٿ جو پايو وجهندڙ پوڄيه پاد ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي پٽ شش، سچ ۽ سادگيءَ جي ساکيات مورتي سوامي سروانند مهراج جن جو جيون چريتر.

هي بي بقا سنسار! سڀ ڪو ڄاڻي ٿو. هن سنسار ۾ ڪيترائي آيا ڪيترائي ويا، ڪوبه هن سنسار ۾ رهڻ وارو ڪونه آهي. ويد، پراڻ، شاستر ۽ اتهاس ان ڳالهه جو ثبوت ته آهن ئي پر هر هڪ ماڻهو پڻ ان ڳالهه کي خوب ڄاڻي ٿو. سڀ ڪجهه بي بقا ۽ فنا آهي. ڏٺو وڃي ته سڀ ڪجهه سپنو آهي. ڏينهن هجي يا رات ننڊ اچڻ بعد سپنا ايندا ئي آهن، پر اهي سپنا ٿوري وقت لاءِ ٽڪندا آهن، جاڳڻ بعد اهي سپنن جو نالو نشان به ڪونه رهندو آهي. هي سنسار روپي سپنو تمام وڏو آهي، هن سپني ۾ وشين وڪارن جا سپنا لڳاتار ايندا رهن ٿا.

ڪام جو سپنو پورو ٿيو ته ڪروڌ جو، ڪروڌ جو سپنو پورو ٿيو ته لوڀ جو، لوڀ جو سپنو پورو ٿيو ته موهه جو، موهه جو سپنو پورو ٿيو ته اهنڪار جو، اهنڪار جو سپنو پورو ٿيو ته شبد جو، شبد جو سپنو پورو ٿيو ته سپرش جو، سپرش جو سپنو پورو ٿيو ته روپ جو، روپ جو سپنو پورو ٿيو ته رس جو، رس جو سپنو پورو ٿيو ته گنڌ جو.

ڏٺل - اڻ ڏٺل، ٻڌل - اڻ ٻڌل، نوان، پراڻا وغيره ڪڏهن کهڙا ته ڪڏهن کهڙا، اهڙيءَ طرح گهڻئي قسمن جا عجيب - غريب سپنا ايندا ٿي رهن ٿا.

चौ- मोह निसा सबसोवन हारा, देखहिं सपन अनेक प्रकारा ।।

انهن سڀني سپنن جي جڙ آهي موهه. موهه روپي رات ۾ سڀ جيو سمهيا پيا آهن. لڪا موهه روپي رات ڪٽي لڪي سپنا پورا ٿين. رواجي طرح رات پوري ٿيڻ بعد ڏينهن ٿيندو آهي ۽ سڀ پراڻي پنهنجو پاڻ جاڳي پوندا آهن، پاڻي سڄي عمر ڇولا گذري وڃي ٿو موهه جي ننڊ ۾ سمهيل ماڻهو تمام مشڪل سان جاڳندو آهي. باقي موهه روپي ننڊ ۾ سمهيل ماڻهو هڪ ڀيرو جاڳي سو پوي ته پوءِ اهو وري ڪڏهن به ڪونه سمهندو. پر هن موهه روپي ننڊ مان جاڳڻ تمام مشڪل آهي، ورلو ڪو ٿو جاڳي هن

انهن مان جاڳي ٿو ته هُو سڀ جيو انهن ۾ انهن ٿي
وڃن ٿا.

* ڀڄن *

ٽُڪ :- صبح جو سويري، گهڙي انهن گهيري،
اچو آلسين کي ڪنڌ ڦير ڪيري.

١- اکيءَ انهن نهوڙيا، وجهي جال جوڙيا،
لڪين لهر لوڙهيا، پَوَ سنڌ ڦيري.

٢- سمهي عمر ساري، حيا ڪيو گذاري،
وجهي ڪال جاري، ليندءِ ساس سيري.

٣- ڇڏي انهن ندورا اٿي جاڳ پورا،
پڙهن ڪين ٻوڙا ڇون سنت ٽيري.

٤- ٽيئون ڪال ٽيڻي وڃاءِ ٿون نه ويهي،
پسج پاڻ پڻهي ڏيو ٻار ڏهري.

آچاريه سنگرو ٽيئون رام مهراج جن ٻڌ هن پيالڪ موهه روپي انهن بابت لکيو آهي. پنهنجي من کي جاڳائيندي چون ٿا ته وقت نه وڃاءِ، دير نه ڪر، غفلت ڇڏ، اٿي گيان جو ڏيو ٻاري پنهنجي اندر مان اوندهه ڪڍي پنهنجو پاڻ کي ڏس، جڏهن پنهنجو پاڻ کي ڏسندين، تڏهن موهه روپي رات ختم ٿيندي ۽ سک جو سورج اڀرندو.

سوامي سروانند مهراج جن پڻ پنهنجي سنگرهه

آچاريه سنگرو ٽيئون رام مهراج جن جو سهارو وٺي
سندن آگيائن موجب هاڻي ، ٻهڳي ٻار کي ڇاپايو.
ان ڪري سندن جيون هڪ ٻار ٻار لا ڏيندڙ اتهاس
پڙهي پيو.

سوامي سروانند مهراج جن جو جنم سنڌ ٻرالس
(ٻارس) جي حيدرآباد ضلع ، هالا تعلقي ، سنڌ ۽ اڏيءَ
کان ٿورو پنڌ پري پٽ شاهه لالي هڪ ننڍڙي
ڳوٺ ۾ ٿيو هو، سندن جنم ڏهاڙي آکاڙه ۾ ٿيو هو.

جنهن ڳوٺ ۾ سوامي جن جو جنم ٿيو هو، اهي
ٻهراڻ واريءَ جون ننڍيون وڏيون ڏاڍيون ۽ جهنگل
هوندا هئا. انهن ڏاڍين جي وچ ۾ هڪ وڏو ٽلاءُ هو.
ڪنهن زماني ۾ ڀڳت صاحب ڏاڏيءَ جهڙي وڏن
اهي اچي ٽلاءَ جي ڪناري تي پنهنجا گهر ٺاهيا ۽
ان ابراضيءَ جو نالو "ڏلسر" رکيو. ڪافي وقت
سنڌ ۾ ودهيشن جو راڄ رهيو. ان ڪري ڏلسر
ڳوٺ جو نالو بدلائي پٽ شاهه رکيو ويو. سندس
مدن مهتو، سندس والد ٺڪر ۾ ڏهاڙي آکاڙه ۾
ٿي گذريا آهن، انهن کٿي ڇٽي ۾ ڏهاڙي آکاڙه
کي پنهنجي وڏن کان ئي ورثي ۾ ڀڳتيءَ جو
وردان مليل هو.

ڀڳت شرومڻي ڏاڏيءَ کي ٦ پٽ ۽ ٣ ڌيئرون

هيون، جن مان وڏي پٽ جو نالو شري ڪرمچند هو،
شري ڪرمچند جن کي شري سوڀراج مل ۽ شري
ڏيرو مل ٢ پٽ پيدا ٿيا، شري سوڀراج مل کي شري
وشنداس، شري هيرانند، شري لکميچند، ٣ پٽ
پيدا ٿيا، ڀڳت وشنداس جن کي شري لکميچند،
شري شيوڪرام، شري ڀصرمل، شري تيرٿداس،
شري ٽيڪچند پنج پٽ پيدا ٿيا، ڀڳت صاحب شري
وشنداس جن پنهنجي ٢ پٽن شري لکميچند ۽ شري
شيوڪرام جن جو شبھ وواھ ڪنڌڪوٽ جي ڀڳت
صاحب شري چيلارام جن جي ٻن پٽرين (ڌيئرن)
سان ڪيو، شري لکميچند جي ڌرمپتنيءَ جو نالو
شريمتي گيالي ٻائي ۽ شري شيوڪرام جي ڌرمپتنيءَ
جو نالو شريمتي ايشوري ٻائي هو. ڀڳت صاحب
لکميچند جن کي ٣ نياڻيون ۽ هڪ پٽ پيدا ٿيا،
پٽ جو نالو گنو هو، (جو پوء آچاريه ستگرو ٽيئون رام
مهراج جن هٿ لائي گرمک داس رکيو)، سوامي گرمک داس
ٻاهت چون ٿا ته ان جو جنم ڀڳت لولڪه رام نالي
هڪ سنت جي ڪرپا سان ٿيو هو، سنت لولڪه رام
گرمک جي ماتا صاحب گيالي ٻائيءَ کي اڳوات ئي
ٻڌايو هو ته جي مون درويش جي ديا سان توکي
ڪڪو ڄائو ته ان جي ساڄي ڪن جي ٻاڙيءَ ۾
ٽنڪ هوندو، سڄڻ سنتن جون آسيسائون وٺڻ

ڪونه ويندا هون آهن، سچ پچ ٿيو به اهڙين جنن سنت
چيئي ويو هو، گرمک جي جنم وٺڻ بعد ڏنو ويو ته
برابر سنڌس ساڄي ڪن جي پاڙيءَ ۾ ٽڪ هو،
اها ڳالهه سوامي گرمک داس جن پاڻ ٻڌائيندا هئا
۽ پنهنجو ڪن ڏيکاريندا هئا. سنت گرمک داس جن
جو جيون به هڪ عجيب، الستي ۽ اوڌوتن وانگر
هوندو هو، سدائين بي پرواهه، لاڳا ۽ سدائين پنهنجي
مستيءَ ۾ مست رهندا هئا، اڳتي هلي سوامي
گرمکداس جن آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جا
شش بڻيا. سوامي گرمک داس جن آچاريه ستگرو
ٽيئون رام مهراج جن جا لاڏلا ۽ لاڏالي شش هئا. وڏن
جي ڀڳتيءَ جو رنگ سوامي گرمک داس جن تي
پورو پورو چڙهي ويو هو، گرو ڀڳتيءَ ۾ مست
رهندي ستگرن جي شيوا ڪندي آچاريه ستگرو
ٽيئون رام مهراج، ڀوڳيراج سوامي گوالانند مهراج،
سوامي سروانند مهراج ۽ سڄي پرم پرڪاش منڊل
جي سنتن سان لاڳو ليائيندي سنبت ٢٠٢٢، (برابر
سن 1965 مهنو اپريل) چيٽ مهيني جي تاريخ ٩،
سومر وار ڳيارس ڏينهن چيٽ جي ميلي کان ٣ ڏينهن
اڳ وامت، امراپور استان (جئپور راجستان) ۾ پنهنجي
ڀڄن ڪٿن جي ڌن لڳائي پنهنجن ستگرن جي چرڻن
۾ لين ٿي ويا.

ڀڳت صاحب شري وشنداس جن جا اهون لعمر
سيٺ شري شيوڪرام جن هئا. سوامي سروانند مهراج
جن جو جنم سمبت ١٩٥٤، منگل ڏاڪ مهيني اسو جي
شڪل پکش جي ٽين چنڊ شي تاريخ ١٢، گرو جي
مها وڏائي واري ٻرم ٻو ڀائي ورسه ڏينهن صبح جي
اُڀرندڙ لال سورج واڱر، جنهن وقت سورج ڀڳوان
سنسار کي روشن ڪرڻ لاءِ اُڀرندي ڪان اُڀريو، ٺيڪ
ان وقت صبح جي ٻه ٽين ٻجي ڀڳت صاحب
شيوڪرام ۽ ماتا شريمتي ايشوري ٻائي جن جي گهر
۾ سوامي سروانند مهراج جن جنم ورتو، چتور دشيءَ
ڪان پهريان گرو دشيءَ جون واڌيون لهم موجب
ايندڙيون رهنديون آهن، ٻر اڄ جي راس وڏي
مها واري هئي، ڇو ته چتور دشيءَ جي صبح جو هڪ
گرو ڀڳت روپ سڀ کي اُڀريو هو، ان ڪري
قدرت پنهنجون شهواڻون حاصر ڪرڻ لاءِ پنهنجي
شيوڪن کي حڪم ڏنو، حڪم پائي ٻون ديوتا
سيتل ۽ سگنڌ پوڻ ڦٽي هري لڳو شروع ڪيو،
راس راڻي ۽ تارن جي جگمگاهٽ ۾ سارجي پائي
سورهن سينگار ڪري اچي ويٺي، چنڊ ديوتا به
صاف، سنڌر، نرمل ۽ نيلي آڪاش ۾ اچي سيتل ۽
امرت ڀريل چاندني ڦهلائڻ لڳو، ڪجهه ڪارا ڪجهه
سفيد بادل به آسمان ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳا،

چنڊ ڪڏهن ٻادلن ۾ لڪي پئي ويو ته ڪڏهن ٻاهر
نڪري پئي آيو، ائين معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ رات
راڻيءَ سان لڪ لڪوٽي راند ڪرڻ آيو هجي، چنڊ
جي هن راند ۾ قدرتي سونهن کي وڌيڪ ليائيندڙ
ٻٽائي ڇڏيو هو، شالت وارو منظر جو اهو عجيب
نظارو ڏاڍو وڻندڙ لڳي رهيو هو، اهو سڀ ڏسي
ڪري ڳوٺ جي ماڻهن ۾ هڪ عجيب خوشيءَ جي
لهر ڇانئجي وئي هئي. اهي ٻار به هن خوشيءَ جو
ڪارڻ نه سمجهي رهيا هئا، خوشيءَ جي ڪارڻ کي
ويچار ڪندي ويچار ڪندي سڀئي ماڻهن کي گهري
ننڊ اچي وئي، رات به ڌيري ڌيري گذرڻ لڳي.
رڳو سنڌو درياهه جي تيز وهڪري جو آواز تمام
پري کان ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، اهو به اهڙو مٺو ؛
سريلو لڳي رهيو هو جڻ ته اوم جو آواز گونجي
رهيو هجي. ساري رات گذري پرڀات جو پوتر
وقت شروع ٿيو، سڄي رات وڻن تي ويٺل پکين
پنهنجي مٺڙن ٻولين ۾ آواز ڪري سڀ کان پهرين
سج اڀرڻ جي سوچنا ڏني، پکين جو مٺڙو آواز ٻڌي
ڳوٺ جا ماڻهو ننڊ مان جاڳي پيا، ٿوري دير ۾
سورج ڀڳوان به پنهنجون لال گلابي، نيليون پيليون
ڪرڻون ڦهلائيندو اڀرڻ لڳو، اڀرندي طرف تمام
پري کان هڪ وڏي ٿال وانگر ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو،

صبح وارو سج به ٻالڪ وانگر سک ڀريندڙ آهي.

श्लोक : बालार्को यज्ञधूमश्च, बाला स्त्री निर्झरोदकम् ।
आयुष्यवर्धकं नित्यं, रात्रौ क्षीरान्नभोजनम् ॥

ٻال سورج، يگيه هون جو دونهون، جهرڻ جو پاڻي ۽ راس جو کير ۽ ان جو ڀوڄن وغيره عمر ۽ تندرستيءَ کي وڌائڻ وارا ٿيندا آهن، صبح جي پوتر وقت ۾ جڏهن سڀ گرهه گوچر نڪيتر ۽ راسيون پنهنجي پنهنجي شڀ استانن ۾ استت هئا، ٺيڪ ان وقت ماتا ايشوري ديويءَ گرو ڀڳت ٻالڪ کي جنم ڏنو، ٻالڪ جو جنم ٿيو آهي، اهو ڄاڻي ڪري ٻال سورج به درشن ۽ لاڏ ڪرڻ لاءِ آتو ٿيڻ لڳو، جيئن ته ڀڳت شيوڪرام جي گهر جو اڱڻ بلڪل اڀرندي طرف هو، ٻال سورج به اڱڻ ۾ پهچي ويو، ليڪن ڪنهن به ٻالڪ جو درشن ڪري نه سگهيو، ڇو ته ٻالڪ اندر ڪمري ۾ ماتا جي گود ۾ هو، هاڻ ٻال سورج اندر ڪمري ۾ وڃڻ جو رستو ڳولهڻ لڳو، جنهن تي ان کي رستو مليو ٽڪن تي پنهنجي لال گلابي سيتل ڪرڻن سان ڪٺ ڪمري جي سوراخن کان اندر گهڙي ويو، اتي پهچي ٻالڪ جو درشن ڪيو. پوءِ ٻالڪ جي لال گلابي ننڍڙن ڪومل انگن تي پنهنجون لال گلابي سيتل ڪرڻون ڦهلائي ٻالڪ جي سونهن کي وڌائڻ لڳو، اهو نظارو اهڙو محسوس

ڏسي رهيو هو جڏهن ٻال سورج پنهنجا رنگبرنگي
سنڌر رانديڪا ڪڍي گرو ڀڳت ٻالڪ سان راند ڪرڻ
آيو آهي. گڏو گڏ سڀني ديوي ديوتائن طرفان
ڀڳت صاحب شيوڪرام ۽ ماتا ايشوري ٻائيءَ کي
واڌايون به ڏيڻ آيو آهي.

ٻالڪ جو جنم. پتر رتن جي پراپتيءَ جو سماچار
معلوم ڪري ماتا پتا ڏاڍو خوش ٿيا. ڳوٺ لنديءَ ۾
هوا ان ڪري ڳوٺ وارن کي پڻ جهٽپٽ ٻالڪ جي
ڄائي جي خبر پئجي وئي، ٻالڪ جي ڇٽيءَ اُتسو
منائڻ لاءِ ڀڳت شيوڪرام جن پنهنجي سڀني مٽن - مائٽن،
ساڌن - سنتن، پيارن مترن کي نوتو موڪليو. ڀڳت
چيلارام کي (جو ٻالڪ جو ناٺو هو) سڄي پرِوار سميت
اچڻ لاءِ خاص ماڻهوءَ هٿان ليکو موڪليو ويو. ڀڳت
شيوڪرام جو گهر ته اڄ ڄڻ ٿي ڀڳتاڻو گهر هو ۽ وري
جو مٿان ڇٽيءَ جو اُتسو هو تنهن ڪري رات ڏينهن
ستسنگ ڪيرتن جي موج ٿيڻ لڳي. جن کي نوتو
موڪليو ويو هو، اُهي سڀ ٽائيم سر اچي اُتسو ۾
شامل ٿيا، ايشور انش اوتار ستگرو ٽيئون رام مهراج
جن پڻ (جيڪي ٻالڪ جا ماما هئا) پنهنجي پتا صاحب
ڀڳت چيلارام جن سان گڏ جي آيا هئا. ڇٽيءَ جي
ڏينهن برهمڻ کي گهرائي ٻالڪ جي ڇٽيءَ بابت
وچار ڪيا ڪئي، برهمڻ جوتش جي انوسار سڀ گهڙين

ٻالڪ جو نام ڪرڻ سنسڪار (ڇٺي) ڪري ٻالڪ جو شبھ نالو سنڌرو رکي ماتا پتا ۽ آيل سڀني مهمانن کي شبھ واڌايون ڏنيون .

پوءِ سڀني ڀڳت شيوڪرام ۽ ماتا ايشوري ٻائيءَ کي واڌايون ڏنيون ، ڇٺي سماپت ٿيڻ بعد ڀڳت شيوڪرام جن سڀني آيل مهمانن جو تمام سٺو آدر ڀاءُ ڪيو ، سادن - سنتن ۽ برهمڻن جو ڀوڄن ، پوڄن ۽ ڏکڻا سان پتا پوڳهه آدر ستڪار ڪيو ، پوءِ سڀني کي خوشيءَ سان موڪل ڏني ، سڀ آدر ستڪار پائي ٻالڪ کي آسيسائون ڏيندا ، خوش ٿيندا پنهنجي پنهنجي گهر ويا . ڇٺي گذرڻ بعد آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن ڪجهه ڏينهن لاءِ الي ٿي رهي پيا ، ان وقت سندن عمر اٽڪل ١٠ - ١٢ سال ڪن هئي ، ننڍهن هوندي به گيان جا ڀنڊار ۽ ترڪال درشي هئا . اهي هر روز سوامي جن کي برهم گيان جي لولي ڏيندا هئا . سوامي جن کي پنهنجي مامي جو لاڏ پيار ۽ آسيس ننڍپڻ ۾ ملي . جڏهن جو اٿر ٻالڪ تي تمام سٺو پيو . ڪجهه ڏينهن رهي پنهنجي پيڻ ايشوري ٻائي ۽ ڀڳت شيوڪرام جن کان موڪلائي وڃڻ وقت ٻالڪ کي پنهنجي گود ۾ وهاري پنهنجو آسيس جو هٿ سندس سر تي رکيو ننڍهن ٻالڪ سهج سڀاءُ پنهنجون اکيون آچاريه جي

اکين ۾ ڪٺي ملايون. انهن ڏسڻ لڳو ڄڻ اڳ ۾ ئي ڪا سڃاڻپ هجي.

آچاريه جي گود ۾ ويٺي سوامي جن ائين شوڀا پائڻ لڳا ڄڻ ڪرتا يگ جي منيور برهم رشي وشسٽ جن جي گود ۾ رام!

ڇٺي کان پوءِ ڀڳت صاحب پنهنجي گهر ٻار جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويا. سندن چار ڀائر ٻيا به هئا، جن مان ٢ ڀائرن شري ٽيڪچند ۽ شري ٿيرٿ داس ڪمار ويراڳي اوڌوت هئا. ڀڳت ٽيڪمچند جن کي هڪ سپاٽر پٽر گرمک داس هو، گرمک داس جن ته ننڍپڻ کان ئي ناناڻي گهر رهندا هئا. ڪٽنب وڏو هو، پر گهر ۾ ڪا خاص شاهوڪاري ڪانه هئي. سستو زمانو هو، ايتري مهانگائي ڪانه هئي. گڏ هن ۾ هڪ پئسي گڏ ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي، پرماتما جي ڪرپا سان ٻهون ٻارا گاليون، ديگا-ديور ۽ ججهه پنهنجي هئي. ٿڌهڪري ايڏي وڏي ڪٽنب جو پالڻ پوشڻ سٺي نموني سان هلندو هو. گهر ۾ سدائين سک شانتي رهندي هئي. سوامي جن جي ماتا ۽ پتا جو ڪل ٻنهي کان وڌي ڀڳتائو ڪل هو.

پراڻي زماني ۾ عام ماڻهن جو مکيه رواج اهو

هوندو هو ته سڀ اُٿڻ کان اڳ ۾ ئي سڀ ماڻهو جاڳي پوندا هئا ۽ صبح جي لت ڪرڻ کان واندا ٿي پنهنجن ڪمن ۾ لڳي ويندا هئا. ان کان سواءِ وڃي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ڌوڙيءَ کي لڳندا هئا، ان وقت جون ماتائون - ڀينرون به پوئتي ڪونه پونديون هيون. هر هڪ ڪٽنب جون ماتائون ڀينرون گهر جو سڀ ڪم ڪار پنهنجي هٿن سان ڪنديون هيون. ماتا ايشوري ٻائي پڻ اهڙي وڏي ڪٽنب لاءِ روزانو صبح جو سويري جنڊ هلائي اٽو پيهندي هئي. ان ڪري ٻارن ۾ به سويري جاڳڻ جي عادت پئجي ويئي هئي، سوامي جن به سويري جاڳي پوندا هئا. ماتا ايشوري ٻائي ننڍي ٻالڪ کي گود ۾ وهاري جنڊ هلائيندي هئي، جنڊ هلائڻ سان جيڪو سريلو آواز نڪرندو هو، اهو هڪ سندر ساز وانگر لڳندو هو. ان جنڊ جي سندر ساز جي آواز سان آواز ملائي ماتا ايشوري ٻائي پرڀو - پرم - ڀڳونت ڀڳتيءَ جا ڀڄن تمام سڪ شرڌا سان ڳائيندي هئي. اٿي پرهڻ کان پوءِ ڏڌ ولوڙيندي هئي، ان کان پوءِ گهر کي ٻهاري - سهاري ڏيئي، ليپو - پوچو ڏيئي صاف سٿرو ڪندي هئي. ننڍپڻ کان وٺي سوامي جن جي دل ۾ ڀڳتي ڀاوَنا پرجهڻ لڳي.

سوامي جن جڏهن طوطلي ٻولي ڳالهائڻ سکيا

ڏهن ماڻا ڪيس سڀ کان پهرين رام نام جو ابياس
سيکاريو، پوءِ ڏيڍ ورهي جيئن وڏو ٿيندو ويو
تئن ڪيس اٿڻ - ويهڻ، کائڻ - پيئڻ، صاف سٿري
رهڻ. سچ ڳالهائڻ، چوري نه ڪرڻ، جوا نه ڪرڻ،
شراب نه پيئڻ، ماس مڇي نه کائڻ، ٻيڙي تماڪ نه
چڪڻ، وڏن کي صبح شام پيرين پوڻ، ديوي
ديوتائن ۾ شردا رکڻ وغيره ٻين به سٺن ڳڻن جون
سکيائون ڏيندي رهندي هئي.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ پنڊت صاحب
شيوڪرام جن سڀني مٽن مائٽن کي گهرائي سوامي جن
کي وديءَ موجب جڻيو پارايو. جڻيو ۽ چوٽي هندوءَ
جي نه رڳو نشاني آهي پر جڻيي ۽ چوٽيءَ ۾ تمام
وڏو گيان - وگيان ڀريل آهي، جڻيي نه هئڻ ڪري
ڪنهن به شڀ ڪرم مان ڦل ڪونه ملندو آهي. جڻيو
ڪڏهن پائجي؟ ان بابت منو سمرتيءَ جو وچار هن
ريت آهي.

श्लोक : गर्भाष्टमेऽब्दे कुर्वीत ब्राह्मणस्योपनायनम् ।
गर्भादेकादशे राज्ञो गर्भात् तु द्वादशे विश: ॥

رواجي طرح برهمڻ کي اٺين سال، ڪشٽريءَ کي
يارهين سال ۽ ويش کي ٻارهين سال جڻيو پائڻ
گهرجي. اهو منو سمرتيءَ جو آديش آهي.

श्लोक : आ षोडशाद् ब्राह्मणस्य सावित्री नातिवर्तते ।
आ द्वाविंशात् क्षत्रबन्धोराचतुर्विंशतेर्विश: ॥

ڪنهن ڪارڻ سان وقت سر جڻيو نه پائي سگهجي ته پوءِ برهمڻ سورهين سال، ڪتري ٻاويهين سال، ويش کي چوويهين سال جڻيو ضرور پائڻ گهرجي. چوويهين سالن، ٻاويهن سالن ۽ سورهن سالن کان عمر وڌي ٿي وڃي ته پوءِ ان کي ورائيه (व्रात्य) ورڻ سڏڪر چئجي ٿو. ورائيه ٿي وڃڻ بعد به پرائچت ڪرائي ڪوئي وڌوان سداچاري برهمڻ جڻيو پارائي نه پارائي سگهي ٿو.

श्लोक : ब्रह्मवर्चसकामस्य कार्यं विप्रस्य पञ्चमे ।
राज्ञो बलार्थिन: षष्ठे वैश्यस्येहार्थिनोऽष्टमे ॥

برهم تيج جي اڇا رکڻ واري برهمڻ کي پنجين سال، طاقت چاهيندڙ ڪتري کي ڇهين سال ۽ ڌن چاهيندڙ ويش کي اٺين سال، جڻيو پائڻ گهرجي.

جڻي کان پوءِ سوامي جن ستسنگ ۽ گهر جي ڪم ڪار ڌالهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳا. ڀڳت شيوڪرام جن سڀو ڏينهن پنهن پارن جي ڪم ڪار ۾ رڌل رهندا هئا ۽ سڀ اٿي مهل گهر ايندا هئا. گهر پهچي سنڌيا (سنڌيا) وغيره ڪندا هئا، لت ليم کان والدا ٿي، ڀوڄن وغيره جي اون لاهي پوءِ ستسنگ ۾

ايندا هئا. هيڏانهن سوامي جن ستسنگ جا آسڻ
وغيره وڇائي پوري تياري ڪري ڇڏيندا هئا،
ڀڳت صاحب شيوڪرام جن سنگيت جا ستا چاڙهو
هوندا هئا، دنبوري تي ٻرندڙ ۽ ويراڳ سان ڳائيندا
هئا، ڳوٺ ۽ آس پاس جا پريمي ۽ ڀڳت به ستسنگ
۾ ايندا هئا. ڀڳت ڀي ڀڄن-ڪيرتن ڪندا هئا،
سوامي جن پڻ ڳائڻ وڄائڻ پيا سکندا هئا. آچاريه
سنتگرو ٽيڪون رام مهراج، سوامي گوالانند مهراج، سوامي
ٿهلرام مهراج جن پڻ وقت بوقت ڀڳت شيوڪرام جن
وٽ پيا ايندا ويندا هئا.

ان کان سواءِ ڀڳت ميگهورام صاحب، ڀڳت آلورام
صاحب، ڀڳت ڪيشورام صاحب، ڀڳت جيسارام
صاحب، ڀڳت پرسنارام صاحب، ڀڳت هري شو صاحب،
ڀڳت ٻاغورام صاحب، ڀڳت چيتارام صاحب، ڀڳت
ٻڪارام صاحب، ڀڳت گوڏورام صاحب پيا به گهٽيءَ
ڀڳت سنت ڏاڏي صاحب ڏاهيءَ جي لڳاتار ستسنگ
روهي ٻاغيچي ۾ پيا ايندا ويندا هئا، اهڙيءَ طرح
ڀڄن ڪيرتن هر روز ٿيندو رهندو هو، اهي سنت
ڀڳت گذريل زماني جي سنتن ڀڳتن جيئن ته سنت
ڪبير، سنت سورداس، سنت سڌلو، سنت رجب،
سنت رويداس، سنت نامديو، سنت رامانند،
ميرا ٻائي وغيره جون ڪتابون پڙهائيندا ۽ ڀڄن

ڏيکاريندا هئا، انهن جي واٽ ۾ ڀڳتي، گيان، ويراڳ
ڀريل هوندو هو، ڪلجڳ زماني جي ماڻهن ۾ ڀڳوان
لاءِ پريم، ستڪ ۽ شردا تمام گهٽ هوندي هئي،
ڪڏهن ڪڏهن ته ڀڄن ڪيرتن ڪندي سڄيون
سڄيون راتيون گذري وينديون هيون، سنسار ساگر
کان پار ٿيڻ جو اهو ڀڄن ڪيرتن ئي سولي ۾ سولو
اُپاءُ آهي ۽ اهو سڀني شاسترن پراڻن ويدن جو مت آهي.

चौ० सिव अजसुक सनकादिक नारद, जे मुनि ब्रह्मविचार विसारद
चौ० सब कर मत खगनायक एहा, करिअ राम पद पंकज नेहा।
चौ० श्रुति पुरान सब ग्रन्थ कहाहीं, रघुपति भगति बिना सुख नाहीं।
दो० बारि मथे घृत होइ बरु, सिकता ते बरु तेल।
बिन हरि भजन न भव तरिअ, यह सिद्धान्त अपेल।।

ڪيلاش پتي ڀڳوان شو شنڪر، سرشٽي ڪرتا
ڀڳوان برهما، مهان تياڳي وياس پتر شري شڪديو
جي گيانين ۾ اگر گڻي، سنڪادڪ رشي، جيڪي برهم
گيان ۾ تمام هوشيار ۽ پڪا ادويت وادي آهن انهن
سڀني جو هڪڙوئي رايو (ويچار) آهي ته سچي ڀاونا
سان ڀڳوان جي چرن ڪملن ۾ پريم ڪرڻ گهرجي،
ويد پراڻ ۽ سڀ گرنٿ پڪاري رهيا آهن ته ڀڳوان
جي ڀڳتيءَ بنا سک ڪونه ملندو، ويد پراڻ آخرين
فيصلو ٻڌائين ٿا ته پاڻي ولوڙڻ سان مکڻ نڪري ته
نڪري سگهي ٿو، واريءَ کي ماتڙڻ سان تيل نڪري

نه لکري سگهي تو پر ڀڳوان جي ڀڄن ڪرڻ کان سواءِ ڪو به سنسار ساگر مان ڪڏهن به پار ٿي نه سگهندو، گيتا جو اُپديش به ساڳيو آهي.

श्लोक : पुरुष: स पर:पार्थ, भक्त्या लभ्यस्त्वनन्यया । गीता ८/२२

پرم پتا پرماتما اننيه ڀڳتيءَ کان سواءِ پراپت ٿي نه سگهندو. اهڙيءَ طرح ڀڳت صاحب شيوڪرام جن جي گهر ستسنگ جو آنند لڳو پيو هوندو هو.

ٻاراڻي اوستا البيلي ۽ چنچل ٿيندي آهي تنهن هوندي به ڏاڏاڻي ۽ ناناڻي ڪل جو، پتا ماتا جو، سنتن مهاتمائن ۽ ڀڳتن جو، ستسنگ جي سيوا ۽ ستسنگ جو سوامي جن تي تمام گهڻو ۽ گهرو اثر پيو، جڏهن ٿورو سمجهدار ٿيا ته پتا صاحب کان ڳائڻ وڄائڻ ۽ هٽائي اکر (هٽ واڻڪا) به سکندا هئا، پتا صاحب کان ڀڄن لکائي ياد ڪندا هئا، اهي ڀڄن هٽائي اکرن ۾ لکندا هئا، گهر جو ۽ ٻئي ٻارن جو ڪم ڪار ڪندي ڀڄن به پيا ياد ڪندا هئا ۽ رات جو ڳائڻ جو اڀياس ڪندا هئا، پنهنجي پتا صاحب ۽ ٻين سنتن سادن سان گڏ به ڳائيندا هئا، جئن جئن عمر وڌڻ لڳي تئن تئن گيان ۽ ويراڳ به وڌڻ لڳو. (٩) نون سالن جي عمر ۾ ئي سوامي جن سنسار مهاچار کان ڇڏڻ جو ويچار ڪري آچاريه ستگرو ٽيئونرام مهراج جن جي شيوا ٽهل سڪ سر 13 سان ڪرڻ

۾ لڳي ويا. هيڏانهن ڀڳت صاحب شيوڪرام جن جي
گهر ۾ ستسنگ جي موج مچندي هئي هوڏانهن
ستگرو مهراج جن ڪنب وءِ ۾ پنهنجي گهر ۾ هر روز
رات جو ستسنگ جو ديپاڻ لڳائيندا هئا، هر مهني
(١١ تاريخ) ٻارهين جو ميلو به لڳائيندا هئا، ان
ميلي تي آس پاس جي ڳوٺن جي خلق تمام گهڻي
ايندي هئي، ڀڳت صاحب شيوڪرام جن پڻ ان ميلي
تي خاص ڪري ويندا هئا ۽ سوامي جن کي به وٺي
ويندا هئا، ڳوٺن جا ميلا گهڻو ڪري رات جو لڳندا
هئا ۽ گهڻو ڪري انهن ميلن تي مڙد ويندا هئا، گهر
جا ڪم ڪار ٻون لاهي ٻي اولا تي ويندا هئا، (ماتائون
ڀيئرون گهوله ويندون هيون) ۽ ميلي ۾ سڀيون
راتيون ڀڄا ستسنگ، ڪيرتن ۽ ڀڳتيون ڏسندا ۽
ٻڌندا هئا، صبح جو هر ڪو پنهنجي ڪم ڪار تي
هليو ويندو هو. ٻارهين جي ميلي تي جيڪي به
سنت، ساڌو، ڀڳت، مهمان ٻاهران ايندا هئا انهن جي
کاڌي پيتي رهڻ جو سڄو بندوبست آچاريه ستگرو
مهراج جن پاڻ وٽ ڪندا هئا، تنهن کان سواءِ
گهوڙن وغيره وهٽن جي لاءِ گاهه داڻي پاڻيءَ جو به
پورو پورو بندوبست ڪندا هئا، انهن شيواڌارين
سان گڏ سوامي جن پڻ آيل سنتن، ساڌن، مهمانن جي
شيوا ۾ شامل ٿيندا هئا، ٻاراڻي اوستا ۾ ئي ڪڻ

ٻ وڙهڻ ٻارن کي ڏاڍو وڻندو آهي، آچاريه ستگرو
ٽيئون رام مهراج جن پاڻ به شيوا ۾ لڳا رهندا هئا،
ان ڪري ڪٽنب جا ٻار پڻ گهڻي انداز ۾ شيوا ۾ شامل
ٿيندا هئا، ٻار ڏاڍي شوق سان شيوا ڪندا هئا،
ميلي کان سواءِ سوامي جن ڪڏهن ڪڏهن پٽا
صاحب کان آگيا وٺي اڪيلائي ڪٽنب ۾ هليا ويندا
هئا، آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن ٻه ڀيٽ شاه
گهمڻ لاءِ پيا ايندا ويندا هئا، ستگرو مهراج ته ايشور
جا انش اوتار هئا، انهن جي اپار ڪرپا ۽ آدر جي
آسيس تمام گهڻو ڪم ڪيو، سوامي جن جي اندر ۾
جيڪي ڀڳتيءَ گيان ويراڳ جا ننڍڙا ٻوٽا پيدا ٿيا
هئا، گرو مهراج جن جي آسيس انهن لاءِ پاڻيءَ جو ڪم
ڪيو، آسيس روپي پاڻي پائي اهي ٻوٽا وڌڻ
ويجهڻ، ڦلڻ ڦولڻ لڳا، سوامي جن جي اندر ۾ نون (٩)
سالن جي عمر ۾ جيڪا لڳن لڳي هئي اها جئن ٻوءِ
لئن وڌندي وئي، برابر ۴ سال ٻيا ته تپسيا ڪندي
گذري ويا، ان وچ ۾ سوامي جن آچاريه ستگرو
ٽيئون رام مهراج جن کان نام هدايت ڪرڻ جي تمام
گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿي سگهيا،
ڇاڪاڻ ته گرو مهراج جن جو چهرو لال ۽ سورج
واگر ايو چمڪندو هو، گهڻو ڪري ڪنهن کي به
سامهون نهارڻ جي همت ڪونه ٿيندي هئي. ان

ڪري سوامي جن جي اڇا پوري ٿي نه سگهي، بار
بار ناڪامياب ٿيندي به، همت ڪونه هاري ۽
لڳاتار ڪاميابيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. سندن
پڪي ارادي، سچي لگن ۽ سچي وشواس ليٽ
هٽي هند ڪيو، اٽڪل سال کن گذرڻ بعد هڪ
ڏينهن ماما ڪان موڪل وٺي ڪنڀوءَ روانا ٿيا، اُتي
پهچي گرو مهراج جن جي ڏيري لهي ويا، قدرت
سان گرو مهراج اُن وقت ٻاهر ويل هئا، سوامي جن
پنهنجيءَ ناليءَ ڪرشنا ديوي، ماما صاحب ٻائي
ٺهلرام، سوامي گوال لال مهراج ۽ گهر ۾ سڀني سان مليا
سڀني جي آسيس ورتائون ۽ حال احوال
به ڏنائون، هفتي کن بعد گرو مهراج جن به آيا
گرو مهراج جن جو درشن ڪري سوامي جن ڏاڍو
خوش ٿيا ۽ گڏو گڏ آشا ۽ نراشا جي جهوليءَ ۾ به
جهولڻ لڳا ۽ سوچڻ لڳا ته هن دفعي به خبر ناهي
ته ڪاميابي ملندي يا نه. ان چئن ڏينهن گذرڻ بعد
سوامي جن همت رکي هٿ جوڙي گرو مهراج جن
کي پنهنجي دل جو حال ٻڌايو. احوال ٻڌي ستگرو
مهراج جن، سوامي جن ڏانهن هڪ پيرو غور سان نهاريو
۽ من ۾ ڪجهه ويچار ڪري (امتحان وٺڻ جي خيال
کان) آڳيان ڏيئي فرمايو ته وري ٻئي دفعي اچجان،
ائين چئي گرو مهراج جن درٻار ڏانهن هليا ويا،

آگيا ملڻ سوامي جن سيٺ کان موڪلائي موٽي ڳوٺ آيا ، گهر اچڻ بعد سوامي جن شيوا سان گڏ تپسيا ۾ لڳي ويا ، ڇاڪاڻ ته ٻڌا تپسيا جيڪو انسان ڪندو آهي اُن ۾ ڪا شڪتي ڪانه هوندي آهي ، شاسترن جا اهي رايا آهن ، گيتا اڌياءِ ١٨ ، شلوڪ ٦٧ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ارجن کي اپديش ڪندي ٻڌايو ته هيءُ گيان، جيڪو تپسي نه هجي اُن کي نه ٻڌائج اپنشدن ۾ پڻ اهين ٻڌايو ويو آهي . گيتا ، رامائڻ، ويدن ، اپنشدن وغيره شاسترن کي ڄاڻندڙ ۽ سمجهندڙ ڀڳت، سنت ودوان ٻڌا پرکيا جي ڪڏهن به ڪنهن کي به نام جو اپديش ڪونه ڏيندا آهن .

سوامي جن جي عمر جڏهن ١٤ سالن جي ٿي ته سندن پتا صاحب ڀڳت شيوڪرام جن ڀٽ شاهه مان لڏي اچي ٽوڙهن جي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳا ، ٽوڙهن جي ڳوٺ کي ٽوڙها لڪڻ وارا ۽ ٽوڙها سڏن وارا به چوندا هئا ، ڇاڪاڻ ته ٽوڙهن جي ڳوٺ ۾ سڏن جو هڪ وڏو ۽ سندر استان ٺهيل هو ، اتي پڻ هر مهيني سڏن جو ميلو لڳندو هو ، آچاريه ستگرو نيڻون رام مهراج جن (پنهنجي سنڌ ليءِ سوڌو) پڻ ان ميلي تي هر مهيني ويندا هئا ۽ سڏن جي استان تي لهندا هئا ، پر جڏن ته ڀڳت شيوڪرام جن جڏهن کان ٽوڙهن ۾ اچي رهيا ته تدري ستگرو مهراج جن

سڌو ڀڳت شيوڪرام جن جي گھر اچي ٿيندا هئا، اُن زماني ۾ سڌن جو ميلو ٿي، تمام زور شور سان لڳندو هو، ان ميلي تي به تمام گھڻا سنت ڀڳت ايندا هئا. آچاريه ستگر ٽيئون رام مهراج جن سڀئي آيل سنتن ڀڳتن سان ملندا هئا ۽ پڇندي ميلي لاءِ ٿولو به ڏيئي ويندا هئا. ان ٿولي سڀ سنت ڀڳت وقت بوقت پاڻ ۾ پيا ملندا هئا ۽ رس رهاڻيون ڪندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ڀڳت ٽيڪورام جي اوطاق تي به رات جو ستسنگ ڪندا هئا. دلا، يڪتارا، ٻولڪون، دلبورا، گھنگھرن وارا ڏنڊا، ڪنجهيون، ڪرتالون ۽ ٿڙ وغيره ڳوٺاڻا ساز هوندا هئا، اُهن سازن تي ڀڄن ڪيرتن ٿيندو هو. اُهن راڳن ۾ رس ۽ ورهه ويراڳ ڀريل هوندو هو، سنت ڀڳت وري جو ويراڳ مان درد جي دالهن ڪري ڳائيندا هئا ته پٿر دليون به پاڻي ٿي پونديون هيون. سڄي سڄي رات ڪيرتن ڪندي گذري ويندي هئي.

هيڏالهن سوامي جن ڪي شيوا ۽ تپسيا ڪندي ڪافي وقت گذري ويو. هر مهيني ڪندو ٻارهين جي ميلي تي ڪڏهن پيا صاحب سان گڏ ته ڪڏهن اڪيلا ئي ويندا هئا، ميلي کان سواءِ ئي ڪڏهن ڪڏهن ڪندو ويندا رهندا هئا. جڏهن سنڌن عمر

سورهن سالن جي ٿي، ان سال ۾ پتا ڪان آگيا وٺي
ٻار هين جي ميلي تي ڪنڊو ۾ ويا، ميلي ۾ خوب
شيوا ڪيائون، ميلو ڌام ڌوم سان سماپت ٿيو،
سوامي جن پنهنجي من جي مراد حاصل ڪرڻ جي
ارادي سان ٿي آيا هئا. سو ڪجهه ڏينهن اُتي رهي
پيا. ستگرن جي شيوا وڏي پريم سان ڪرڻ لڳا،
ڪرپا جي ڪٽي حاصل ڪرڻ لاءِ خوب پاڻ پتوڙيائون.
پر ڪين همت ٿي ڪاله ٿي جو گرو مهراج جن کي
سامهون پرارٿنا ڪري سگهن. گرمک داس نه اڳئي ۾
ٿي اُتي رهيل هو، هڪ ڏينهن ستگرو مهراج جن
سوامي جن ۽ گرمک داس ٻنهي کي سڏ ڪري چيو ته
اسين ٢-٤ ڏينهن ٻاهر وڃون ٿا. توهين ٻئي جڻا
ٻنين تي رهي چڱي طرح سان سنڀال ڪجو، اِئين
چئي گرو مهراج جن هليا ويا. پٺيان سوامي جن ۽
گرمک داس ٻئي جڻا آگيا موجب ٻنين کي وڃي سنڀال
ڪرڻ لڳا، حالانڪ ٻنيون ٻارا ڪنڊو ۾ جي بلڪل
ويجهو هئا، پر گرو ۾ جي آگيا موجب ڀوڄن وغيره
لاءِ گهر نه وڃي اُتي ٿي رهي جهنگلي ڦل وغيره
کائي پاڻي پي ٻنين جي سنڀال ڪندا رهيا، هفتي
کن بعد ستگرو مهراج جن موٽي آيا، اچڻ بعد سوامي
جن ۽ گرمک داس کي ٻنين تان گهرائي حال احوال وٺي
ڪهن آسيس ڏني، آسيس پائي ٻئي جڻا ڏاڍو خوش

ٿيا، ٻوءِ نيم موجب شيوا ۾ لڳي ويا. ٻنهون ڀارا ۾ ستسنگ جي شيوا ڪرڻ بعد جڏهن گرو مهراج جن آرام ڪندا هئا ته. ٻئي ڄڻا ستگرو مهراج جن کي زور ڏيندا هئا، اهو نظارو ڄاڻين لڳندو هو ڄڻ ته رام ۽ لڇمڻ مهرشي وشوامتر جن جي شيوا ڪري رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد سوامي جن همت ڪري گرو مهراج جن کي نام دان لاءِ پرارٿنا ڪئي، گرو مهراج جن پرارٿنا ٻڌي. شش ۽ گروءَ جي پرمپرا ۽ شاسترن جي نيمن کي ڌيان ۾ رکندي رات جي ستسنگ ۾ کين سمجهائيندي چيو ته:—

بچن

ٽُڪ - ستگر ٻولي سن ري چيلا،
ساڌ ڪهاون سگم نهين هئه - ساڌن ڪام ڪٺيلا.

١- شيوا سمرن نس دن ڪرنا، ڪاٽن ڀرم ڪا ويلا،
ڪانتي سمجهي پانوَ س ڌرنا، آپ سيت سهيلا.

٢- لوڪ لڄا ڪو سر پر سهنا، جڳ ۾ چرت اڪيلا،
ڪين لڄا ڪو ٽوڙ ڪي چلنا، ڀوَ ٽي رهن اڪيلا.

٣- پانچ وشيه ڪي آس نه ڪرني،
اندريان جيتس رهيلا،
آلٽر آتم چنتن ڪرنا، هئه ٻهه اد ٻس ڪيلا.

٤- کهنا ٽيٺون ڪٺن ڦٿري، ٻهه نا گهل سهيلا،
جيو اٻش ڪي ڪٽي آپاڌي، ڪرن ٻرهم سي ميلا.

ناموري گرهستي ٿي رهڻ يا ناموري گهر ٻار ڇڏي
گيڙو ڪپڙا پائي ساڌو ٿي رهڻ تمام سولو آهي، پر
سچو ساڌو ٿي رهڻ تمام ڏکيو آهي. ڦل کائڻ سولو
آهي پر محنت ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. ساڌو
ٿيڻ ته سولو پر ساڌوپڻو حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو
ڪم آهي. سڀ کان پهريان مَن ۽ اندرين (حواسن)
کي پوريءَ طرح قبضي ۾ رکڻو آهي. ان بابت گيتا،
اُپنشد، رامائڻ ۽ ٻين شاسترن ۾ ڪافي لکيو ويو
آهي، اُنهن کي قبضي ۾ ڪيئن رکجي. اها ته جڳتي
گرو مهراج جن ڪين سيکاري، اُڃ - بُک، سردي - گرمي،
نندا - ليکي، مان - اپمان، خوشي - غم وغيره سڀ
کي سهڻو آهي، مصيبتن ۾ ڌيرج ڌرڻو آهي. شيوا
۽ سمرڻ رات ڏينهن ڪرڻو آهي، وشين، وڪارن
کان پري رهڻو آهي، نفرت ۽ پيار کان بلڪل الڳ
رهڻو آهي، اَيا سروانند! ساڌو ٿيڻ تمام ڏکيو آهي،
ٽکي تلوار جي ڌار تي پيرن اگهاڙو هلڻ ڏکيو آهي
پر ڪو هلڻ چاهي ته هلي سگهي ٿو، پر فقيريءَ جي
رستي تي هلڻ تمام ڏکيو آهي، هيءُ سنسار جيڪو
ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي، اُن کي بلڪل ڇڏڻو آهي
۽ جيڪو ڏسڻ ۾ نٿو اچي اُلسي گهر اَڏڻو آهي،
وسنديءَ کي ڇڏي سڃ ڏي هلڻو آهي. فقيريءَ
جي رستي ۾ پيش اچڻ وارن رنڊڪن جو بيان

ڪري ٻڌون ۽ گهڻيئي ڳالهيون چڱيءَ طرح کولي
سمجهائي گرو مهراج جن پڇيو ته اَبا سروالمد! آسان
جيڪي چيو اهو تو ڌيان سان ٻڌو؟ جيڪڏهن ڌيان
سان ٻڌو ته انهيءَ تي وري ٻه ويچار ڪري، ڪڙ
ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي. انهن ته تني جو
اَڳتي وک وڌائي وري پوئتي موٽڻو پوندو. گرو
مهراج جن جا اَمرت ڀريل وچن ۽ ٻُجهيون ٻُجهارتون
ٻُڌي سوامي جن ۽ گرمک داس هٿ جوڙي چوڻ
لڳا ته هي پرڀو! توهان جي ڪرپا سان مشڪل به
آسان ٿي سگهي ٿو. سوامي جن ۽ گرمک داس جي
اهڙي شردا ڏسي گرو مهراج جن مشڪي ڪين چيو ته
توهان جو اهڙو اٽل وشواس آهي ته هڪ سال اچا به
انتظار ڪريو، پوءِ توهان کي نام دان ڏينداسون.
گرو مهراج جن جا اَمرت وچن ٻڌي ٻئي چيلا ڏاڍو
خوش ٿيا، پوءِ تـه خوب شيوا ڪرڻ لڳا، وقت
گذرندي دير ڪانه ٿي لڳي، خوشيءَ ۾ ڪين خبر ٿي
ڪانه پئي تـه وقت ڪيئن گذري ويو، برابر هڪ
سال گذرڻ بعد ستگرو مهراج جن کين ٻنهي کي آڪاري
سمجهي نام دان لاءِ وقت ۽ سامگري ٻڌائي. ستگرو
مهراج جن جي آگيا موجب ٻئي چيلا پوڄا جي سامگري
کڻي شيوا ۾ حاضر ٿيا، پوءِ ستگرو مهراج جن جي
وڌيءَ موجب پوڄا ڪئي. ستگرو مهراج جـن کين

وڌيءَ موجب نام جو دان ڏنو. نام دان وٺڻ بعد
ورتي ته گرو مهراج جن جي پوڄا ڪري پرڪرما
ڏيئي چرن ڇهي آسيس ورتي. آسيس ڏيئي وري
به گرو مهراج جن کين هدايت ڪري چيو ته هوا،
باهه، پاڻي، ڌرتي، آڪاس، ڏهئي ڏسيون، رات،
ڏينهن، سج، چنڊ، تارا وغيره سڀ پرماتما جا لڪل
روپ آهن. ڪو به انسان ڪٿي به ۽ ڪڏهن به وقت
سٺا يا خراب ڪهڙا به ڪرم ڪري ٿو ته اهي لڪي
اُن جي ڪرمن کي ڏسن ٿا ۽ شاهد بڻجن ٿا، ان
ڪري جڏن پرماتما سڀ هنڌ حاضر آهي تڏن گروءَ
کي به هر وقت هر هنڌ حاضر ڄاڻجو. انهن سمجهاڻي
گرو مهراج جن کين شيوا لاءِ آگيا ڏني. آگيا پائي
ٻئي ڄڻا شيوا ۾ لڳي ويا.

هفتي کن بعد گرو مهراج جن سوامي جن کي ڳوٺ
وڃڻ جي آگيا ڏني ۽ هڪ اوني شال به سندس
ڳچيءَ ۾ پاتي. سوامي جن آگيا پائي آسيس وٺي
نوڙهن ۾ آيا. گهر پهچي ماتا پتا کي نمرتا سان پيرين
پئي آسيس ورتي، هن دفعي ڀڳت شيوڪرام جن
پنهنجي پٽ جو چهرو ڏسي عجب ۾ پئجي
ويو. اُن جي چهري تي هڪ عجيب قسم جي
چمڪ هئي.

گذريل زماني جي ڳالهه آهي ته هڪ رشي بالڪ

پنهنجي ماءُ کان آگيا وٺي رشي ڪُل ۾ گروءَ وٽ
ودِيا پڙهڻ لاءِ تيار ٿي هلڻ لڳو ته ايتري ۾ ڪيس ياد
آيو ته جي گرو مون کان ڪُل ۽ گوتر پڇي ته ڪهڙو
جواب ڏيندس، سو پنهنجي ماءُ کان پڇيائين ته
اَمان! جيڪڏهن گرو مون کان ڪُل ۽ گوتر پڇي ته پوءِ
ڪهڙو جواب ڏيان؟ ماءُ کيس چيو ته جيڪڏهن گرو
توکان اهي ڳالهيون پڇي ته تون هن کي اهو جواب
ڏجِ ته مان جبال جو پٽ ستيه ڪام جابال آهيان ۽
اهو مونکي منهنجي ماءُ ٻڌايو آهي، وڌيڪ مون
کي ڪا به خبر ڪانه آهي، پوءِ ماءُ کان موڪلائي
جڏهن گروءَ جي گهر پهتو ته گروءَ اُن کان ساڳيو
سوال پڇيو جيڪو هن جي اندر ۾ اڳ ۾ ئي هو، گروءَ
جي سوال پڇڻ تي ستيه ڪام جابال ساڳيا اکر جيڪي
ماءُ کيس سمجهايا هئا، اهي ئي ٻڌايا ۽ ودِيا پڙهڻ
لاءِ پڻ عرض ڪيو، سڀ ڪجهه ٻڌي گروءَ کيس آگيا
ڪئي ته ستيه ڪام! هي جيڪي ڳائيون، وڇڙا لنڊا
وڏا ٻور بيٺا آهن، تن سڀني کي ڪاهي جهنگل ۾
وڃ، جڏهن هنن ٻورن جو تعداد هڪ هزار ٿئي
تڏهن واپس هت اچ، ستيه ڪام هاڻ ڪجهه سوچ
ويچار جي گروءَ جي آگيا پائي ڳائيون - وڇڙا ڪاهي
جهنگل ڏانهن روانو ٿيو، ڪجهه وقت گذرڻ بعد انهن
ڳائين مان هڪ ٻڍي (ٻيل) ستيه ڪام جي سامهون

آچي ڇڏو نه هي ستين ڪام! اسان جو تعداد هڪ هزار
ٿي چڪو آهي، هاڻ اسان کي گروه جي گهر وٺي
هلو. اهو ٻڌي ستين ڪام سين ڍورن کي ڪاهي
روانو ٿيو، رات جو رستي ۾ آرام ڪيائين، انهن
ڍورن مان هڪ ڍڳي ستين ڪام کي چيو ته مان
توکي برهم جي هڪ پاد جو اپديش ڪريان ٿو،
برهم جي ٻئي پاد جو اپديش توکي جل جو پکي
ڪندو، ائين چئي ان ڍڳي برهم جي هڪ پاد جو
اپديش ستين ڪام کي ڪيو، ٻي رات جو جل جي
پکيءَ کيس برهم جي ٻئي پاد جو اپديش ڪندي
چيو ته برهم جي ٽئين پاد جو اپديش توکي اگني
ڪندي، ٽين رات جو ستين ڪام کي برهم جي ٽئين
پاد جو اپديش اگنيءَ ڪيو، چوٿين ڏينهن گروه
جي گهر پهتو، گروه جي گهر پهچي گروه جي چرڻن
۾ پرڻام ڪيو، گرو ستين ڪام ڏانهن نهاري پڇڻ
لڳو ته هي ستين ڪام! تنهن جو چهرو برهم تيج
سان چمڪي رهيو آهي، سچ ٻڌاءِ ته توکي برهم جو
اپديش ڪنهن ڪيو آهي؟ اهو ٻڌي ستين ڪام
سچي ڳالهه منڍ کان وٺي آخر تائين ڪري ٻڌائي،
سچي ڳالهه ٻڌي گروه کيس باقي رهيل برهم جي
چوٿين پاد جو اپديش ڪيو. هن اتهاس لکڻ جو
مطلب ته سوامي جن جي چهري جي عجب چمڪ ڏسي

پيتا ڪالھن پڇيو تہ پٽ اڄ تنھنجو چھرو خوشيءَ سان چمڪي رهيو آهي، تنھنجي چھري ۾ تيج آهي ۽ هيءَ اولي شال تو ڪٿان آندي آهي؟ اهو ٻڌي سوامي جن هٿ جوڙي پتا صاحب کي سڄي ڳالھہ ٻڌائي ڇيو تہ هن ٻار هينءَ جي ميلي لي مون عجب نظارا ڏٺا، گرو مهراج جن جي وېراڳي آواز منھنجي من ۾ ڪافي آنند مانند مچائي ڏني، جڏن تہ محبت جي مچ ۾ گيھہ جون آھوتيون پئجي رهيون هيون، پرهم جي ٻاھہ ٻڙڪا ڏيڻ لڳي، گرو مهراج جن جو هڪ هڪ اکر تير وانگر منھنجي لس لس ۾ چڀي ويو، هيتري سالن ۾ مون ڪڏهن بہ اهڙي ڳالھہ محسوس ڪانہ ڪئي. پر هاڻ مولڪي لٿين ڳالھين جو اثر ٿيو آهي، گرو مهراج جن جيڪي ڀڄن ڳايا تن مان هڪ هن ريت آهي.

ڀڄن راڳ تلنگ

ٽل- دل ڪا داغ نہ ڌوتا جاوي،
سھسين صابڻ لايا مئن.

١- درد لڳا رانجھن دا سڄڻي،
ٻڙڪي اندر برھہ دي اڳڻي،
جھنگ وڪار جلايا مئن.

٢- رانجھن والي ترس نرالي، الٽا بولن التي چالي،
الٽا ڀيد س پايا مئن.

٣- رانجهن والا مست پيالا، پي ڪر هويا مَن متوالا،
اپڻا آپ پلايا مَنّ ۔

٤- رانجهن اوپر صدقي جاوان،
ڪهي نيڻون ڪڍ ٽانڪي گاوان،
ساچا نيهه لڳايا مَنّ۔

سوامي جن نه پتا صاحب کي نمرتا سان مدد ڪان وٺي ساري ڳالهه ٻڌائي ڇيو ته هن دفعي مان گرو مهراج جن کان پوتر نام جو اُپديش وٺي آيو آهيان، هيءَ اولي شال ٻڌ گرو مهراج جن پاڻ پنهنجي پوتر هٿن سان منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌي آهي. سموري ڳالهه ٻڌي پتا صاحب شيوڪرام جن ڏاڍو خوش ٿيا. ان بعد پتا جي آگيا موجب ستسنگ ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويا، گروءَ جي ڏنل اُپديش موجب نيم سان رهڻ لڳا، جئن جئن ابياس ڪندا ويا تئن تئن سندن هردو وڌيڪ صاف ٿيندو ويو ۽ کين دنيا جي وهنوار کان ويراڳ ۽ جهنجهٽ کان نفرت اچڻ لڳي، گرو ڪرپا سان سندن من مان موهه ممتا نڪرڻ لڳي. وهنوار ۽ گهر ٻار جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي پٽ جو من نه لڳندو ڏسي پتا صاحب جن کين گهڻو ڪجهه سمجهائي ڇيو ته مان هاڻي ٻڍڙو ٿيندو ٿو وڃان هي سڀ ڪاروبار گهر ٻار توکي سنڀالڻو آهي.

श्लोक – यत्रास्ति भोगो न च तत्र मोक्षः ।
यत्रास्ति मोक्षो न च तत्र भोगः ॥

جتي دنيا جا ڀوڳ پدارٿ آهن اتي موڪش ڪڏهن به ڪونه ٿي سگهندو ۽ جتي ويراڳ آهي اتي وري دنيا جا ڀوڳ پدارٿ ڪونه ٿي سگهندا. پتا صاحب جا وچن ٻڌي سوامي جن هٿ جوڙي نمرتا سان چيو ته گرو ڌارڻ ڪرڻ کان پوءِ منهنجي من جي حالت بدلجي وئي آهي، هاڻ منهنجو من وهنوار ۾ بلڪل نٿو لڳي، پتا صاحب جن پنهنجي پٽ جي خيالن کي ڏسي سمجهي ويا ته هاڻ هن جو من سنسار ۾ نه لڳندو، تڏهن ڪندي به سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا، هڪ طرف پتا جي آگيا ٻئي طرف برهم جي ٻاهه، تڏهن هوندي به سوامي جن پتا جي آگيائن جو پالڻ ڪرڻ ۾ ڪسر ڪين ڇڏيندا هئا، ليڪن برهم جي ٻاهه به ڪين وهڻ ٿي ڏيندي هئي، جڳهه ته پنهنجي هين ٻر گهر ٻاريءَ ڪي ڇا نٿو گهرجي، گذر ته غريباڻو هوندو هو ٻر ان لاءِ به پيسو گهرجي، ان زماني ۾ سڀ شيون سستيون ۽ سٺيون ضرور هونديون هيون ٻر پئسي بنا نه ڪونه ملنديون هيون، تڏهن ڪان سواءِ ڪڏهن ڪان گهرڻ ۾ به لڄ ٿيندي هئي، اڌارو وٺڻ يا قرض ڪڍڻ به شرم جي ڳالهه هوندي هئي، ماڻهو وٽن جا وسيلا ٿڪون

ڪي ايندا هئا پيا پڳڙا ڪائي وٺس گڏا پئندا هئا پر
ڪڏهن ڪان نه ڪنهن گهر ايندا هئا، سادو ڪاڳ و، سادو
ڀرڻ ۽ سادو ائٽڻ وهڻ هوندو هو، انهن سڀني
جي ڇاڻ سوامي جن کي هوندي هئي. ڪڏهن هوندي
نه ويراڳ جو ٻڙو ٻاري ڏيندو و ٻو، ڪنهن راس ڏينهن
اهائي لڳن (ڪاس) هوندي هئي نه ڪنهن نه آئما
جو ساڪياس درشن ڪري اصلي آنند کي پاپان، ان
ڪيڻ ڳوٺ ۾ لڳا ئي رهندا هئا.

آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي وڏي
ڀاءُ جو نالو ڀائي ٽهلرام هو ۽ ننڍي ڀاءُ جو نالو سوامي
گوالانند هو، ماتا جو نالو شريمتي ڪرشنا ديوي ۽
پتا جو نالو شري چيلارام صاحب هو، سوامي جن جو
ناناڻو ڪل هو، ڪنهن وقت ڪان سوامي گوالانند مهراج جن
گڏ رن ۽ هندائن جا آس پاس ڳوٺن لاءِ سڏن جي
ميلي ڪي ٿوڙهن جي ڳوٺ ۾ ڪٽي ويندا هئا، سوامي
گوالانند مهراج جن نه اڳه ۾ ئي ويراڳي پرش هئا،
ڪڏهن ڪڏهن ميلي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ نه ڀڳت
شيوڪرام جن وٽ رهي پوندا هئا، پوءِ سڀوئن
سڀيون راتيون سوامي گوالانند جن ۽ سوامي جن ٻاڻ ۾ ٻيا
رس رهاڻ ڪندا هئا، هڪ دفعي سوامي گوالانند
مهراج جن اوچتو ئي اوچتو ٻڌان موڪلائي گرمک داس
کي ٻاڻ سان وٺي ڪنهن وقت مان روانا ٿي اچي ٿوڙهن
۾ پهتا، سڏ و پهچي ٿيڻ شريمتي ايشوري ٻائي
ڀڳت شيوڪرام جن جي گهر اچي لٿا، پڻان ڪير ڏنڻ

جي او چتو اچڻ ڪري ايشوري ٻائي ڪالهه پڇيو ته
ڪيڏي مهل آيا آهيو ۽ ڪجهه وڪڻڻ آيا آهيو ڇا؟
پڻ جو اهو سوال ٻڌي سوامي گوالاند جن چيو ته
هن ڀيري قيمتي مال وڪڻڻ آيا آهيون، پڻ اهو
جواب ٻڌي چرچو سمجهي کلي چپ ڪئي، اها
ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ به ڪانه آئي ۽ نڪو ان
ڳالهه ڏانهن ڌيان ئي ڏنائين، پوءِ ڀوڄن تيار ٿيو جو
سڀ کائي ستسنگ ڪري آرامي ٿيا، وجهه وٺي
آڌي رات جو سوامي جن ۽ مولچند جي پٽ پوري
ڀڳت کي به ساڻ وٺي چار ئي ڄڻا گهر مان نڪري
جهنگل ڏانهن روانا ٿيا، صبح جو سوامي گوالاند
مهراج، سوامي جن ۽ گرمکداس کي گهر ۾ نه ڏسي
ڀڳت شيوڪرام ۽ شريمتي ايشوري ٻائي ۽ ٻيا گهر جا
ڀاتي عجب ۽ چنتا ۾ پئجي ويا، چوڻ لڳا ته هي
راتو رات ڪيڏانهن هليا ويا، ڳوٺ لنديو هوان
ڪري ٻيا ڳاڇا ڪرڻ ۾ دير ڪانه لڳي، شري
ديالورام ۽ ٻين کان ٻڌي رهيا هئا ته، اهتري ۾ ڀڳت
مولچند به ٻنهي پٽ کي ڳولهيندو اچي نڪتو،
حال احوال مان خبر پئي ته ڀڳت مولچند جو پٽ پڻ
راتو رات هليو ويو آهي، ويچار ڪندي ان فيصلي
تي پهتا ته چار ئي ڄڻا گڏجي ويا آهن، ڳولها ڪرڻ
جو ڪو به رستو نه ڏسي سڀ ئي چپ ڪري هليا

ويا، لنگهن ڪندي به سيٺيءَ مٽن مائٽن کي ڳولها
ڪرڻ لاءِ لياپا موڪليا، ٢-٣ ڏينهن گذرڻ بعد
ڪنبوره مان ستگرو مهراج جن جو موڪليل قاصد
ٽوڙهن جي ڳوٺ ۾ ڀڳت شيوڪرام جن وٽ آيو ۽
ستگرو مهراج جن جو لياپو ڏيئي پڇيو ته سوامي
گوال لال جن ۽ گرمک داس جن هٿ ته ڪو نه آيا
آهن؟ اهو سماچار ٻڌي ڀڳت صاحب جن چوڻ لڳا
ته گوال لال ۽ گرمک داس جن هٿ آيا هئا ۽ هنن
پاڻ سر والده ۽ ٽالور داس کي به پاڻ سان وٺي الائجي
ڪيڏانهن هليا ويا آهن، ڪين ائين ته ڪرڻ گهرجي
هو، اسان جو خيال رکڻ گهرجي هو، هاڻ پڇندڙن
کي ڪٿي ڳولجي! هو ڏانهن سوامي گوالالد جن،
سوامي جن، گرمک داس ۽ ٽالور داس چار ئي جڻا ڪجهه
وقت واريءَ جي ڀٽن ۾ رهي پوءِ مالڪي، ڪنڊڙو،
ٿاهار، ٽنڊو ٻاگو، ميرپور خاص ۽ ٻين ڳوٺن شهرن
مان گهمندا ڦرندا اچي ٽنڊي آدم ۾ پُرسان مقام ۾
رهيا. انسان جي هڪ ڀرار ڪنبوره اچي ستگرو
مهراج جن کي ٻڌايو ته توهان جا ڪي سنت ڪجهه
ڏينهن کان وٺي مقام ۾ ويٺا آهن، جنهن مهين کان
پوءِ اهو سماچار ٻڌي ستگرو مهراج جن هڪ ماڻهو
موڪلي سيٺيءَ کي گهرائي ورتو. ڪنبوره پهچي
سيٺيءَ ستگرو مهراج کي ٻنهي هٿن ٻڌي آسيس ورتي.

انڪل چئن مهينن کان پوءِ سوامي جن واپس پنهنجي
ڳوٺ آيا. سوامي جن گهر اچي ماتا پتا کي پيرين
پئي سارو سماچار ٻڌايو، ماتا پتا کين آسيس ڏني.
ڀڳت صاحب جن گهر جي حالتن ڏانهن سندن ڌيان
ڇڪائي وري به کيس سمجهائڻ لڳا پر انهن تي
ڪو خاص اثر ڪونه ٿيو. هڪ ڏينهن سوامي جن
ڀڄن ٺاهي ۽ ڳائي رهيا هئا، جو هن ريت آهي.

راڳ پيلا ڀڄن

ٽل - اس جڳتر ۾ تم جانو، گذران دو دن ڪا.
١- تم ديڪه ڪٽمب ڪو موهيا، يهه جنم امولڪ کويا،
ڪڇ توهه وچار نه هويا، هٿ ڪوئي نا ڪن ڪا.
٢- تجهه لاڳي نيند پياري، نا غافل ڪري تياري.
اسٽ دور پيالڪ ڀاري، مگه آگي هٿ رن ڪا.
٣- لت ويد ڪرت وکيانا، تهين سمجهي هو نادانا،
ڪيون وشيون ۾ لپٽانا، جو سک هٿ پل ڇن ڪا.
٤- ڪهي ٽيئون نر سن ليجي،
اب ڀوڳون ڪو تج ديجي،
مل گر سي هري رس پيجي، جگه جانو ني تن ڪا.

مٿيون ڀڄن ڀڳت شيوڪرام جن ٻڌو، پٽ جي
اهڙي ويراڳ ور تي ڏسي کين تمام گهڻي چنتا ٿي
پر ساڳئي وقت خوشي به ٿين، ڇو ته ڀڳت صاحب
جن پاڻ به انهن ڳالهين جا چڱي طرح ڄاڻو هئا وري

کين پراڻي ڳالهه ياد آئي ته سندن پتا صاحب (ڀڳت وشنداس) جن ٻرهم لوڪ جي ياترا ڪرڻ کان اڳ مولڪي سمجهائيندي چيو هو ته مان وري تو وٽ پٽ جي روپ ۾ ايندس. اها ڳالهه ياد اچڻ تي کين خوشي ٿي ته پڪ ئي پڪ هيءُ پٽ جي روپ ۾ پوجيه پتا صاحب ئي آهن، اهو ويچار ڪري دل کي آٿت ڏنائون، پر دنيا جو موهه مايا ڏاڍو زبردست آهي، هر هڪ جيو ايشور جي مايا ۾ جڪڙيو پيو آهي.

ڀڳوان شري ڪرشڻ جن پاڻ ارجن کي سمجهائيندي چون ٿا ته منهنجي مايا تمام ٻلوان آهي، اهڙو ڪو به ڪونه آهي جيڪو منهنجي مايا کان ڇٽي سگهي.

جيتوڻيڪ ڀڳت شيوڪرام جن پڻ گٽي ۽ گيانوان هئا تڏهن هوندي به موهه جي وس ٿي ڪري وري به پٽ کي سمجهائيندي چيو ته جيڪو رستو تو ورتو آهي اهو رستو تمام سٺو آهي پر سنسار جو گاڏو به ته هلائڻو آهي، ماءُ پيءُ کي ٻارن ۾ ڪافي آشون اميدون هونديون آهن، پر هن تمولي جي تون سنسار جي ڪٽ پٽ کان پاسو پيو ڪندين ته ڪيئن ڪم هلندو، منهنجي عمر به ته هاڻ وڏي ٿيندي ٿي وڃي ۽ ٻڍاپو ايندو پيو وڃي، سوامي جن پتا جي وچن کي بلڪل ڌيان سان ٻڌو ۽ تمام

ٻنڌ سان عرض ڪري چوڻ لڳا تہ، بابا توهان
جي آڳيائن جو بہ پورو پورو پالن ڪندس، توهين
ڪابہ چنتا نہ ڪريو، پر بابا ڀڳوان جي مايا تمام وچتر
آهي، ڪڏهن نہ ڪڏهن ڀولي هن جيو کي ڀلائي
وري بہ سنسار چڪر ۾ ڦاسائي ڇڏي ٿي، هن مايا
۾ ڦاٿي هوئي جيو ڪئين ڦيرا چؤراسيءَ جا چڪر
کائي دک سک ڀوڳي وري هت اچي انسان ٿيو
آهي، انساني چولو موکي جو دروازو آهي، پر هن
جيو ڪان اڳين جو ٽين جون سڀ ڳالهيون ڀلجي وڃن
ٿيون، ان ڪري هر هر مايا موهہ ۾ ڦاسي وڃي ٿو،
پر وري بہ ڀڳوان ڪرپا ڪري هن جيو کي انسان
جو چولو ڏئي ٿو، ان ڪري بابا مون کي آسيس
ڪريو جئن هن مايا موهہ کان بہ هميشه لاءِ ڇٽي
وڃان ۽ توهان جي آڳيائن جو پالن بہ ڪري سگهان.
پتا صاحب جن ڪين دل سان آسيس ڏني، رات جو
ستسنگ ۾ سوامي جن هيءُ ڀڄن ڳايو.

راڳ ڪنسو ڀڄن

ٽل - عجب ٻڌائي مايا هري ني - عجب ٻڌائي مايا.

١- ڪيا ڪهون ڪڇ ڪهت نہ آوي -
آد پت ڪيل کلايا.

چوراسي لک جوڻ اپائي - سڀ ڪي مالهہ سمايا.

٢- نرگن سي وهہ سرگن هوڪي -
رام ڪرشن کهلايا -

ڪهڙا نيڻون ڪو جس ڪنٿي - ٻار ڪٿي نا ٻاٻا.

پتا جي آسيس وٺڻ بعد سوامي جن جي من ۾ ڪجهه اثر ضرور پيو پر سندن حالت ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونه آيو، هاڻ پتا صاحب شيوڪرام جن ڏنو ته ٻار ۾ سان سمجهائڻ سان هيءُ ٻار سمجهڻ وارو نه آهي، انڪري ڪجهه ٻئي ڪو داب ڏيئي سمجهائڻ لڳا، اها حالت ڏسي ماتا ايشوري ٻائي پنهنجي پتيءَ کي هٿ جوڙي عرض ڪري چيو ته توهين ڇوڪري کي گهڻو نه چئو نه دڙڪو ڏيو، جيڪڏهن هن جو من دنيا جي موهه مايا ۾ نٿو لڳي ته ڇڏي ڏيوس، ڀڳتيءَ جو مارگ ڪو خراب ڪونه آهي، اهڙي هلي پاڻيهي پنهنجي وڏن جو نالو روشن ڪندو. پنهنجي ڌرم پتنيءَ جي ڳالهه ٻڌي پتا صاحب جن وڏيڪ ڪاوڙ مان چوڻ لڳا ته گهر جو خرچ ڪٿان ايندو، گهر جي حالت ته توکي ساري پتي آهي، جڏهن مدت ڪجهه ڪڏهن پئسو ملندو ۽ وهنوار جون گهرجون پوريون ٿي سگهنديون. پتيءَ جا وچن ٻڌي ايشوري ٻائي وري به پيار ڀنا ڪري چوڻ لڳي ته جيڪو پرماتما ساري سنسار جي پالنا ڪري رهيو آهي، اهو پنهنجي ڀڳت جي پالنا ڪندو، توهين ته ڀڳوان جي مهما کي چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا، انڪري پرماتما تي ڀروسو رکو،

ڀڳوان سڀ چڱي ڪندو، اهو ٻڌي ڀڳت شيوڪرام جن ڪٿي ماٺ ڪئي. ماتا پتا جي گفتگو سوامي جن ٻڌندا رهيا.

ٿيا ڪرڻ گهر جي، ٿيا نه ڪرڻ گهر جي، ان لاءِ ڪو به فيصلو ڪري نه سگهيا، وقت گذرندو رهيو، سوامي جن ماتا پتا کي به ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو ان ڪري ٻيو ڪو رستو نه ڏسي حال ۾ ٻئي ٻارن ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويا، پر ڏينهن رات من ۾ پرماتما جي تات لڳي رهندي هئي، سوامي جن صبح جو ٻنيءَ تي ويندا هئا ته يڪتارو به پاڻ سان کڻي ويندا هئا. ٻنيءَ جو ڪم ڪار جلدي جلدي لاهي يڪتارو کڻي پنهنجي ڳائڻ وهندا هئا، ۽ مهندار راڄهو ۽ ٻيو جيڪي ٻنيءَ جو ڪم ڪار ڪندا هئا اهي به اتي ۽ دلا وڄائيندا هئا، ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جا ٽهيل پنهنجي ۽ ٻين سنتن جا پنهنجي ڳائيندا هئا، ڪڏهن ته سڄي رات ٻنيءَ تي ئي راڳ ڳائيندي گذري ويندي هئي. سوامي جن جي آواز ۾ وئراڳ ۽ روحاني رس سمايل هو، ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد سوامي جن شهداد پور پنهنجي ماسيءَ جي ڏيءَ (ماساڻ) وٽ گهمڻ ويا، ڪجهه ڏينهن اتي رهيا ان وچ ۾ ڪنڊوءَ مان سوامي گوال لال، گرمک داس ۽ اوڌو داس (ڪنڊوءَ وارو) سي پڻ اچي شهداد پور

پهتا، ٢ - ٤ ڏينهن اتي رهي پوءِ اهي نيٺي ڇٽا
سوامي جن کي ٻه ٻار ساڻ گڏ وٺي ٻيا موڪلائي راس
ٿي راس جو شهداد پور مان روانا ٿـي ويا. گهمندا
ڦرندا روهڙي ۽ کان ٿي خانپور ڪٽورا جتي ڀڳت
منگهرمل رهندو هو، اتي وڃي پهتا، ڀڳت منگهرمل
گيانوان، سنگيت جو خوب ڄاڻو، سنت شيوي ۽
مهمان نواز هو، چار پنج ڏينهن اتي رهي ڀڳت منگهرمل
کان موڪلائي سڌو امرتسر ڏانهن روانا ٿيا، اهڙي
طرح پنجاب جي ٻين ڳوٺن، شهرن مان گهمندا
ڦرندا ٻن مهينن کان پوءِ موٽي پنهنجي گهر آيا، گهر
اچڻ کان پوءِ سوامي جن گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي
ويا، پتا جن کين سمجهائيندا رهندا هئا ته توهان
ٻيان موڪلائي هليو ٿو وڃين، ڪجهه ماءُ پيءُ جو به
خيال رک. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪنب وءِ کان
گرمک داس نوڙهن ۾ آيو، ڪجهه ڏينهن اتي رهيو،
ان کان پوءِ سوامي جن پتا کان آگيا وٺي گرمک داس
کي ٻار ساڻ وٺي سفر تي نڪتا، هن ڀيري ٻـيـر
ٻار ۾ ٢ ڄڻا هئا، لاڙ پاسي جو سفر ڪندي وڃي
جوڌپور نڪتا، الان جيپور، بيڪانير، مارواڙ ۽ ٻين
شهرن جو چڱو سفر ڪيائون، ٣ - ٤ مهينا سفر ڪري
موٽي ڳوٺ آيا، اهڙي طرح سوامي جن جو وقت
گذرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن سوامي جن پنڊو نه ستگرو مهراج جن مهند ليءِ سونڊو هردوار تيرٿن جا درشن ڪرڻ وڃي رهيا آهن، سو پتا ڪان آگيا وٺي سوامي جن ڪنڊوءِ ويا، ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ستگرو مهراج جن مهندلي وٺي پاترا لاءِ روانا ٿيا، هردوار پهچي سيڌي گنگا ماتا ۽ پين مندرن جا درشن ڪيا ۽ گنگا ماتا جي پوتر جل ۾ ٽبيون ڏيون ۽ امرت روپي جل جو پان ڪري خوش ٿيا، ڪجهه ڏينهن گنگا ماتا جي پوتر ڪناري تي واس ڪيائون. پوجن جيترن مان وٺي ايندا هئا، رشي ڪيش، لڇمڻ جهولا وغيره هردوار جي اوسي پاسي جي سيڌي تيرٿن جو درشن ڪري سيڌي ڏاڍو خوش ٿيا.

ستگرو مهراج جن جي پڄن ڪيرتن سان تمام گهڻي دل هوندي هئي. اڪري صبح، شام ۽ رات جو ڪيرتن جي موج مڃيندي هئي. پلي پنڊڻ وارا هجن يا نه هجن پر ستگرو مهراج جن پڄن ڪيرتن ۾ اهڙو نه مگهن ٿي ويندا هئا جو ٻاهرين دنيا ڪان بلڪل الڳ ٿي ويندا هئا، جو نه انهن جو راڳ رڳو رام ڪي رنجهائڻ لاءِ هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ هردوار ۾ سنت ساڌو تمام گهڻا رهندا هئا، جيڏانهن نهار تيڏانهن رڳو سنت ئي سنت ڏسڻ ۾ ايندا هئا، گرهستي پاڻري بلڪل ٿورا ايندا هئا، اهي به گهڻو

قرڻ يا واپار جي خيال کان نه پر خاص ياترا جي خيال کان ايندا هئا. ان ڪري ستسنگ ۾ مدد ليءِ کان سواءِ ٻيا ساڌو سنت به اچي وهندا هئا، اهو نظارو اهڙو لڳندو هو جڻ نه رشين منين جي سڀا گڏ ٿي هجي. اهڙو دل لڀ نظارو ڏسي، سوامي جن ۽ سوامي گرمکداس جن ٻنهي ۾ هڪ ٻئي کي چيو ته ستگرو مهراج جن جيڪر اسان کي به هن پوتر ڀوميءَ تي سنياس ڏين ته ڏاڍو سٺو. انترجامي ستگرو مهراج جن سوامي جن ۽ سوامي گرمکداس جي من جي مراد سمجهي ويا.

آئينده جو ويچار ڪري ٻنهي کي يوڳيه سمجهي هردوار (مايا پري) جي پوتر ڀوميءَ، پتت پاوني گنگا ماتا جي پاون تٽ، هر کي پوڙيءَ تي ايڪادشيءَ جي سڀ ڏينهن ستگرو مهراج جن سوامي سروانند ۽ سوامي گرمکداس کي شاسترن جي وڌيءَ موجب سنياس ڏنو. سنياس وٺي ٻنهي ڄڻن ستگرو مهراج جن جي پوڄا ۽ پرڪرما ڪري چرڻ ڇهي آسيس ورتي. ان وقت سوامي جن جي عمر اٺاويهه سال هئي.

سوامي جن جي تيرٿ ياترا تي وڃڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن ڀڳت شيوڪرام جن پنهنجي ڏ ۽ منٽي ايشوري ڀائيءَ سان گهرو حالتن ۽ وهنوار جي باري ۾ صلاح ڪرڻ لڳا ته، هڪ طرف گهرو حالتون هي

آهن، ٻنهي طرف سر والد جو هدن ڳالهين ۾ ٻاڪل من لٿو لڳي، هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي! روزانو ان ڳالهه تي ويچار ڪندي آخر ۾ اهو فيصلو ڪيائون ته جيئن ئي ستگرو مهراج جن ايندا ته کين روبرو سموري حقيقت کان واقف ڪنداسون، پوءِ جيئن اهي صلاح ڏين ان موجب ڪيو ويندو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ستگرو مهراج جن تيرٿ ياترا ڪري سک سان واپس ڪندب وءِ آيا ۽ سوامي جن پڻ ستگرو مهراج جن کان آگيا وٺي پنهنجي ڳوٺ آيا. گهر اچي ماتا پتا کي پيرن پئي آسيس ورتي. پوءِ ياترا جو سارو حال ٻڌائي چيو ته ستگرو مهراج جن مونکي سنياس به ڏنو آهي.

ياترا جو سارو سماچار ٻڌي، گيڙو ڪپڙا پاتل ڏسي ۽ سنياس جو ٻالو ٻڌي آقي ٻاقي ڀڳت شيوڪرام جن کي پڪ ٿي وئي ته هاڻ ته ڇوڪرو اسان جي هٿن مان صفا نڪري ويو، ان وقت سوامي جن کي ڪجهه ڪولي چيائون پر ڌرمپتني ايشوري ٻائيءَ کي چيائون ته هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي، پنهنجي ويچارن کي سمجهي ايشوري ٻائيءَ کين ٻرار ڏنا ڪري چيو ته توهين هڪ واري ته ڪندب وءِ وڃو پوءِ جيئن ڀڳوان ٻڌايو. ڌرمپتنيءَ جي ڳالهه ٻڌي ڀڳت صاحب شيوڪرام جن ڪندب وءِ وڃڻ جو ويچار ڪيو، رات جي ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد پر ماڻهن مان کين خبر

پڻي ته ستگرو ٽيئون رام مهراج جن هت ٽوڙهن ۾ سيٺ پرسومل سيٺ لالُون مل جي گهر شاديءَ لئي اچڻا آهن. اهو شب سماچار ٻڌي ڪنڊ وءَ وڃڻ جو ويچار لاهي ڇڏيائون ۽ سوچيائون ته هت ايندا ته پوءِ روبرو کين حقيقت ٻڌائي ويندي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ستگرو مهراج منڊلي وٽي ٽوڙهن ۾ آيا، ڀڳت شيوڪرام ۽ ٻين ايشوري ڀائيءَ سان مليا، سڀ ڏاڍو خوش ٿيا، سڀ کان وڌيڪ سوامي جن کي خوشي ٿي، هڪ ڏينهن ستگرو مهراج جن کي اڪيلو ۽ سٺو موقعو ڏسي ڀڳت شيوڪرام جن کين سربستي حقيقت ٻڌائي سروالند کي سمجهائڻ لاءِ عرض ڪيو، گرو مهراج جن سارو حال ٻڌي ڀڳت شيوڪرام کي آٿت ڏيئي سمجهائي چوڻ لڳا ته توهين چنتا نه ڪريو، اسان ڀڳوان سان ڀائيواري ڪئي آهي، جهڙو حصو اسان کي ملندو، اهو ساڳيو حصو سروالند کي به ڏينداسون، وڌيڪ سمجهائيندي ستگرو مهراج جن کين چيو ته هن سنسار ساگر کان پار ٿيڻ لاءِ سنتن جو سنگ ۽ ڀڳوان جو ڀڄن ٿي هڪ ٻيڙو آهي، توهين پاڻ هڪ ڀڄن ڳائيندا آهيو ته "ساڌو! رتن گئي دن ٻي جاوي" سو هن زندگيءَ تي کهڙو ڀروسو! جيستائين شرير تندرست آهي، اکيون، لڪ، ڏند، جڀ، هٿ پير وغيره

سڀئي حواس (اندريون) ٽيڪ ٺاڪ آهن، جو پڻ اوستا آهي، تيستائين هن انسان کي گهرجي ته سڀ ڳالهيون ڇڏي ايشور جو ڀڄن ڪري پنهنجو جنم سڌاري وٺي، ڇو ته پوءِ پيرائيءَ اچڻ تي شرير ڪمزور ۽ روڳي ٿي پوندو، سڀئي حواس مان شڪتي نڪري ويندي پوءِ انسان ڇا ڪري سگهندو. پوءِ پڇتائڻ مان ڪجهه به ڪونه ورندو. تنهن ڪري اسان جي صلاح اها آهي ته هاڻ توهين روٽي ٽڪري کائي ويهي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو. سروانند کي اسان ڀڳوان جي ڪارخاني ۾ حصيدار بڻايو آهي، تنهن ڪري توهان جاءِ جڳهه ڇڏيون ٻارا وڪڻي جيڪو سامان ڪڍي سگهو اهو ڪڍي ٻيو وڪڻي اچي اسان وٽ ڪنبوءَ ۾ رهو، سڀ چنتائون ڇڏي ڏيو، ڀڳت شيوڪرام جن کي ستگرو مهراج جن جي اها صلاح تمام پسند آئي، پوءِ ستت ئي سڀ سامان وڪڻي ڌرمپتني ايشوري ٻائي ۽ ٻن ننڍن ٻارن (ڌرمداس ۽ سمجهه ٻائيءَ) کي پاڻ سان وٺي ڪنبوءَ اچي ستگرو مهراج جن وٽ رهيا. پنهنجو وقت ڀڄن پاٺ ۽ باغ جي شيوا ۾ گذارڻ لڳا، ماتا ايشوري ٻائي پڻ پتيءَ جي آگيائن پالن ڪرڻ ۽ شيوا ۾ پنهنجو وقت سڦل ڪندي رهندي هئي.

سوامي سروانند مهراج جن جا پتا صاحب ڀڳت

شيو ڪرام جن کنڊوءَ کان پوءِ ننڍي آدم امراپور
دربار تي اچي رهيا، پڇاڙيءَ تائين شيوا سمرڻ ڪندا
رهيا، سنه ١٩٣٧ع، چيٽ مهيني ۾ پرم پرڪاش
آشرم ڦليلي حيدرآباد (سنڌ) ۾ پنهنجن تن جي ديهه
تياڳي گرو مهراج جن جي چرڻن ۾ لين ٿي ويا. پوءِ
سنت ني ديش جو ورهاڱو ٿيو. پوءِ سوامي سروانند
مهراج ۽ سنت منڊل سان گڏ ماتا ايشوري ٻائي پڻ
هندستان ۾ آئي، هندستان ۾ تيرٿ ياترا به ڪيائين
۽ ڪولمبي (وديش) مان به ٿي آئي، جهونر امراپور
استان ۾ رهي شيوا سمرڻ ڪندي رهي، ١٥-٨-١٩٥٦
جو هن فاني دنيا کي ڇڏي هميشه لاءِ گرو مهراج
جن جي چرڻن ۾ لين ٿي وئي.

ڪجهه وقت گذرڻ بعد ٻيرالي شهر مان ڀڳت
صاحب ميگهو رام جن جي ميلي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ
ستگرو مهراج جن کي لوڏو آيو، ستگرو مهراج جن
منڊلي وٺي ٻيراليءَ روانا ٿيا، ميلي سماپت ٿيڻ
کان پوءِ ننڍي آدم آيا، اُن زماني ۾ ستگرو مهراج
جن گهڻو ڪري پيدل ياترا ڪندا هئا، ننڍي آدم
۾ ڪجهه ڏينهن رهيا، اُن کان پوءِ ننڍي آدم جي
ڏکڻ طرف واريءَ جي ڍرن ۽ گهاٽن جهنگلن ۾
امراپور دربار جي استاپنا ڪيائون. (ننڍي آدم ۾
امراپور دربار ڪيئن لهي اُن بابت سچو بيان وستار

سان ستگرو ٽيئونرام مهراج جن جي جيونيءَ ۾ ڏنل آهي.)
امراپور دربار استاپن ڪرڻ کان پوءِ ستگرو مهراج جن
ڪجهه سادن، شيواڌارين کي امراپور دربار لئي شيوا
لاءِ ڇڏي ۽ پاڻ کي پاڻ سان وٺي شڪارپور، سکر،
لاڙڪاڻو، ڪنڌڪوٽ، ڪشمور، جيڪب آباد،
شهداد پور، نوابشاهه، ڪراچي، خيبرا، مهڙا
وغيره سنڌ جي ٻين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪڏهن ڪٿي
ته ڪڏهن ڪٿي پريمين جي سڪ شردا ڏسي انهن
جا سوال پورا ڪرڻ ويندا هئا، پٺيان امراپور دربار
جي نرماڻ جو ڪاربار هلندو رهندو هو، امراپور
دربار جي نرماڻ ڪاربار لاءِ تمام سخت محنت ڪرڻي
پوندي هئي، ڇاڪاڻ ته اٿي رڳو اڏامندڙ واريءَ
جون وڏيون وڏيون ڊڀون هونديون هيون، جن جي
وچ ۾ وڏيون وڏيون ڪنڊون هونديون هيون ۽
گھاٽو جهنگل هوندو هو، صبح جو روزانو پوڄا وشيش
جي ڪٿا ٿيندي هئي، ڪٿا کان پوءِ سڀ ساڌ ۽
شيواڌاري سڀ ڏينهن کي واري ڍوئيندا هئا،
ڪي دڙن کي هڪ جهڙو ڪندا هئا، ڪي جهنگل
وڍيندا هئا، ڪي گاهه جون ڪٽيائون لاهيندا هئا،
ڪي پوڄن ٺاهيندا هئا، ڪي پاڻي ڀري ايندا هئا،
جو ته ڪوهه تمام پري پري هوندا هئا، ستگرو مهراج
جن پاڻ واري ڍوئيندا هئا ۽ ساڳئي وقت سڀن جي

سار سنڀال ۾ پوري ڀوري رکندا هئا، رات جو پاٺ ۽ گيان وارتا ڪندا هئا، گرو مهراج جن صبح جو ۴ بجي ساڌن شيوادارن کي جاڳائي اُپاس ڪرائيندا هئا، عام ماڻهو اُمراپور دربار کي ڏب ۾ چوندا هئا ڇو ته اُتي رڳو وارياءَ جون ڍڳون هونديون هيون، ڏب جو ٻوٽو ۽ ڇٽي مشهور ٿي ويو ۽ ولايت تائين پرمهي ڪٽي ويندا هئا، اُتي ليار، ڪبڙ، ڪرڙ، ڪنڊيون، گيدوڙا، ٻيرون وغيره ٻيا جهنگلي ڦلن جا وڻ ٻه گهڻا هوندا هئا، سوامي سروانند مهراج جن رهڻ ۽ ساڌنا لاءِ پنهنجي هٿن سان هڪ ڪبڙ جي وڻ ۾ مٽي ڪٽيا ٺاهي هئي، ڏينهن جو دربار جي ڪم ڪار ۾ ۽ رات جو ڪٽيا ۾ ساڌنا ۾ لڳا رهندا هئا، اها ڪبڙ واري ڪٽيا پڄاڙيءَ تائين سلامت هئي. ديش جي ورهاڱي کان پوءِ جي خبر ڪانه آهي. اهي ڳالهيون شروعاتي آهن.

سوامي جن اُمراپور دربار ۾ رهي شيوا ۽ ساڌنا ۾ پنهنجو وقت گذارڻ لڳا، هڪ دفعي کين ڪيلاش گنگوتري وغيره اُترا کنڊ جي تيرٿن جي ياترا ڪرڻ جو ويچار ٿيو. هڪ ڏينهن ستگرو مهراج جن کي تيرٿ ياترا ڪرڻ بابت پرارٿنا ڪيائون، ستگرو مهراج جن کين خوشيءَ سان آگيا ۽ آسيس ڏني ۽ تيرٿ ياترا جا نيم به کين سمجهايا، ستگرو

مهراج جن جي آڳيان ۽ آسپاس پالي سوامي جن اڪيلا
تي تيرٿ يـاترا لاءِ نڪتي آدم ڪان روانا ٿـي
هرڊوار پهتا ۽ اُتان رشيڪيش ويا، رشيڪيش پهچي
ڪالي ڪملي واري ڇتر ۾ ٺهرڻ ور تياڳون ۽ اُتي
جي سنتن مان تيرٿ ياترا بابت ضروري سوچنائون
۽ ٻرايتون ڪيائون، پوءِ تمام لي ستگرو مهراج جن جي
چرڻ ڪملن جو سمرڻ ڪندي پيدل تيرٿ ياترا لاءِ
هماليه ڏي مٿي چڙهيا. اُن زمانـي ۾ يـاتري پيدل
ياترا ڪندا هئا. بس وغيره جو ڪو بندوبست
ڪونه هوندو هو. چاڪاڻ ته رستا ٺهيل ڪونه هوندا
هئا. انهن نون سهولتن نه ڪونه هونديون هيون.
رستا سوڙها، ور وڪڙن ۽ اُتاهين چاڙهين ۽ هيٺاهين
لاهين وارا ۽ هيبت مٿي هوندا هئا. آهي ئي کهڙو
ڪري ٻرف سان ڍڪيل هوندا هئا. هڪ طرف تمام
ڏيگها ٻ گهيا پهاڙ ۽ ٻئي طرف تمام هيٺاهون اونهاڻون
۽ تيز رفتار سان وهندڙ گنگا ماتا جي ڌارا. وچ ۾
تمام سوڙها رستا. اُن ڪري اُن زمانـي ۾ هماليه
جي تيرٿن جي ياترا تمام ڏکي ليکي ويندي هئي،
رستي تي چٽيون (لپا ڊڪان) هونديون هيون.
اُترا کنڊ (هماليه) آلادي ڪال کان وٺي رشين منين
واڻ رشين، تپسين جي تپسيا ڀومي رهي آهي، هماليه
جا پهاڙي اتارا ۽ دل چڪيندڙ آهن. سوامي جن

مهراج جن جي آڪيا ۽ آسيس پائي سوامي جن اڪيلا
ئي تيرٿ ياترا لاءِ نڪتي آدم ڪان روانا ٿي
هردوار پهتا ۽ اتان رشيڪيش ويا، رشيڪيش پهچي
ڪالي ڪملي واري ڇتر ۾ ڀوڄن ورتائون ۽ اتي
جي سنتن مان تيرٿ ياترا بابت ضروري سوچنائون
۽ هدايت ڪيائون، پوءِ تيار ٿي ستگرو مهراج جن جي
چرن ڪملن جو سمرڻ ڪندي پيدل تيرٿ ياترا لاءِ
هماليه ڏي مٿي چڙهيا. اُن زماني ۾ ياتري پيدل
ياترا ڪندا هئا. بس وغيره جو ڪوبه بندوبست
ڪونه هوندو هو. چاڪاڻ ته رستا ٺهيل ڪونه هوندا
هئا. اهڙيون سهوليتون به ڪونه هونديون هيون.
رستا سوڙها، ور وڪڙ ۽ اڀاهين چاڙهين ۽ هيٺاهين
لاهين وارا ۽ هيٺ مٿي هوندا هئا. اهي به گهڻو
ڪري برف سان ڍڪيل هوندا هئا. هڪ طرف تمام
ڏگها ڏگها پهاڙ ۽ ٻئي طرف تمام هيٺاهيون اونهايون
۽ تيز رفتار سان وهندڙ گنگا ماتا جي ڌارا. وچ ۾
تمام سوڙها رستا. ان ڪري اُن زماني ۾ هماليه
جي تيرٿن جي ياترا تمام ڏکي ليکي ويندي هئي.
رستي تي چٽيون (ننڍا دڪان) هونديون هيون.
اتر کنڊ (هماليه) آبادي کان وٺي رشين، منين،
راجه رشين، يگين جي تپسيا ڀومي رهي آهي، هماليه
جا پهاڙي نظارا به دل ڇڪيندڙ آهن. سوامي جن

ڌيري ڌيري ياترا ڪرڻ لڳا. گنگوتري، جمنوتري،
ڪيلاش، بدري ناٿ، ڪيدار ناٿ، ٻيا ڪيدار،
پنج پرياگ، ڪرڻ پرياگ، رد ر پرياگ، ترجگي نارائڻ،
تنگ ناٿ، اتر ڪاشي، جوشي مٺ، شري نگر،
گنڌ ماليه پهاڙ، ڀواليءَ جي چڙهائي، گوري ڪنڊ،
پرگو گنگا، الڪ نندا، منداڪني وغيره هماليه جي
سڀني تيرٿن ۽ گنگا وغيره سڀني پوتر ڌارائن ۾ نيم
موجب سوامي جن سنان، سنڌيا، ترپڻ وغيره ڪيو
۽ پوڄيه ديو مندرن جا درشن ڪيا، ڪندرائن ۽
گفائن ۾ رهندڙن رشين، منين يوگين جا درشن ٿي
ڪيا، هڪ سڌ پرش سوامي اوڪار ناٿ مهراج جن
جو درشن پڻ ڪيائون، سوامي جن تيرٿ ياترا کان
موٽندي جڏهن هنومان چٽيءَ تي پهتا تہ اتي هڪ
پوڙهي ماتا سان سندن ملاقات ٿي، ماتا جي اوستا
ڏسي سوامي جن ان کان پڇيو تہ جڏهن تہ پيرسن ۾ پيا
ٿا گهڻا ئي وڏا تيرٿ آهن، پوءِ تون اها سولي ياترا
ڇڏي هن ڏکي ۾ ڏکي ياترا تي ڇو آئي آهين؟
اسين جوان آهيون تڏهن بہ سيءَ ۾ پيا ڏڪون ٿا
ٿڪجي پيا آهيون، اهو ٻڌي ماتا چوڻ لڳي تہ مهراج
هيءَ ٽيون ڀيرو مان بدري نارائڻ جي ياترا ڪري
موٽي رهي آهيان. ماتا جو جواب ٻڌي سوامي جن
عجب مان پڇڻ لڳا تہ ٽن ڀيرن ياترا ڪرڻ جو مطلب

ڪهڙو آهي؟ ماتا چوڻ لڳي ته مهراج! مون ٻڌو آهي ته جيڪا مائي ٣ ڀيرا شري بدري نارائڻ جي ياترا ڪندي ته اُن کي ٻيو جنم مرڻ جو ملندو، اهو ٻڌي سوامي جن چوڻ لڳا ته ٽي ڀيرا ياترا ڪرڻ کان پوءِ به توکي مرڻ جو ٽي جنم ملندو يا ٻيو به ڪجهه ٿيندو؟ ماتا چوڻ لڳي ته نه، مهراج مرڻ جو ٽي جنم ملندو، سوامي جن چيو ته ڀلا ٻڌاءِ ته سهڻن مرڻن کي ڪهڙو سک آهي؟ مرڻ ته پاڻ وڏو ڏک ڏکي آهن. اهو ٻڌي ماتا چوڻ لڳي ته مهراج! ڀلا توهين ٻڌايو ته سک ڇا ۾ آهي ته مان اهو اُپاءُ ڪريان، سوامي جن تيرٿن جي مهما ڪندي ماتا کي سمجهائي چوڻ لڳا ته جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ ٽي سک آهي، سو تون مرڻ ڇٽڻ جي چاهنا ٿن مان ڪڍي موڪش پائڻ جي چاهنا رک، تيرٿن ۾ تمام گهڻي شڪتي آهي، توکي ضرور موڪش ملندو.

٢-٤ ڏيهن هنومان چٽي ۾ رهي پوءِ ڏيري ڏيري ياترا ڪندا اچي رشيڪيش پهتا، رشيڪيش هماليه جي تيرٿن جو مکيه دروازو آهي، پتت پاولي گنگا ماتا به هماليه جي ڏ گهن ڀهاڙن مان لڪري پهرين رشيڪيش ۾ پرگهٽ ٿئي ٿي، رشيڪيش هماليه جي گود ۾ آهي، رشيڪيش رشين منين جي تپو ڀومي آهي، اڄ کان لڳ ڀڳ هڪ سؤ

سال پهرين رشيڪيش جو رنگ روپ ڪجهه ٻيو
هوندو هو، سنڌين کان وٺي لڇمڻ جهولا تائين جهنگل
۽ جهاڙيون هونديون هيون، صرف ڪاليءَ ڪملي
وارن جو ڇيتر هوندو هو جو اڄ به آهي ۽ هڪ
دوڪان هوندو هو، ٻيا اتي ڪانه هوندي هئي،
ڪٿي ڪٿي ڪو فانوس ٻرندو هو، چئني طرفن کان
شانتيءَ جو واتاورڻ هوندو هو، دنيا جي ڪا به
کٽ پٽ ڪانه هوندي هئي، عام ماڻهن جو شور غل
بلڪل ڪونه هوندو هو، صرف گنگا ماتا جي
وهڪري جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو جو اڄ به آهي.
جهاڙين ۾ سنت مهاتمائون گاهه جون جهوپڙيون ناهي
الڳ الڳ رهندا هئا، ڪالي ڪملي ڇيتر مان رڳو
ڏينهن جو هڪ دفعو ڀوڄن چار ڦلڪا ۽ دال ملندي
هئي، جهاڙين ۾ رهندڙ سنت سادو ڀوڄن کائي گنگا
جو پوتر جل پي سادنا ۾ لڳا رهندا هئا، گنگا
ڪناري صبح جو ستسنگ ٿيندو هو، بابا هرنامداس
نالي سنت ستسنگ ڪندو هو، ستسنگ ۾ اچڻ لاءِ ڪا به
پابندي ڪانه هوندي هئي، ڏهن هوندي به گهڻو
ڪري سڀ سنت ايندا هئا، اهڙو دلڪش نظارو،
ايڪانت استان ۽ شد واتاورڻ ڏسي سوامي جن به
ڪجهه ڏينهن اتي رهڻ جو ويچار ڪيو، جهاڙين ۾
پنهنجي هٿن سان هڪ گاهه جي ڪٽيا ناهي ان ۾

رهڻ لڳا، گرو مهراج جن جي سمجهاڻي موجب ٻڌيا ڪرڻ لڳا، جيئن ته سوامي جن ستگرو مهراج جن کان رڳو تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ آگيا ورتي هئي اُن ڪري ڪجهه ڏينهن اُتي رهي واپس موٽي ايندي آدم امراپور دربار تي آيا، اُتي پهچي ستگرو مهراج جن جي چرڻن ۾ پرڻام ڪري آسيس ورتي ۽ ياترا جو سمورو حال احوال ٻڌايو پوءِ ستگرو مهراج جن جي آگيا پاڻي امراپور دربار جي سيوا ۾ لڳي ويا.

امراپور دربار جو ڪم ڪار ته زور شور سان هلندو هو، هاڻ چيت جو ميلو به ويجهو آيو پوءِ ته سيٺي سنت سيواداري ميلي جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويا، ڪيترا پريمي ميلي کان اڳواٽ سيوا لاءِ سنڌ جي جدا جدا شهرن مان به اچڻ لڳا، ستگرو مهراج جن جي مهر جي نظر سان سڀ سنت سيواداري رات ڏينهن سيوا ۾ لڳا رهندا هئا، ڪنهن کي به ٿڪاوٽ محسوس ڪونه ٿيندي هئي. ميلي تي ڪتان ڪتان جا سنت، ڀڳت آيا ۽ پريمي به خوب آيا. برابر چار ڏينهن ٿيڻ ٿو جن جو خوب ڀنڊارو هليو، ميلو ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. سڀ پريمي ميلي کان پوءِ موڪلائي پنهنجي پنهنجي شهر ويا.

ميلي جي سماپتي کان پوءِ سوامي جن ستگرو مهراج جن کي ياترا تي وڃڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي، ستگرو

مهراج جن سنڌس اندر جي اچا جاٽي ڪيس ياترا ني
وچڻ لاءِ آگيا ۽ آسيس ڏني ، آگيا ۽ آسيس پائي
سوامي جن ، سوامي گرمکداس جن کي پاڻ سان گڏ
وٺي ياترا لاءِ روانا ٿيا . ننڍي آدم کان روانا ٿي
ننڍو باگو ، جهڏو ، گدام ، ڏگهڙي ، مير پور خاص ۽
ٻين شهرن ڳوٺن جي ياترا ڪيائون ، انهن شهرن ۾
سنت هنس لهر ڀاڳ ۽ سنت ڀنڊ پري ۾ سان سندن
ملاقات ۽ وارتالاپ ٿي ، ڪڇ ڏيهه لاڙ جي پاسي
جو سفر ڪري پرٿمين کان موڪلائي راجستان جي
ياترا لاءِ روانا ٿيا ، ٻاڙمير ، لوٽي ، پالي ۽ مارواڙ کان
ٿيندا اجمير ويا ، اجمير کان تيرٿ راج پشڪر ويا ،
پشڪر راج جي سڀني تيرٿن جو درشن ، سنان ۽
پرڪرما ڪيائون ، اتان پوءِ جوڌپور پاسي رامديو
جي درشن لاءِ ويا ، اتان تي ياترا ڪندا اڌيپور
شري ناٿدواري پهتا . ان طرف جي سڀني تيرٿن
جو درشن ڪيائون ، ان کان پوءِ ڏهري ڏهري ياترا
ڪندا ڀڳوان شري ڪرشڻ چند آنند ڪند جن جي
جنم ڀومي شري متراپري ۾ آيا پهتا ، مترا ، گوڪل
بندرابن ، شيوا ڪنج ارسالا ، نند گانءِ ، گوردن ، رمڻ ريتي
ڀڳوان شري ڪرشڻ جي ليلا استانن ، جنم ڀومي ۽
سڀني تيرٿن جا درشن ، سنان ۽ پرڪرما ڪيائون ،
ڪڇ ڏيهه ارجهه ڀومي ۾ ليواس ڪرڻ کان پوءِ

دهليءِ، سهارنپور کان ٿيندا هردوار پهتا. هردوار
ڀيڙي پتت پاولي شري گنگا ماتا جا درشن ڪيا ۽
سندس پوِتر جل ۾ ٽٻي ڏنائون، پوءِ ڇيتر مان
پرچن ڪاٺي جيڪو ٿورو گهڻو بسترو هون اهو وڇائي
گنگا جي ڪناري تي آرام ڪرڻ لڳا، هردوار جو
اڳيون نظارو ڪجهه ٻيو هو، اسٽيشن کان وٺي سبزي
منڊيءَ تائين شروع لات پارڪ هوندو هو جو هن
وقت بلڪل ڪولهه آهي. اڳي ۾ ماڻهو صرف تيرٿ
يا ترا ڪرڻ جي خيال کان ايندا هئا، ان ڪري
واتاورڻ شڌ ۽ پوِتر هوندو هو، رشيڪيش وانگر
هردوار ۾ به گهڻائي ويراڳي سنت مهاتمائون رهندا
هئا، سياري جي موسم ۾ گنگوتري، يمنوتري،
بدري ناٿ، اتر ڪاشيءَ وغيره هماليه جي ڪندرائن
۾ رهڻ وارا سنت مهاتمائون به رشيڪيش ۽ هردوار
۾ اچي رهندا هئا، سوامي متراداس مهراج جي ٽالي
هڪ تمام ودوان، گيانوان ۽ ويراڳي سنت به هردوار
۾ رهندو هو، هڪ دفعي گنگا ۾ سنان ڪندي
سندس لانگوٽي گنگا جي تيز وهڪري ۾ لڙهي
وئي، اهو ڏسي سنت هٿ جوڙي گنگا ماتا کي
چوڻ لڳو ته هي گنگا ماتا! ڏاڍو چڱو ٿيو جو هن
ڪت پٽ کان به ڇڏايئه، ان کان پوءِ اهو سنت جيئون
تر ٻيان لانگوٽيءَ جي رهيو، ان کان سواءِ بدن ست

ڪيشوانند مهراج جو ٻين مهان ودوان ۽ ويراڳين جي مورتي هو ۽ ٻيا ٻين سنت مهاتمائون گهڻي آنند ۾ رهندا هئا، پرنتو ڪيشوانند مهراج جن سان سوامي جن جي وقت ٻوقت رس رهاڻ ٿيندي رهندي هئي، سوامي جن پرنتو ڪيشوانند مهراج جن کي ستگرو مهراج ۽ ٻين سنتن جا ٿهل ويراڳ ڀريا ڀڄن وڏي پريم سان ڳائي ٻڌائيندا هئا، جن ٻڌي پرنتو ڏاڍو خوش ٿيندو هو. سوامي جن ۽ سوامي گرمکداس جن پنهنجي رهڻ لاءِ گنگا ڪناري هڪ وڻ هيٺان گاهه جي جهوپڙي ٺاهي رهندا هئا، ڀوڄن ڇيٽرن مان ڀا مڌوڪري ڪري آڻيندا هئا.

دوها:- سڀ ڪي پاپي مڌوڪري، نانا وڌ ڪو ناج،
ڪاهون ڪي داوا نهين، پڙو رام ڪو راڄ.

مڌوڪريءَ جو ڀوڄن بلڪل پوتر ليکيو ويو آهي، مڌوڪري ڇا کي ٿو چئجي؟ (ناراڻ هريءَ) جو آواز ڪري پنج گهرن مان جيتري ضرورت هجي اوترو ڀوڄن وٺجي، ان کي مڌوڪري چئجي ٿو، ان ڀکيا جي ڀوڄن ۾ اٽو - سٽو، ڪارو - ڪٽو، ڦڪو مٺو، ڪچو - پڪو، رکو - سکو ۽ ڪيترن ئي قسمن جو اناج هوندو آهي. مڌوڪريءَ جي ڀوڄن لاءِ نه پئسي جي ضرورت، نه ڪوڙ ڪپٽ جي ضرورت، نه چوريءَ جي ضرورت پوندي آهي، اڪو ڪر

زور زبردستيءَ جو سوال آهي، ڇاڪاڻ تہ ڀڳوان رام جو راڄ وڏو آهي، هيءُ سڄو سنسار رام جو راڄ آهي، ٻيا هڪ نہ ڏيندو تہ ٻيو ڏيندو، ڪنهن لاءِ بہ ڪو ٻنڌڻ ڪونہ آهي، سوامي جن گهڻو ڪري مڌوڪريءَ جو ڀوڄن ورتائيندا هئا، صبحءَ ۽ شام جو ايڪانت ۾ رهندا هئا، بلڪل ٿورو وقت آرام ڪندا هئا، باقي سڀ وقت سمرڻ- مهاتمائن سان وارتالاپ ۽ ستسنگ ۾ سڦلو ڪندا هئا، هڪ ڏينهن گنگا جو اسنان ڪري مڌوڪريءَ لاءِ وڃي رهيا هئا تہ هڪ پريميءَ شرڌا سان سڏ ڪري کين ڀوڄن ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، سوامي جن اُن جو پريم ڏسي ڀوڄن سويڪار ڪيو، اُن پريميءَ دال ۽ ڀور ڀون وغيره ڀوڄن ڏنو، سوامي جن ۽ سوامي گرمکداس جن ڀوڄن هٿن ۾ وٺي اڳتي وڌي هڪ وڻ هيٺان کائڻ لاءِ آيا ويٺا مس تہ اوچتو باندر جي آيا سي ٻنهي جي هٿن مان ڀوڄن جا پڙا ڦري کڻي ويا، سوامي جن ۽ سوامي گرمکداس جن ڏسندا ئي رهيا، پوءِ وري ٻئي پريميءَ کين ڀوڄن ڪرايو، اُن وقت پئسو ڏوڪڙ سوامي جن وٽ ڪونہ هو نہ ڪو ڪرپاڻ وٽ رکندا هئا، سوامي جن ۽ سوامي گرمکداس جن ڪجهہ وقت گنگا جي ڪناري تي نواس ڪيو، اُن کان پوءِ ڪاشي، اَيوڌيا، لکنو، اَلهاباد (پراياگہ راڄ) جي تيرٿن جي ياترا ڪندا، اَٽڪل ڇهن پنجن مهينن

کان پوءِ اچي امراپور دربار ۾ لڳي ٿندي آدم پهتا،
دربار ۾ پهچي ستگرو مهراج جن جي چرڻن ۾ پرڻام
ڪري آسيس ورتائون. آگيا پائي دربار جي شيوا
ٽهل ۾ لڳي ويا. هڪ ڏينهن ستگرو مهراج جن
سوامي جن کي سڏ ڪري پڇيو ته اٻا سرواننند! ڀڳتيءَ
جو مارگ ڪيئن آهي؟ پاڻ کي ڪا تڪليف ته ڪان
ٿي؟ ستگرو مهراج جن جا اهي پيار ڀريا وچن ٻڌي
سوامي جن هٿ جوڙي پاڻ جو سماچار ٻڌائي عرض
ڪيو ته هي پريو! توهان جي مايا تمام زبردست
آهي ۽ ڀڳتيءَ جو مارگ ڏکيو آهي، پر جنهن تي
توهان جي ديا ڪرپا آهي اُن لاءِ ڪا به ڏکيائي ڪان
آهي، توهان جي ڪرپا سان سڀ ڪارج راس ٿي
ويندا آهن. سوامي جن جي سچي شرڌا ۽ پڪو
وشواس ڏسي، سڀني ششن ۽ شيواڌارين کي وهاري
سندن شرڌا ۽ وشواس وڌائڻ ۽ پڪي ڪرڻ جي
خيال کان ڪين گڏ رهڻ زماني جو اتهاس ٻڌائي ستگرو
مهراج چوڻ لڳا ته هڪ دفعي ڇترپتي شواجي مهراج
جن جو گرو سمرٿ شري رامداس مهراج پنهنجن
ڪجهه چيلن سان پاڻ ڪنڌي هڪ ڪوهه تي اچي
پهتو، منجهند جو وقت ۽ ڏينهن تتل ڏسي سوامي
رامداس مهراج جن چيلن کي اچي وڻن جي ٿڌي
ڇانو ۾ آرام ڪرڻ لاءِ آگيا ڏني ۽ پاڻ پڻ هڪ وڻ

جي هيٺان آرام ڪرڻ لڳا، اوچتو سندن نظر ڪوهه
پرسان بيٺل وڻ تي وڃي پئي، اُن وڻ جو هڪ
وڏو ڏار سڌو بلڪل ڪوهه مٿان هو، دل ۾
ڪجهه ويچار ڪري، اُمباداس ٽالي هڪ ڇپاي ڪي
سڏ ڪيائون، اُمباداس هڪدم اچي گروءَ جي
اڳيان حاضر ٿيو ۽ هٿ جوڙي آگيا جو انتظار ڪرڻ
لڳو، گرو رامداس مهراج جن ڪوهه مٿان بيٺل وڻ
جي ڏار ڏانهن اشارو ڪندي اُمباداس کي چيو ته
اُمباداس! ڪوهه مٿان جيڪو وڻ جو ڏار آهي، ڇا
تون اُن ڏار کي وڍي سگهندين؟ گروءَ جا اهي
وچن ٻڌي اُمباداس هٿ جوڙي چيو ته توهان جي
آگيا مانڊي ته ضرور وڍي سگهندس. اهو ٻڌي
گرو رامداس جن چيو ته جيڪڏهن ائين آهي ته
ڪهاڙي کڻي وڻ تي چڙهي وڃ ۽ ڏار کي وڍي ڇڏ،
ڇاڪاڻ ته ڏار بلڪل ڪوهه مٿان آهي، ڏار تي جيڪي
پکي وهن ٿا اُهي وٺيون لاهين ٿا اُهي سڌو ڪوهه ۾
وڃي پون ٿيون ۽ وڻ جا سڪل ڪکه پن به ڪوهه ۾
پون ٿا. انهن ڪري ڪوهه جو پاڻي گندو ٿي وڃي
ٿو ۽ پيئڻ جي لائق نٿو رهي. پر اُمباداس! ڏار کي
بلڪل مُنڍ کان وڍڻو آهي، جنهن ڏار کي مُنڍ کان
وڍڻو هو، اُن ڏار کي وڍڻ لاءِ اُن ڏار تي ويهي
وڍڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونه هو، جيڪڏهن

اُن ڍار لئي ويٺي تہ ڍار کي وڍ جي ۽ وڍڻ وارو
بہ ڍار سان گڏ وڃي ڪوھہ ۾ ڪرندو. وڻ، ڪوھہ،
ڍار ۽ گروہ جي آگيا، سڀ ڳالھيون ڏسي سيٺي چيلا
عجب ۾ سنسي ۾ پئجي ويا، پر اُمباداس جنھن جو
ٽڻن ھئي تہ پو پنو رھيو، پر گروہ سان سوال جواب
ڪرڻ جي ڪنھن کي بہ ھمت ڪونہ ٿي، سنائي
کي چپ ھندي گروہ جي آگيا جو آواز اُمباداس جي
ڪنن تائين پھتو، آگيا ملندي ئي اُمباداس سندرو
ٻڌي کھاڙي ڪٽي وڻ تي چڙھي ويو، جنھن ڍار
کي وڍيو ھو اُن ڍار تي ويھي ٻنھي ڪنھن ڏپ
ڏاو ۽ سنسي جي ڍار کي وڍڻ لڳو، اِھو ڏسي
سوامي رامداس مھراج چوڻ لڳا تہ اُمباداس!
اِن لمولي ڍار وڍڻ سان تہ تون بہ ڍار سوڌو وڃي
ڪوھہ ۾ ڪرندين. اِھي اکر گرو رامداس مھراج جن
خاص ڪري اُمباداس جي پرکيا وٺڻ لاءِ چيا ٿي
جنھن امباداس کي ڏپ لڳي ۽ آگيا پالن ڪرڻ ۾
ڪو ٻھانو ڪري، يا آناڪاني ڪري. گروہ جا وچن
ٻڌي اُمباداس ھي ڏڙڪ ھي ڏيو تي چوڻ لڳو تہ
ھي پڳون! توھان جي ڪرپا ۾ مھان شڪتي سمائل
آھي، جيڪا ھن سنسار ساگر کان پار ڪري سگھي
ٿي، ھيءُ ڪندو ڪوھہ کھڙي ليکي ۾ آھي، جڏھن
گروہ جي ڪرپا سان :-

चौ० गरल सुधा रिपु करहिं मिताई, गो पद सिंधु अनल सितलाई

زهر امرت ٿي سگهي ٿو، دشمن دوست ٿي سگهن ٿا، اٿاهه سمنڊ ڳاءِ جي کر جيترو ٿي سگهي ٿو، باهه برف ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن شاسترن ۽ سنتن جون ساکيون سچيون آهن ته پوءِ هي ننڍڙو کوهه ته بلڪل رواجي ڳالهه آهي، مون کي نه ڊپ آهي نه سنسو آهي، صرف توهان جي آسيس ۽ آگيا جي ضرورت آهي، توهان هر طرح سان سمرٿ آهيو پوءِ مون کي ڪهڙي پرواهه! امباداس جا اهي وچن ٻڌي گرو رامداس جن فرمايو ته، جيڪڏهن اهڙي شرڌا ۽ وشواس آهي ته دير نه ڪر، گروءَ جي آگيا پائي ۽ آسيس وٺي گروءَ جو دل ۾ ڌيان ڪري ڏار کي ويڙهڻ لڳو، ڏار تمام وڏو ۽ ٿلهو هو، اڃا اڌ مس ويڙهيائين ته ڏار هڪدم ٽڪو ڪاڏو ۽ ٽڪ ٽڪ ڪندو امباداس سوڌو وڃي کوهه ۾ ڪريو، اهو حال ڏسي سڀ چيلا هڪا ٻڪا ٿي هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا، منجهي پيا ۽ دانهون ڪرڻ لڳا، پر گرو رامداس جن بلڪل شانت ۾ ويٺا رهيا.

ڀڄن

ٽل - رکي رام جنهن کي راضي ٿو،
سو ڪٿي جڳت مان هاري ٿو.

۱- پاپي ڦوري ڪوڪان شهر ڪري
۽ باري سر ٿي مهر ڪري،

پر وار و ڏنگو تنهن ڪير ڪري،
جنهن ٿي نام ڪري نه نوازي ٿو.

٢- جنهن تي رام سچو ٿو ڇانوَ ڪري،
تنهن واءُ لٿي نا ڏاءُ ڪري،
نا شستر ڪو ٿي گهاءُ ڪري،
جو ڪري الک در آزي ٿو.

٣- ڪهي ٽيئون ٻاي ڪرتار آهي،
ٻيو نپل سچو سنسار آهي،
ور ٿو هر جو جنهن آڌار آهي،
سو ڪين ڪڏي موٽاجي ٿو.

مطلب ته جنهن کي به گروءَ ڀڳوان ۾ سچي سڪ شرڌا ۽ وشواس آهي، اُن تي ئي گروءَ جي اڻ مٽ آسيس ٿيندي آهي، اُن جو ڪير به وار ونگو ڪري ڪين سگهندو آهي، امباداس ڏار ضرور وڍي رهيو هو پر سندس سچو ڌيان گروءَ ۾ هو. اِن ڪري ڏار ٽٽڻ ۽ هيٺ ڪرڻ جي ڪيس ڪا به خبر ڪانه پئي، پاڻ کي ڏار تي ويٺل ڏٺائين، کوهه ۾ به گروءَ جو درشن ڪري رهيو هو، گرو رامداس مهراج جن امباداس کي کوهه کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چيلن کي آگيا ڏني، کوهه کان ٻاهر نڪري امباداس گروءَ جي چرڻن ۾ سيس جهڪائي پرڻام ڪيو ۽ چيو ته سائين! توهان جي اپار ڪرپا سان اولي به سولي ٿي سگهي

لي، سوريءَ مان ڪندو ٿي سگهي ٿو، گرو ڪيس آسيس ڏني ۽ گر ڀڳتيءَ جو وردان ڏنو. اهڙا ڪئا ٻڌائي ستگرو مهراج جن سوامي جن ۽ سڀني ششن شيواڌارين کي چوڻ لڳا ته. آبا! توهان جو اٽل وشواس ئي توهان کي منزل مقصد تي پهچائيندو.

امراپور دربار (ٽنڊي آدم) ۾ روز صبح ۽ شام جو نيم موجب ستسنگ ٿيندو هو ۽ سڄو ڏينهن شيوا جو ڪم هلندو هو، ڪيترا پريمي دربار جي شيوا لاءِ پيا ايندا ويندا هئا ۽ مهمان، مسافر، ساڌو سنت پڻ پيا ايندا ويندا هئا، ستگرو مهراج جن کي پريمي پرارٿنا ڪري پنهنجن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وٺي ويندا هئا، ستگرو مهراج جن مدد لي وٺي پريمين وٽ ويندا هئا. سوامي جن کي پڻ ڪڏهن پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا ته ڪڏهن دربار جي شيوا لاءِ ڇڏي ويندا هئا، هڪ دفعي ڇيٽ جي ميلي کان پوءِ گرمين ۾ لڪن جا ڏينهن هئا، هميشه جيان دربار جا سڀ سنت شيواڌاري دربار جي شيوا ۾ لڳا پيا هئا، ستگرو مهراج جن پڻ سڄي دربار جي نظرداري ڪندي اُتي وڃي پهتا جتي سوامي جن واري پيا ڍوئي رهيا هئا، ستگرو مهراج جن اوچتو سوامي جن کي سڏ ڪري آگيا ڏني ته هيءَ جيڪو کڏو آهي، اهو واريءَ سان ڀرڻو آهي، سو اهو ڪم

ڇڏي واري، جون ٽغارون ڪٽي هن ڪڏ ڪي پر، ٻر
ٻڌ! جيستاءِ اسين توکي سڌ نه ڪريون ٽيستاءِ
ڪڏ پر ٻيٺو رهج، گرو ديو جي آڳيا پائي سوامي جن
تمام گهڻو خوش ٿيا، گرو ديو جي درشن ڪرڻ سان
سندن سڀ ٿڪاوٽ دور ٿي وئي، هاڻ ٻاڻ وڌيڪ
همٿ ۽ اُتساهه سان ڪم ڪرڻ لڳا، وقت ٿي ڀوڄن
جو گهنڊ وڄايو ويو، گهنڊ جو آواز ٻڌي هميشه جيان
سڀ سنت شيواڌاري جو ڪم جتي اُهو اُتي ڇڏي
ڀوڄن ڪرڻ ويا، گهنڊ جو آواز سوامي جن به ٻڌو ۽
ڪين ڀوڄن جي ٽيم جي ٻڻ خبر هئي، گهنڊ جو آواز
ٻڌي سوامي جن ڪم ڇڏي ڀوڄن ڪائڻ لاءِ اچڻ ٽيار
ٿيا مس ته ڪين اندر جي آواز سڄاڳ ڪري چيو ته
گرو مهراج جن توکي آڳيا ڪئي ته جيستاءِ اسين توکي
سڌ نه ڪريون ٽيستاءِ واري ڀرو ٽيٺو رهج. ستگرو
مهراج جن جي آڳيا ڪين هوشيار ڪيو. پر من ۾ چوڻ
لڳا ته گرو مهراج جن اهو ٿورو ئي چيو هو ته ڀوڄن
به نه ڪائڻ وڃج، ڀوڄن لاءِ منع ته ڪونه ڪئي
هئائون، اهو وڇار ڪري هلڻ لڳا ته وري ڪين
وڇار آيو ته ستگرو مهراج جن سڀ ڪجھ سوچي
سمجهي آڳيا ڪئي آهي، جيڪڏهن اُئين نه هجي
ها ته هو ضرور چون ها ته وڃ ۽ ڀوڄن ڪائي وري
وڃي ڪم کي لڳج. آخر ۾ من جي اُڻ ٽڻ لاهي

هڪ مدو ٿي ڪم ڪري لڳا رهيا.

هاڻ ته ڏينهن به گرم ٿيڻ لڳو، سورج ڀڳوان به تپڻ لڳو ۽ گرم لڪ به لڳڻ شروع ٿي، سوامي جن ٻنپهري ڏن ۾ ڪم ڪندا رهيا، اهڙي ۾ هڪ ڏرٻار جو ساڌو ويو جن ڪري آرام ڪرڻ لاءِ ويٺي رهيو هو، اهو اتان اچي لنگهيو، سوامي جن کي ڪم ڪندو ڏسي ويجهو اچي کين چيو ته سوامي جي! هاڻ ته ڏينهن تمام تپي ويو آهي، ٿورو وقت آرام ڪري پوءِ وري اچي ڪم کي لڳو، اهو ٻڌي سوامي جن اُن سنت کي چيو ته گرو مهراج جن هن کڏ کي پورڻ لاءِ آگيا ڪئي آهي، پر ساڳئي وقت اها به آگيا ڪئي اٿن ته جيستائين توکي سڏ نه، ڪريون ڪيستائين ڪم ڇڏي نه اچج، گروءَ جي آگيا جو اُلنگهن ڪرڻ ٺيڪ نه آهي. ائين ٿي وري اهو ساڌو چوڻ لڳو ته سوامي جي! هن وقت تمام گرم ۽ تيز لڪ لڳي رهي آهي ان ڪري توهان ڀلا ٿورو وقت هن وڻ جي هيٺان ويهي ٿڪ ڀڃو، تيستائين مان ٿو توهان جو ڪم ڪريان، آهيءَ رد ٻدل ۾ سوامي جن جي جتي نه ڪم ٿي وٺي، ڪٿي واريءَ ۾ د اچي وٺي هوندي، سج نه چوي ته هاڻ لهه، تپان نه، ڪڏهن تپان. لڪ نه چوي ته هاڻ نه لڳان نه ڪڏهن لڳان. واري نه گرم ٿيڻ لڳي. هڪ گرم واري، ٻيو لڪ، ٽيون

مٿان گرم سج، ڇوٽون پير اگهاڙا، ٻڄوُن مٿي ٽـي
واريءَ جي ٽڪاري ان هوندي به سوامي جـن اُن
سنت کي ڇيو ته گرو مهراج جن ڪڏ پرڻ لاءِ موڪلـي
ٿي آگيا ڪئي آهي. ان ڪري ٻئي ڪان مـدد ڪاڻ
وٺي آهي. اهو وري ساڌو ڪـين ڇوڻ لڳو ته هـن
وقـت ڏينهن لٿي جـو ستگرو مهراج ۽ سڀ سنت
شيواداري تـه آرام ڪري رهيا آهـن. جيڪڏهن
توهين به ٿورو وقت ٿي آرام ڪري پوءِ ڪم ڪندا
ته سٺو ٿيندو، ستگرو مهراج هن وقت ته آرام ۾ آهن.
اهي ڏسن ٿورو ٿي تا ته سرواڌد ڪم پيو ڪري يا
آرام پيو ڪري. اهو ٻڌي سوامي جن ڇيو ته ستگرو
مهراج جن ته هر هنڌ حاضر آهن، اهي سڀن کي ڏسي
رهيا آهن، آخر ۾ ان ساڌوءَ سوامي جن جـو اڏول
نشچو ڏسي ڪين ڇيو تـه ڀلا جئن توهان جـي مرضي!
ائين چئي اهو ساڌو ته هليو ويو. سوامي جن لڳاتار
شيـوا ڪندا رهيا، شام جو ٻيا شيواداري به اچـي
ٻهڄي ٻهڄي شيوا ۾ لڳا، اَڄ ٻڪ يا گرمـي لڪ
جي ڪري ڪين ڪاهه پريشاني ڪاڻ ٿي، اڪا ٿڪاوٽ
ٿي، سندن من ۾ ڪوهه وڪار ڪوڻ پيدا ٿيو، هـاڻ
سج لهـڻ وارو هـو، سڀ سنت شيواداري سنڌ يـا
وغيره لاءِ وڃي رهيا هئا، اوچتو سوامي جن جـي
ڪنن ۾ هڪ آواز جو پڙلاءُ پيو، آواز کي سڃاڻـي

سوامي جن جڏهن ٻنيان لهاريو، تڏهن ستگرو مهراج جن کي سامهون ويٺل ڏٺائون، ستگرو مهراج جن کي ڏسي هڪدم سوامي جن سندن چرڻن ۾ پرڻام ڪيو ۽ پرڪرما ڪئي، گرو مهراج جن کين آشيرواد ڏيئي چيو ته ٻابا سرو الله! هاڻ وڃي سنڌ يا سمرڻ ڪر، پوءِ ڀوڄن ڪري آرام ڪج، وري صبح جو سويلي ستسنگ ۾ اچج.

اهڙيءَ طرح گرو مهراج جن پنهنجي سڀني شِشن جون تمام زوردار پرکيائون وٺندا رهندا هئا، جڏهن ته امراپور دربار ٽنڊو آدم (سنڌ) ۾ هر روز صبح شام جو نيم موجب ستسنگ ۽ شيوا ٿيندي رهندي هئي، ستگرو مهراج جن جگياسن واسطي بار بار ست اپديش ڪندا رهندا هئا.

ڀڄن

ٽُل - گر کي پڪڙي سگم نا جانو، مشڪل ٿوڙ ليانا هئ.

۱- اِڪ دو دن ڪا ڪام نه هونا،
پريت لگا ڪر پل پل رونا،
سهن مان اپمانا هئ.

۲- گر آگيا ڪو سر پر سهنا،
مَن تون تياڳي جيوت مرنا،
تجنا تن اپمانا هئ.

٣- ڇوٽا مارگ ٻهه ڇڪنائي،
گند ماليه جيون ڪنن چڙهائي،
تيغ ڌار پر جانا هئہ.

٤- ڪهي نيتون سب ٽوڙي لاجا،
من کو جيتي ڪرنا ڪاجا،
اپنا آپ جڳانا هئہ.

هڪ ڏينهن اُپديش ڪندي ستگرو مهراج جن مٺين ٻچن جو ارت شش ۽ جگياسن کي سمجهائيندي فرمايو تہ گروءَ جي ڀڳتي ڪرڻ ڪا سولي ڳالهہ آهي، پريم لڳائڻ سولو آهي پر تنهن نڀائڻ تمام مشڪل آهي.

दोहा – अग्नि आंच सहना सुगम, सुगम खड़ग की धार।
नेहं निभावन एक रस, महा कठिन व्यवहार।

ڇو تہ گروءَ ۽ شش جو ناتو هڪ ٻن ڏينهن جو ڪونہ آهي، پريم لڳائڻ کان پوءِ گهڙيءَ گهڙيءَ سور سهڻا آهن. هڪ ڀيرو پاڻ کي باهہ ۾ ساڙي مارڻ هڪ ڀيرو پاڻ کي ٻوڙي مارڻ يا ڪنهن ٻي طرح سان هڪ ڀيرو پاڻ کي ختم ڪرڻ بلڪل سولو آهي، پر هر هر سڙڻ، هر هر غوطا کائڻ، هر هر گهايل ٿيڻ، هر هر طعنا ڏڏڪا سهڻ، هر هر بي عزتو ٿيڻ، اهي گهڙيءَ گهڙيءَ جا سور سهڻ ڏاڍو مشڪل آهن. سنتن جو مارگ ئي اهڙو آهي، سنت دادو مهراج جن

جي واٽي ٻڌائيندي ستگرو مهراج جن چوڻ لڳا ته.

दोहा:- पूजा मान बड़ाईयां, आदर मांगै मन ।
राम गहे सब परिहरै, सोइ साधू जन ।।

दोहा – विष सुख माहीं रम रहचा, माया हित चित लाइ ।
सोइ सन्त जन ऊबरे, स्वाद छोड़ गुण गाइ ।।

هن مارگ ۾ اچڻ بعد جگياسوءَ کي شروع شروع ۾ ڏاڍو پريم ۽ شرڌا هوندي آهي، پر پوءِ جئن جئن پريمين ۽ عام ماڻهن سان واقفيت ٿيندي ۽ وڌندي آهي ته پوءِ اُن جگياسوءَ جي من مان ٻهرئون پريم ۽ شرڌا گهٽجڻ شروع ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ ته گروءَ ۽ سنتن جي پوڄا ۽ آدر ستڪار ٿيندو ڏسي اُن جي من ۾ به پڻ پريمين دوارا پوڄا ۽ ستڪار پائڻ جي چاهنا پيدا ٿيندي آهي. چاهنا ٿيڻ بعد ان جگياسوءَ کان شيوا سمرڻ وغيره سڀ ڳالهيون وسري ويندئون آهن فقط پوڄا ۽ مان وڏائي حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ لڳو رهندو آهي. پوءِ جيڪو پريمي اُن کي ٻيڻو پوندو، عزت ڏيندو، سائين ڪندو ته دل ۾ ڏاڍو پيو خوش ٿيندو ۽ اهين پيو سمجهندو ته هاڻ مان به سنت ٿيو آهيان. اُن کان پوءِ گرو ٿيڻ جي چڪر ۾ لڳندو آهي، ڪوله کو ٻهالو ڪري هيٺئون مٿئون ٻڌي چيلا ڇاهئون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پوءِ ٻر ٻر ۽ لالچ جي چڪر ۾ اهڙو ته ڦاسي ويندو

آهي جو گروهه کي نه رواجي ماڻهو سمجهه لڳندو آهي.

اهي ڳالهيون وڌيڪ وستار سان شش - جگياسن کي سمجهائي ستگرو مهراج جن چوڻ لڳا ته اهي مايا جا چڪر آهن. اهي چڪر ئي گرپڳتيءَ جي مارگ ۾ وڏا ڄار آهن. انهن ۾ ڪڏهن به نه ڦاسجو، جو ته ڦاسڻ کان پوءِ :-

दोहा – कंचन तजना सहज है, सहज नारी का नेह।
मान बड़ाई ईर्ष्या, दुर्लभ तजना एह ॥

پوڄا، مان وڏائيءَ جي ڄار مان نڪرڻ تمام مشڪل آهي. سڀن وشين (سکن) ۾ رس ته آهي ئي پر پوڄا مان وڏائيءَ ۾ هڪ عجيب رس آهي، اهو رس وري مٺي زهر سان ڀريل آهي. اهو ئي شش گروهه سان نڀائي سگهندو جيڪو سڀ رس ڇڏيندو.

آؤ ڪي ڪار فقيران والي سوُليءَ تي چڙهه بيٺا،
در در دي منگ ٽڪڙي کاڌا، هان جي هان جي ڪهڻا
ڀلا کهي ڪوئي برا کهي سڀئي سر تي سهڻا،
سنت رنگ ڀهي، ڪار فقيران جيڪدا تي مر رهڻا.

दोहा – रजब रोष न कीजिये, कोई कहे क्यों ही।
हंस कर उत्तर दीजिये, हां बाबा जी यों ही ॥

ستگرو مهراج جن سچ ۾ جون ڳالهيون وار وار شش کي سمجهائيندا ۽ چوندا هئا ته فقير اطمينان لا

جيڪي نيم آهن، اُنهن جو پالڻ ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. ٻيءَ ريت جو رستو تمام ڏکيو آهي، ان ڪري سوچي سمجهي، سنڀالي ۽ ڏهري ڏهري اڳتي وک وڌائجو.

اهڙيءَ طرح آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن هر روز ستسنگ جي رستي سڀني ششن کي گرڪُليءَ جو پاٺ پڙهائيندا هئا. سڀني ششن کي سچ ڌرم مرياد جون سکياڻون ڏيندا هئا، هر هڪ شش کي ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ سيکاريندا هئا، هر هڪ شش کان خوب سيوا وٺندا هئا، هر هڪ کي صبح جو سوير جاڳائي ايڪانت اڀياس ۾ ويهاريندا هئا، ان رڳو ايترو پر هر هڪ شش تي پوري نظر رکندا هئا ۽ پوري هوشياريءَ سان سار سنڀال لهندا هئا. ٽنهي آدم اُمراپور دربار ۾ گئوشالا به هوندي هئي- ٻيون ٻارا ۽ باغ باغيچا به هوندا هئا، سڀ شش ۽ سيواداري پنهنجي پنهنجي سيوا ۾ مشغول رهندا هئا، نيم موجب سڀ ڪم ڪندا هئا. اُهو زمانو ڀارت جي پراڻي زماني جي تازي ياد ڏياري ٿو ته ڪيئن پراڻي زماني جا رشي مني جهنگل ۾ آشرم ٺاهي رهندا هئا ۽ ششن کي سچ ڌرم جي سکيا ڏئي لائق بڻائيندا هئا. ششن کان خوب سيوا به وٺندا هئا. (سيوا جو مطلب ته آشرم جي صفائي، ڳائين جي سيوا، ڳائين جو ڇيڻا آڻڻ، پاڻي ڀرڻ، ڀوڄن ٺاهڻ،

ٻين ٻارن جي سنڀال ڪرڻ وغيره وغيره) آچاريه
سنگرو ٽيئون رام مهراج جن رشين منين جي پرمپرا کي
قائم رکندي سڀني شهرن کي يوگ (لائق) ٻڌايو،
سندن سڀني منسا جو قول اهو لکيو جو ڀارت جي
ورهاڱي بعد جئپور ۽ هردوار ۾ سوامي سروانند مهراج
جن، اجمير ۾ سوامي بسنترام مهراج جن، اجمير ۽
ٽيرٿ راج پشڪر ۾ سوامي ماڌوداس مهراج جن،
ڀولي ۽ ناسڪ ۾ سوامي چندن پرڪاش مهراج جن،
الهاس نگر ۾ سوامي شانتي پرڪاش مهراج جن،
(ورتمان اڌيڪش پرم پرڪاش منڊل) الور ۾
سوامي مرليڌر مهراج جن، گواليار ۾ سوامي ارجن ديو
مهراج جن. ڪوٽا، احمد نگر، نصيرآباد
۽ ڪيرٿل ۾ سوامي جيون مڪت مهراج ۽
سوامي پرمانند مهراج جن، دهلي ۾ سوامي جڳ
پرڪاش مهراج جن، آگري ۾ سوامي هري پرڪاش
مهراج جن، ٻدنيرا ۾ سوامي وديا پرڪاش مهراج جن،
احمدآباد ۾ سوامي اوڌوداس مهراج جن، ٻڙودا ۾
سوامي ڌرمداس مهراج جن، فريدآباد ۾ ماتا چتري
ٻائي، ماتا جسوتا ٻائي ۽ ماتا رڪمڻي ٻائي،
ماتا پاربتي ٻائي وغيره آچاريه سنگرو ٽيئون رام مهراج
جن جي شش ڀارت جي الڳ الڳ سڀني شهرن ۾ پرم
پرڪاش آشرم ٻڌايا آهن ۽ سڀني آشرمن ۾ آچاريه

ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جون تمام سندر ۽ دل
ڇڪيندڙ مورتون استانن ڪيون آهن، هر هڪ آشرم
تي ٻنهي ٻرجن جو ڀنڊارو هلندو رهي ٿو.

آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن سڀني شِشن کي
واري واري سان پاڻ سان گڏ سفر تي وٺي ويندا
هئا. ان لاءِ ته سڀ شش سفر ۾ ايندڙ تڪليفن کي
سهن، سڀني پرڪارن سان لهه وچڙ ۾ اچن ۽ مهمان نوازي
به سکن. ان ڪري سڀ شش ۽ گرهستي پريمي هڪ
ٻئي جا واقف ٿي ويا هئا ۽ سڀ شش وقت بوقت
گرو مهراج جن کان آگيا وٺي اڪيلا يا ٢ - ٤ گڏجي
سفر تي ويندا هئا ۽ گرو مهراج جن جي سمجهاڻي سچ
ڌرم جو پرچار ڪندا هئا، سوامي جن ڪجهه ڏينهن
دربار تي رهي پوءِ ستگرو مهراج جن کان آگيا وٺي
اڪيلا سفر تي روانا ٿيا، حيدرآباد، ڪوٽڙيءَ مان
ٿيندا پنهنجي ڳوٺ ۾ آيا، اتي شري ٽلورام جن
جي گهر ۾ رهيا، جنهن ته پنهنجو ڳوٺ درياهه جي
ڪناري تي هو ۽ ڇٽي طرف کان باغ باغيچا ساوڪ
گلزاري لڳي پئي هوندي هئي، پنهنجي ڳوٺ
پرسان آڳ پور ۽ ٻيا ڳوٺ به هئا، ستسنگ روز رات
جو ٺڪاڻي ۾ ٿيندو هو. پريمي چڱي انداز ۾ ايندا
هئا، سوامي جن اتي يوگ وشسٽ ۾ ورڻن ڪيل راجا
شکر ڌوج ۽ راڻي چوڙالا جي ڪٿا جي ڪوتا ۾ رچيا

ڪندا هئا ۽ ڪٿا ۾ اُن وشيه تي ڪندا هئا، ستسنگ
۾ ساڌن ٻمڻن جو شري ڀڄورام ڏکڙ وڃائيندو هو.
هڪ ڏينهن سوامي جن کان هڪ پريمي سوال پڇيو
ته گرو ته ڪيو آئم، پر من تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو
آهي. سوامي جن ستسنگ ۾ اُن پريمي کي
سمجهائيندي چيو ته ستگرو ته پورڻ ٿيندا آهن، پر
شش ۾ شردا ۽ سڌم جي ڪمي هوندي آهي.
ڏينهن ڪري الهن جي من تي نام جو اثر ڪونه ٿيندو
آهي، ان ڪري شردا کي وڌائڻ ۽ سڌم سان رهڻ
جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو جواب ٻڌي اهو
پريمي ڏاڍو خوش ٿيو، سوامي جن اُڪل چاليهه
ڏينهن کن ٻمڻن جي ڳوٺ ۾ رهي خوب سڌائن ڌرم
جو پرچار ڪيو. پوءِ شري ٽلورام، شري ميگهراجمل
شري مورجمل، شري شامداس ۽ ٻين سيون پريمين
کان موڪلائي دادو، باڍهه مان ٿيندا لاڙڪاڻي آيا،
جتي سيٺ وڇائترام، سيٺ ودياپرڪاش، شري
پڀورام، شري ڪوٽورام، شري رچندمل ۽ ٻين
پريمين سوامي جن جو سواگت ستڪار ڪيو ۽ ڪين
ڪرپا باغ پريم پرڪاش آشرم ۾ وٺي آيا، سوامي
جن هر روز ستسنگ جي ورکا ڪندا هئا، سڌائن
ڌرم جو پرچار ڪندا هئا، اُڪل مهنو کن اُتي رهي
سيون پريمين کان موڪلائي قنبر مان ٿيندا

شهدادڪوٽ آيا، جتي شري گوبند رام، شري رهندا رام، شري ڀلاجرام، شري ڪيولرام ٺاڪر وارو ۽ ٻين ٻراهمڻن سوامي جن جي رهڻ جو بندوبست ڪيو. واري ۾ دربار ۾ ڪيو، ماڻهو ڪن آئي رهي سڀاڻن ڏهم جو پرچار ڪري سڀن کان موڪلائي ڳوٺ کيرو، استو جمالي ۽ ٻين ڳوٺن کان ٿيندا جيڪب آباد ۾ سوامي ڪرشن گر مهراج جن جي مڙهيءَ ۾ آيا، اُتي سجاول جي سنت سوامي بسنترام مهراج جن سان سندن ملاقات ٿي، سوامي جن جو ويراڳي ۽ تياڳي سڀاءُ ڏسي سوامي ڪرشن گر مهراج ۽ سوامي بسنترام مهراج جن ڏاڍو خوش ٿيا، ڇاڪاڻ ته سوامي ڪرشن گر مهراج ۽ سوامي بسنترام مهراج جن پاڻ خود ويراڳي ۽ تياڳي هئا. اُن ڪري ٻنهي جي مترتا پڪي ٿي وئي، جيڪب آباد کان پوءِ سوامي بسنترام مهراج جن سجاول وارا سوامي جن کي پاڻ سان گڏ پنهنجي ڳوٺ سجاول وٺي آيا، سندن مترتا پڇاڙيءَ تائين ساڳي هلندي آئي. ديش جي ورهاڱي بعد سوامي بسنترام مهراج جن ڪجهه وقت لاءِ هردوار ۾ سوامي جن وٽ اَچي رهيا هئا. سوامي جن ٧ - ٨ مهينا سفر ڪري موٽي ٽنڊي آدم اَمراپور دربار تي آيا، انهن ڏينهن ۾ سوامي جن کي ڪجهه موڪن جي تڪليف ٿي پئي، ان ڪري ستگرو مهراج جن ڪين

علاج ڪرائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر مدگهن مل وٽ موڪليو. سندن شيوا لاءِ سنت ڌرمداس کي موڪليائون ڊاڪٽر مدگهن مل تمام سٺي نموني سوامي جن جو علاج ڪيو. سوامي جن ڪجهه وقت حيدرآباد (سنڌ) ۾ آرام ڪري پوءِ موٽي ننڍي آدم ڏٻ (امراپور دربار) ڏي آيا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ چيٽ جي ميلي جون تياريون ٿيڻ لڳيون. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پريمي جگياسو ميلي لاءِ اچڻ لڳا. ميلي جي شيوا جو ڪارج زور شور سان چالو ٿي ويو. ميلي جي وچ ۾ کوهه جو پاڻي کٽي ويو. شيوادار ڏوڙندا گرو مهراج جن وٽ آيا ۽ کين پاڻيءَ بابت عرض ڪيائون. گرو مهراج جن سنت اوڌوداس کي سڏ ڪري چيو ته هيءَ ڇپي کڻي وڃ ۽ کوهه ۾ هن ڇپيءَ مان پاڻي وجهي اچ. شيوادارن کي چيائون ته ڪلاڪ کن رکي پوءِ وڃي پاڻي ڀرجو. آگيا پائي سڀ هليا ويا. ڪلاڪ کان پوءِ شيوادار اچي ڏسن ته کوهه ۾ پاڻي اٿاهه لڳو پيو آهي. برابر ۴ ڏينهن ڀڄن ۽ ڀوڄن جو اکنڊ ڀنڊارو چالو رهيو. ڌام ڌوم سان ميلو سماپت ٿيو. سڀ جگياسو پريمي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا. پريمين جي پريم پوري ڪرڻ لاءِ ستگرو مهراج جن ڪجهه ششن ۽ شيوادارن کي امراپور

دربار ۾ شيوا ۽ سنڀال لاءِ ڇڏي، گوالانند، سروانند
گرمکداس، ڀسنترام، پرڀمداس، سنتداس، ڌرمداس،
ڪيولرام سورداس، ميگهن رام (ڏوڪڙي) ۽ جن ٻيو
ٻين سنتن ۽ شيوادارن کي ساڻ وٺي منڊلي ٺاهي
ڪنڊ ڪوٽ روانا ٿيا، واٽ ۾ ٻين شهرن ڳوٺن مان
ٿيندا ڪنڊ ڪوٽ پهتا، اتي مهنو ڪن رهي پوءِ
ڪشمور، قادرپور، جروار، خانپور ڪٽورا کان
ٿيندا ملتان پهتا جتي واريءَ واري سنت پورنداس
مهراج جن وٽ رهيا. ٢-٤ ڏينهن اتي رهي پوءِ
لاهور کان ٿيندا سڌو هردوار ۾ سنت چيتن ديو
اوڌوت ڪٽيا ۾ اچي رهيا. ان وقت ڪٽيا جو
مهنت سوامي پرڀانند مهراج هو. گرو مهراج جن
منڊليءَ سميت ڪجهه وقت اتي رهي پوءِ ڪاشي، گيا،
گنگا ساگر، جگناٿ، پرياگ راج، اجوڌيا، چترڪوٽ ۽ ٻين
تيرٿن جي ياترا ڪندا مٿرا ۾ هڪ ڌرمشالا ۾ اچي
رهيا، ٻندراٻن، گوڪل، گووردن ۽ مٿرا پوريءَ جي
سڀني تيرٿن جي ياترا ڪيائون. اتي هڪ ڇوڪرو
(جنهن جو نالو بدلائي گرو مهراج جن نرائڻ ديو
رکيو هو) ان کي ڪالرا جي بيماري ٿي پئي، ڪافي
علاج ڪرائڻ کان پوءِ به بيماري نه ويئي، آخر ۾
نرائڻ ديو جو اتي مٿرا ۾ سرڳواس ٿي ويو، شايد
ان ڌرمشالا ۾ ڪو بيماريءَ جو اثر رهيل هو، جنهن

ڪري سنت نرمل داس ۽ سوامي سروانند مهراج جن
کي ٻه ڪالرا جو اثر ٿيو، ان ڪري گرو مهراج جن
ٽڙا ٻه ڏينهن رهڻ واجب نه سمجهي سڀو ڪارو-
ڪرم بدلائي سنڌو ندي آدم (سنڌ) ڏانهن روانا
ٿيا، ان وچ ۾ سنت نرملداس جن جي طبعيت بلڪل
ٺيڪ ٿي وئي پر سوامي جن کي وڏي تڪليف
محسوس ٿيڻ لڳي، رستي ۾ جوڌپور ٣-٤ ڪلاڪ
لهي ڀوڄن وغيره ڪري وري گاڏيءَ ۾ چڙهي سڌو
حيدرآباد (سنڌ) ۾ آيا. اتي ڦليليءَ جي پر سان ٺهيل پريم
پرڪاش آشرم (جيڪو ستگرو مهراج جنجي آگيا سان سوامي
مادوداس جن سنڀاليندا هئا) ۾ اچي پهتا، ستگرو مهراج جن
بروقت ڊاڪٽر منگهن مل کي آشرم تي گهرايو، جنهن
سوامي سروانند مهراج جن کي ڏسي چيو ته سوامي جن کي
ڪالرا جي بيماري نه آهي ٿي، پر بيماريءَ جو گهڻو
اثر ٿي ويو آهي، ان ڪري اها ڳالهه ٻاهر نه ڪڍجو،
جي ميونسپالٽيءَ وارن کي خبر پئجي وئي ته سوامي
جنکي هت رهڻ ڪين ڏيندا ۽ سرڪاري اسپتال ۾
وٺي ويندا، پر گهٻرائڻ جي ضرورت ڪانه آهي.
گرو مهراج جن جو سهارو وٺي ڊاڪٽر منگهن مل ترت
علاج چالو ڪيو، دل وَجان سان سيوا ۽ سنڀال ڪرڻ
لڳو، ڪافي ڪوشش ڪرڻ ڪان پوءِ به علاج مان
ڪو به فائدو نه پوندو ڏسي، ڊاڪٽر منگهن مل گرو

مهراج جن کي سڄو احوال ٻڌائي ڇڏيو ته هي آخرين
علاج آهي. هيءَ دوا جو سڄو شيشو سُئيءَ جي
ذريعي سوامي جن جي شرير ۾ سمائجي ويو ته پوءِ
توهان جي ڪرپا سان سوامي جن کي نئين زندگي
ملندي، پر جيڪڏهن دوا نه ويئي ته پوءِ جيئڻ جو
آسرو گهٽ آهي، انهين ڇٽي ڊاڪٽر علاج چالو ڪيو
اَٽڪل ڇهن ڪلاڪن بعد اهو سڄو شيشو دوا جو
بدن ۾ داخل ٿي ويو، اهو ڏسي ڊاڪٽر منگهن مل
گرو مهراج جن ۽ سڀني سنتن کي واڌايون ڏيئي چيو ته
هاڻ ڪابه خطري جي ڳالهه ڪونه آهي. وڏي عجب
جي ڳالهه ته اهڙيءَ خطرناڪ بيماريءَ هوندي به
سوامي جن ڪڏهن به ڪو، رڙ يا واڪو ڪونه ڪيو.
هر وقت سندن مک مان اوم ستنام ساکي، ساکي شووهم
جا اُڪر نڪرندا رهندا هئا، اهو سڀ گرو ڀڳتيءَ جو
پرتاپ هو. چاڪ چڱي ڀلي ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر
منگهن مل سوامي جن کي سڄو احوال ٻڌائي ڇيو ته
گرو مهراج جن جي ڪرپا سان توهان کي نئين زندگي
ملي آهي.

آچاريه ستگرو ٽيئون رام مهراج جن جي وقت
حيدرآباد ۾ رهي مدت ليءَ سوڌو ٽنڊي آدم دربار
تي آيا، دربار جو سڀ ڪم ڪار نيم موجب هلندو
رهندو هو.

ڪجھ وقت کان پوءِ سوامي جن ستگرو مهراج جن
کي پرڻام ڪري هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي
ترلوڪي ناٿ! هيءُ جو توهان سنسار روپي تمام
مها سندر من موهيندڙ باغيچو ٺاهيو آهي، جنهن کي
انيڪ پرڪارن جي خوشبوءِ دار گلن سان سينگاريو
آهي، سو هي پريو! توهان جي هن عجيب رچنا کي
ڏسڻ لاءِ هن داس جي گهڻي اڇا آهي، جيڪڏهن
توهان آگيا ڏيو ته ڪجھ وقت سفر ڪري اچان.
سوامي جن جي اڇا ڏسي گرو مهراج جن مشڪي
چوڻ لڳا ته اَڇا! ڀلي خوشيءَ سان گهمي ڦري اچو.
گرو مهراج جن جا امرت ڀريا وچن ٻڌي تياري
ڪري گرو مهراج جن کي پرڻام ڪري آشيرواد وٺي
سوامي جن ياترا لاءِ روانا ٿيا. ياترا ڪندي شهر
ملتان ۾ گيان ٺاهو، جتي واريءَ وارو سنت پورڻ داس
نانگو رهندو هو، اتي اچي لٿا. سنت پورڻ داس
نانگي ۽ ٻين سنتن سان ڀيٽا ڀوڪيه ملي ڀوڄن ڪري
آرامي ٿيا، شام جو نيم موجب ستسنگ سڀا لڳي.
جتي سڀ سنت ۽ شهر جا پريمي اچي ويٺا، ستسنگ
چالو ٿيو، ستسنگ جي شروعات ڪندي سنت
پورڻ داس مهراج جن ٻڌايو ته سنڌ ديش ۾ مهاتما
سوامي ٽيئون رام مهراج جن جڳت جي اڌار لاءِ اوتار
ڌارڻ ڪيو آهي ۽ ٻڌڻ ۾ پرم پرڪاش پڌت پڻ

پرپا ڪيو آئن ، اُنهن جا شش سوامي سروانند مهراج
جن هٿ آيل آهن، هاڻ اُهي توهان کي اڌ ڪلاڪ
ستسنگ ڪرڻ جو آنند وٺائيندا. تنهن کان سواءِ ٻيا
به سنت مهاتمائون آيـل آهن، اهي به توهان کي
ستسنگ جو اُمرت پيار يندا ، توهان سڀ شانتيءَ سان
ويهي سنتن جي واڻي ٻڌو. ان کان پوءِ سوامي جـن
ستسنگ چالو ڪيو، جنهن ۾ سنتن، مهاتمائن ۽ ستسنگ
جـي مهما جي وشيه تـي ارٿ سهت ڀڄن ڳائـي
ستسنگ سماپت ڪيو، اُن کان پوءِ ٻيو مهاتما ستسنگ
ڪـرڻ لـڳو، اُن پنهنجي ستسنگ ۾ ڪشمير جـي
سارا هه ڪندي چيو ته جئن ڪشمير جو ديش سندر،
سر سبز ۽ ڦلن ڦولن سان ڀرپور آهي، جتي سيتل، مند
۽ سڳند ڀري هوا هميشه لڳندي رهي ٿي، تئن هيءَ
ستسنگ روپي ڪشمير به گيان، ويراڳ، ڀڳتي ۽ شڀ
گڻن روپي ڦلن ڦولن سان ڀرپور آهي. جتي جگياسو
مموڪـي مدش سٿر ڪري آنند پائي خوش ٿين ٿا.
اُن مهاتما جـي مکه مان ڪشمير جي سارا هه ٻـڌي
سوامي جن ڪشمير جي ياترا ڪرڻ جـو دل ۾ پڪو
سنڪلپ ڪيو، ٢-٣ ڏينهن اُتي رهي سنتن کان
موڪلائي پنجاب جو سفر ڪندا وڃي جموں ۾ پهتا، وري
اُتان بس ۾ چڙهيا ، هڪ رات رستي ۾ آرام ڪري
ٻئي ڏينهن شري نگر پهتا ، اُتي اداسين جي آشرم

"شري چدار" ۾ رهيا، اُن آشرم ۾ اُڳ ۾ ڪيئي چڱا
مهاتمائون رهيل هئا، سوامي جن آشرم جي اڌڪاريءَ
سان مليا، حال احوال پڇڻ بعد آشرم جي اڌڪاريءَ
سوامي جن جو سٺو آدرستڪار ڪيو ۽ ڪين رهڻ لاءِ
ڪٽيا ڏني، سوامي جن سنان پاڻي ڪري ڀوڄن
کائي آرام ڪيو، ٻئي ڏينهن شام جو ڪوناريءَ کي
سوچنا ڏيئي شهر جو ديدار ڪرڻ لاءِ نڪتا، گهمندا
ڦرندا هڪ باغ ۾ اچي نڪتا، باغ تمام وڏو هو،
چئني طرفن کان گلن ڦلن جي گلزاري باغ جي رونق
وڌائي رهي هئي، وڻڪار ۽ ساوڪ تمام گهڻي هئي،
باغ جو نظارو تمام وڻندڙ هو، ان باغ ۾ سڀ کان
وڌيڪ وڻندڙ ۽ خاص ڳالهه هئي ستسنگ جي، جو
ڪشمير جا پنڊت سنت مهاتمائون، جڳهه جڳهه تي
ستسنگ، ڪٿا ڪيرتن ڪندا نظر اچي رهيا هئا،
اهو نظارو ڏسي سوامي جن کي حيدرآباد (سنڌ) جي
شري ڪونورام جي باغيچي جي ياد آئي. سوامي جن
باغ جو نظارو ڏسندا هڪ مهاتما جي ڪٿا ۾ اچي
ويٺا، مهاتما ويدانت جي ڪٿا ڪري رهيو هو،
ڪٿا پوري ٿيڻ کان پوءِ موٽي آشرم ۾ آيا، اهڙيءَ
طرح هر روز ڪڏهن ڪنهن پاسي ڪڏهن ڪنهن پاسي
گهمي ڦري وري به اُن باغ ۾ اچي ڪٿائون ٻڌندا
هئا، هڪ ڏينهن اُن باغ ۾ هڪ پنڊت سان سندن

ملاقات ٿي، اُن جو نالو پشوري لال هو، اهو به ان
باغ ۾ گهمي رهيو هو، هڪ ٻئي کان خبرون چارون
وٺڻ بعد اُتي ئي ساڳي چٻر تي ويهي رهيا ۽ پاڻ ۾
گيان وارتا ڪرڻ لڳا، باغ ۾، جو اڳ ۾ ئي جڳهه
جڳهه تي ڪٿائون ٿي رهيون هيون، سو ايندڙ ويندڙ
ماڻهن سمجهيو ته هت به ڪا ڪٿا ٿي رهي آهي،
سو اهي به وهندا ويا، ڪي سنت براهمڻ به اچي
ويٺا، گيان چرچا (وارتا) ڪندي پنڊت پشوري لال
سوامي جن کي چيو ته اڄڪلهه ڪو به اهڙو نٿو ويتا
ويراڳي مها پرش ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي، جيڪو سنسار
جي جيون کي، جيڪي اگيان جي ننڊ ۾ سمهيا پيا
آهن، اُنهن کي جاڳائي، سچ ڌرم جي رستي تي
لڳائي، اُنهن جو اُڌار ڪري. تڏهن تي سوامي جن
چيو ته پنڊت جي! اهڙي ڳالهه ڪانه آهي، اڄ به
ڪي اهڙا سنت مهاتمائون هن ڌرتيءَ تي آهن، جن
جي شڪتيءَ سان هيءُ سنسار هلي رهيو آهي،
سوامي جن وڌيڪ ڳالهه کي کوليندي چيو ته ڪڏهن
زماني ۾ آها ساڳي شڪا جڳت جنني پاروتيءَ
ڀڳوان شنڪر کان پڇي هئي. جا هن ريت آهي.
هڪ ڏينهن ماتا پاروتي هٿ جوڙي ڀڳوان شنڪر
کان پڇڻ لڳي ته هي ڀڳوان! هيءُ سڄو برهمنڊ
ڪنهن جي آڌار تي بيٺل آهي؟ ڪو چوي ٿو ته

ڌالد جي سڱ تي بيٺل آهي، ڪو چوي ٿو، شيش ناڳ جي ڦڻ تي آهي، ڪو چوي ٿو ته ست هڪ ٻئي کي ڇڪي بيٺا آهن، ڪو چوي ٿو ته چئني ڪنڊن کان چار هاٿي جهلي بيٺا آهن، ڪو چوي ٿو ته ايشور جي شڪتيءَ سان بيٺو آهي. گهڻا ماڻهو گهڻيون ڳالهيون، سو هي ڀرڀو! مون کي سمجهه ۾ ٿو اچي ته آخر هيءَ هيڏو سارو برهمنڊ ڇا تي بيٺل آهي، جيڪڏهن ماڻهن جون ڳالهيون ڪٺي ميڙجن ته به وري ٻيو سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڌالد، هاٿي، شيش ناڳ وري ڇا تي بيٺل آهن، بنان آڌار جي ته اهي به ڀي ڪو نه سگهندا، پوءِ ته ڌرتيءَ هيٺان ٻي ڌرتي، ٻيءَ هيٺان ٽين ڌرتي، ٽينءَ هيٺان چوٿين ڌرتي، پر آخر ڪيستائين! اِئين ته ڪو به فيصلو ڪو نه ٿي سگهندو، تنهن ڪري توهان ڪرپا ڪري ٻڌايو ته آخر هيءَ برهمنڊ ڇا تي بيٺل آهي.

پاروتيءَ جي شنڪا ٻڌي ڀڳوان شنڪر مشڪي چوڻ لڳا ته هي ديوي:-

دوها - ستيه، وڪتا ڪو ٿي سنت جن، ڌرمي پتو رس نار،
پاروتي اس ڌرتي ڪي، ڪميي هٿن ٿي جار،

श्लोक :-गोभिर्विप्रैश्च वेदैश्च सतीभि: सत्यवादिभि: ।
अलुब्धैर्दान शीलैश्च, सप्तभिर्धार्यंते मही ॥

هڪ سچ ڳالهائيندڙ انسان، ٻيو ٻوڙن ٻرهمڻ ڳالهائي

مهاتما، ٽيون ڌرماتما دالي، چوٿون پتيورتا ناري،
اهڙن چئني جي آڌار تي هيءُ سارو برهمنڊ بيٺل
آهي. جڏهن اهڙن چئني جو ناس ٿيندو تڏهن برهمنڊ
جو به ناس ٿي ويندو، مطلب ته پرلئه ٿي ويندي.

اندرو پڌي پاروتي وري هٿ جوڙي پڇڻ لڳي
ته سنسن پرمن کي ناس ڪرڻ وارا پتي ديو! ڇا
ناريءَ ۾ به اهڙي شڪتي آهي جو برهمنڊ کي
ڌارڻ ڪري سگهي؟ ڀڳوان شنڪر مشڪي چوڻ
لڳو ته ناريءَ ۾ مهان شڪتي آهي.

श्लोक :—पतिर्ब्रह्मा पतिर्विष्णु: पतिर्देवो महेश्वर: ।
पतिगुरु: पतिस्तीर्थमिति स्त्रीणां विदुर्बुधा: ॥

ويدن جي سار کي ڄاڻندڙ چون ٿا ته ناريءَ لاءِ پتي ئي
برهما وشڻو، شنڪر، گروءَ تيرٿ وغيره سڀ ڪجهه آهي.
جيڪا ناري پنهنجي پتيءَ کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي
ٿي، اها ناري برهمنڊ کي ڌارڻ ڪري سگهي ٿي.

卐 ڀڄن راڳه ڪنيات 卐

ٽُڪ – پتي سي پريم ڪا ناتا، نڀانا نار ڪو چاهئي،
گدي جن گر انت سڀ ڳاٿا، نڀانا نار ڪو چاهئي.
۱– ڳئي سيتا گهن بن ۾، ڌري جيون پتي منيان ڪا،
تجي ٿيون ڀوڳ دنيا ڪا، نڀانا نار ڪو چاهئي.
۲– پتي برهما پتي وشڻو، پتي هئه روپ شنڪر ڪا،
سمجهه تنهن روپ ايشور ڪا، نڀانا نار ڪو چاهئي.

٣- پتي پنگلا آنڌا ٿاوي، وڪاري موڪ هو روئي،
سمجھ تو ٿي پرم ٿوگي، ليالا لار ڪو چاهيئي.

٤- ڪهي نيئون ڪپت لياگي، پتورت ڏرم ٻرھ ڪر،
سرؤ دک دولد ڪو سھ ڪر، ليالا لار ڪو چاهيئي.

卐 ڪوت 卐

پتور تا پت سيوي، اور ٻ له چت ديوي،
اپني پت ڪو لت، جالي لبج ٻران جي.
پتور تا پت ڪيري، اھ لش آگيا مالي،
پتور تا پت ٻر، جاوي قربان جي.
پتور تا پت آگي، ميئا ٻولي لمر چلي،
پتور تا پت ڪو ھي، جالي ٻگوان جي.
ڪهي نيئون پتور تا، سولي ڏ لي، ڏ لي، جان،
دولو ڪل تاري ڪري، اپنا ڪلياڻ جي.

آچاريہ ستگرو نيئون رام مھراج جن ٻنڊ ٻرام پرڪاش گرلت ٻ ساگي ڳالھ چون ٿا تہ:—

جيڪا استري، ٻنھنجي پتيہ جي، چاھي پتي اڙلو لنگڙو، سورداس، ٻنگلو، غريب، ٻمار ٿ ٿي ٻوي، تنھن ھولدي ٿ اُن کي ٻرميشور جو روپ جاڻي ھر وقت سک شرڌا سان شيوا ڪري ٿي، ان جو آدر ڀاءُ ڪري ٿي، ان جو ڪڏھن ٿ اپمان ٿئي ڪري، اھا استري ڏرليہ کي ڏارڻ ڪري سگھيئي.

श्लोक :–सेवते या पतिं प्रेम्णा परमेश्वरवच्छिवे ।
इह भुक्त्वाखिलान् भोगानन्ते पत्या शिवां गतिम् ॥

جيڪا ناري پنهنجي پتيءَ کي ئي گرو، ايشور
سڀ ڪجهه سمجهي پريم ۽ سچي شرڌا سان شيوا، پوڄا
ڪري ٿي ۽ پتيءَ جي آگيائن جو پورو پالن ڪري
ٿي، اها ناري پرهمنڊ کي ڌارڻ ڪري سگهي ٿي.

श्लोक:–पृथिव्यां यानि तीर्थानि सती पादेषु तान्यपि ।
तेजश्च सर्वदेवानां मुनीनां च सतीषु तत् ॥

ڌرتيءَ تي جيڪي به تيرٿ آهن اُهن سڀني جو
واسو پتورتا ناريءَ جي چرڻن ۾ آهي. سڀني ديوتائن
۽ رشين-منين جو سڀ تيج پتورتا ناريءَ ۾ رهي
ٿو. اهڙي ناريءَ ۾ پرهمنڊ کي ڌارڻ ڪرڻ جي
شڪتي رهي ٿي.

श्लोक :–सतीनां पादरजसा सद्यः पूता वसुन्धरा ।
पतिव्रतां नमस्कृत्य मुच्यते पातकान्नरः ॥

پتورتا ناريءَ جي چرڻن جي ڌوڙيءَ سان
ڌرتي پوتر ٿي وڃي ٿي، پتورتا کي نمسڪار
ڪرڻ سان سڀ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا.

श्लोक :–तीर्थार्थिनी तु या नारी पतिपादोदक पिबेत् ।
तस्मिन् सर्वाणि तीर्थानि क्षेत्राणि च न संशयः ॥

تيرٿ ياترا جي خيال کان جيڪا استري تيرٿن
تي وڃي دان، سنان وغيره ڪري ٿي، اها استري

جيڪڏهن پنهنجي پتيءَ جا چرن سک شرڌا سان ڌوئي اهو جل پيئي ٿي ۽ سر تي چڙهائي ٿي ته ان استريءَ کي سڀني تيرٿن جي ياترا، دان ۽ سنان جو ڦل تمام سولائيءَ سان گهر ويٺي ملي وڃي ٿو.

جڏهن دلاري سيتا جي کوج ڪندي جڏهن هنومان (لنڪا) اشوڪ واٽڪا ۾ پهتو، اتي ماتا سيتا کي پنهنجي واقفيت ڏيئي درشن ڪري خوش ٿيو، راوڻ جو باغ اجاڙ ڪري لنڪا کي جلائي واپس وڃڻ لاءِ ماتا سيتا کان آگيا وٺڻ آيو، ان وقت ماتا سيتا جي حالت ڏسي هٿ جوڙي کيس عرض ڪري چيو ته ماتا، هن راڪس راوڻ جي قيدخاني ۾ تون تمام نه سهڻ جهڙيون مصيبتون سهي رهي آهين، اهڙي حالت مون کان سٺي اٿي وڃي، جيڪڏهن تنهنجي آگيا هجي ته توکي مان پنهنجي ڪلهن تي وهاري ڀڳوان رام وٽ وٺي هلان. رام جي ڪرپا سان مون کي ڪوبه جيتي نه سگهندو. اهو ٻڌي ماتا سيتا هنومان کي شاباش ڏيئي سمجهائي چيو ته پٽ هنومان! مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿي ته تو ۾ اٿاه ٻل ۽ ٻڌي آهي. تون اڪيلو راوڻ سوڌو سڀني دشمن کي ماري مون کي ڀڳوان رام وٽ وٺي هلي سگهين ٿو، پر ائين ڪرڻ سان مطلب ته تنهنجي ڪلهن تي چڙهي هلڻ سان منهنجو پتورت ڌرم ناس ٿي

ويندو، منهنجي ڌرم ناس ٿيڻ سان منهنجي پتيءَ
رام جي شڪتي گهٽجي ويندي ۽ لڙائيءَ ۾ راوڻ کي
جيتي نه سگهندو ۽ تنهنجي نه، شڪتي گهٽجي
ويندي، ماتا سيتا جا اهي وچن ٻڌي هنومان جي
دل کي گهري چوٽ لڳي، هنومان کي اداس ٿيندو
ڏسي ماتا سيتا سمجهي وئي ۽ چوڻ لڳي ته هنومان!
جڏهن راوڻ مون کي زبردستيءَ لنڪا ۾ کڻي آيو
هو، ان وقت ته مان بي وس هئس، ڪجهه به ڪري
نٿي سگهيس، پر هاڻ ته هتي جي دکن، مصيبتن کان
ٻ جي گهٻرائجي پنهنجي خوشيءَ سان تنهنجي ڪلهن
تي چڙهي هلڻو پوندو نه ۽ خوشيءَ سان تنهنجي
شرير کي ڇڏڻو پوندو نه. ائين ڪرڻ سان منهنجو
ڌرم ناس ٿي ويندو. تنهن ڪري مان هتي جون
مصيبتون، ڪشٽ سهڻ لاءِ تيار آهيان، پر پتورت
ڌرم کي ناس ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان، هنومان! مان
سمجهان ٿي ته تون منهنجو پرم ڀڳت آهين ۽ پنهنجي
ماتا کان به وڌيڪ مون کي سمجهين ٿو، مان به توکي
پنهنجي پٽ کان به وڌيڪ سمجهان ٿي، تو پنهنجو
سڀ ڪجهه رام لاءِ قربان ڪري ڇڏيو آهي، تو
پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي منهنجي سار اچي لڌي
آهي، تنهنجي رڳ رڳ ۾ رام سيتا وسي رهيا آهن،
ان ڳالهه کي مان پنهنجي پتورت ڌرم سان جاڻان

ٿي، پر هنومان! اهڙي هوندي به تون ڌار ٿيو مٺش
آهين، جيڪڏهن مان تنهنجي شهر کي ڇهندس ته
منهنجو ڌرم ناس ٿي ويندو، هنومان! ڌرم کي
سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. تنهن ڪري تون سڄو
سماچار وڃي ڀڳوان رام کي ٻڌائج. اهو پاڻ اچي
مونکي وٺي ويندو.

श्लोक :–विधेर्विष्णोर्हराद् वापि, पतिरेकोऽधिकोमत: ।
पतिव्रतायां देवेशि ! स्वपति: शिव एव च ।

ڀڳوان شنڪر ديوي پاروتيءَ کي سمجهائي چوڻ
لڳو ته منهنجي وچار موجب ته استريءَ لاءِ برهما،
وشنو ۽ شنڪر کان به وڌيڪ پتي پوڄيه آهي، ان
لاءِ پتي ئي شوُ آهي. جنهن استريءَ پنهنجي پتيءَ
جي پريم ۾ شرڌا سان پوڄا شيوا ڪئي ۽ آگيائن جو
پالن ڪيو ان کي ٻي ڪنهن به ديوتا يا گروءَ کي
پوڄڻ جي ضرورت ڪانه آهي.

श्लोक :–भर्तादेवो गुरुर्भर्ता धर्म तीर्थ व्रतानि च ।
तस्मात्सर्वं परित्यज्य पतिमेकं भजेत्सती ।।

پتورتا استريءَ کي گهرجي ته سڀني ڌرمن،
تيرٿن ۽ ورتن کي ڇڏي پتيءَ کي ئي گرو ۽ ديوتا
سمجهي ان جي شيوا ۽ پوڄا ۾ لڳو رهڻ گهرجي.
اهڙيءَ طرح پتي ڌرم ۽ شش ڌرم کي ا—، جيڪر
منش پورڻ روپ سان پالي ته، اهو ئي پرمانند کي

ڌارڻ ڪري سگهي ٿو.

شنڪر پاروتيءَ جو وار ٽالاپ ٻڌائي سوامي جن
پنڊت کي چوڻ لڳا ته اڃا به دنيا ۾ اهڙا سنت
مهاتمائون آهن، جن جي ڪري سنسار هلي رهيو
آهي، هن وقت سنڌ ديش ۾ ستگرو ٽيئُون رام مهراج
جن اوتار ڌارڻ ڪري آيا آهن. اهڙو چئي گرو
مهراج جن جو فوٽو (مورتي) (جيڪو هميشه پاڻ سان
رکندا هئا) ڪڍي پنڊت پشوري لال کي هٿ ۾
ڏيئي چوڻ لڳا ته اها مورتي گرو مهراج جن جي
آهي، مورتي ڏسي پنڊت پشوري لال سچ کي
محسوس ڪيو، سوامي جن کي چوڻ لڳو ته توهان
جيڪي ٻڌايو آهي اهو بلڪل سچ آهي، مورتيءَ کي
ڏسي مون کي قدرتي خوشي ٿي رهي آهي، ائين
محسوس ٿي رهيو آهي ته جڻ جڳت گرو شنڪر
آچاريه جن اوتار ڌارڻ ڪري آيا هئا، تئين سوامي
ٽيئُون رام مهراج جن به اوتار ڌارڻ ڪري آيا آهن،
اسان ڪشمير واسين جا ڪڏهن ڀاڳ جاڳندا جو اسان
کي اهڙن اوتارن جو درشن نصيب ٿيندو. الهن
شبدن سان گيان چرچا سماپت ڪندي پنڊت
پشوري لال سيٺي پرڀين کي چيو ته هاڻ وقت اچي
پورو ٿيو آهي وري سياڻي توهان کي سنتن جا
درشن ڪرائيندا، ان کان پوءِ پنڊت پشوري لال

سوامي جن کي پوڄن لاءِ عرض ڪري چيو تہ سواءِ
سنتنارائڻ آهي سو تون هان ڪرپا ڪري مون وٽ
پوڄن ڪريو، پنڊت جو پريم ڏسي سوامي جن انو
سويڪار ڪيو، ٻئي ڏينهن پنڊت سوامي جن کي
وٺڻ لاءِ شري چندر وٽ ويو، سوامي جن اڳ ۾ ئي
ڪوٺاريءَ کي پوڄن بابت سوچنا ڏئي ڇڏي هئي،
وري هو ڪوٺاريءَ کي ٻڌائي سوامي جن پنڊت سان
گڏجي سندس گهر آيا، پنڊت پهرين لال سوامي
جن جو چڱيءَ طرح آدر ڀاءُ ڪيو ۽ پريم سان پوڄن
ڪرايو، پوڄن ڪرڻ بعد سوامي جن پنڊت کان پڇيو
تہ اسان ٻڌو آهي تہ ڪشميري پنڊت، براهمڻ ماس
مڇي کائيندا ۽ شراب پيئندا آهن، سو اها ڳالهہ
ڪيتري قدر سچي آهي، پنڊت چوڻ لڳو تہ هي
ڀڳون! اها ڳالهہ بلڪل سچي آهي، هت ڪشمير ۾
سوءِ ٿي چئن پنڊتن جيترن کي ڇڏي باقي سڀ براهمڻ
کائيندا پيئندا آهن. مان پڻ کائيندو پيئندو آهيان.
گيارس ۽ سنتنارائڻ کي ڇڏي سڀئي ڏينهن کائيندا
آهيون. اڄ سنتنارائڻ آهي ان ڪري توهان کي پوڄن
ڪرايو آهي. اهڙو ٻڌي سوامي جن پنڊت کي
شاباس ڏيندي چيو تہ توهان براهمڻ ٿي ڪري
ماس، مڇي ۽ شراب جو اشد آهار ڪريو ٿا، اهو تہ
بلڪل ٺيڪ نہ آهي. پنڊت چوڻ لڳو تہ توهان جو

چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي، پر ڇا ڪريون اسين هن
پري عادت ۾ ڦاسي ويا آهيون، زبان کي سواد اچي
ويو آهي ان ڪري ڇڏي نه ٿا سگهون، پر هاڻ
توهان جي ڪرپا ٿيندي ته ڇڏي ڏينداسون. ان
بعد سوامي جن موٽي آشرم ۾ آيا، اٽڪل مهينو کن
ڪشمير ۾ رهيا ۽ ان وچ ۾ امرناٿ ياترا تي به ويا.
رستي ۾ پهل گانو، گلمرگ، اننت ناگ، چندن
واڙي ۽ ٻيا قدرتي سندر نظارا ڏسندا امرناٿ جي
ياترا ڪري آيا.

هڪ ڏينهن سوامي جن ٻين سنتن سان گڏجي
گهمندا ڦرندا باغ ۾ آيا، پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون
ڪندي هڪ سنت سوامي جن کي چيو ته توهان
هتان موٽندي راولپنڊي ضرور وڃجو، اتي هڪ
رام باغ آشرم آهي. جتي هميشه گهڻيئي سنت رهيا
پيا هوندا آهن.

ستسنگ جو بندوبست به ڏاڍو سٺو رکيل آهي.
شهر جي ماڻهن ۾ به پريم سٺو آهي، آشرم جي ٿورو
پريان ٽپو بن آهي، اتي به وڻراڄي ۽ ورڪت سنت
مهاتمائون رهيا پيا هوندا آهن، آشرم جي طرفان
ڀوڄن جو به سٺو بندوبست رکيل آهي، شهر به تمام
سٺو وڏندڙ ڏسڻ جهڙو آهي، پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون
ڪندا آشرم ۾ آيا، ٢ - ٤ ڏينهن آشرم ۾ رهي،

سوامي جن آشرم جي سنتن کان موڪلائي بس ۾ چڙهي راولپنڊيءَ لاءِ روانا ٿيا، هڪ رات رستي ۾ رهي ٻئي ڏينهن رات جو اٽڪل ڏهين ٻجي ڌاري راولپنڊيءَ اچي پهتا، بس مان لهي ٽانگي ۾ چڙهي رام باغ ڏانهن روانا ٿيا، رستي ۾ هڪ وڏو مندر ڏٺائون، جتي ماڻهن جي تمام گهڻي ڀيڙ لڳي پئي هئي، شايد ستسنگ پئي ٿي رهيو هو، سوامي جن ٽانگي واري کان پڇيو ته هيءُ ڇا آهي؟ ٽانگي واري چيو ته اهو ديوي دوارو آهي، هن مندر ۾ سڀن ديوتائن جون مورتون رکيل آهن، صبح شام جو ستسنگ به ٿيندو آهي، ڳالهيون ڪندي اچي رام باغ وٽ پهتا، ٽانگي واري سوامي جن کي چيو ته هيءُ رام باغ آهي، سوامي جن ٽانگي مان لهي دروازي تي اچي دروازو کڙڪايو ۽ سڏ ڪيا، مگر اندران ڪو به آواز ڪو نه آيو، ٽانگي واري چيو ته رات ڪافي گذري چڪي آهي، سڀ سنت آرام ۾ هوندا، ان ڪري ڪو به سڏ ڪو نه ٿو ڏئي، هاڻ جتن توهان چئو تتن ڪريان. اهو ٻڌي سوامي جن ٽانگي واري کي چيو ته رستي ۾ جيڪو ديوي دوارو هو اتي هلي مون کي ڇڏ، پوءِ صبح جو رام باغ ايندا سون. ٽانگي وارو سوامي جن کي واپس ديوي دواري وٽ ڇڏي هليو ويو، سوامي جن

ٽلهو ۽ چادر کڻي ڏيوي دواري ۾ اندر آيا، انهي ورانڊي ۾ ٽلهو رکي، مندر جو درشن ڪري وري ورانڊي ۾ اچي ويٺا، ايتري ۾ هڪ پوڄاريءَ اچي سوامي جن کي چيو ته مهراج! توهين هت ڇو ويٺا آهيو؟ هيءَ جڳهه سادن جي رهڻ لاءِ ڪانهي آهي. جيڪڏهن توهان کي رهڻو آهي ته ڌرمشالا ۾ وڃي رهو، هتان جلدي اٿو ته دروازو بند ڪندا سون، سوامي جن پوڄاريءَ کي مشڪي چيو ته هڪ ته رات ٿي وئي آهي، سڄو شهر بند ٿي چڪو آهي، ڌرمشالائون به بند ٿي ويون هونديون، برسات به پئجي آئي آهي، تنهن کان سواءِ ته هن شهر ۾ منهنجي ڪابه ڄاڻ سڃاڻ ڪونه آهي، مان اڪيلو آهيان، رام باغ ۾ ويس پر اتي سڀ آرام ۾ هئا، دروازو بند هو. ان ڪري واپس هتي آيو آهيان، صرف اڄوڪي رات هت رهڻ ڏيو. سڀاڻ صبح جو مان هتان رام باغ هليو ويندس، ايتري چوڻ تي به پوڄاريءَ ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ غصي ۾ چوڻ لڳو ته جلدي ڪريو دير ٿي وئي آهي، اسان کي دروازو بند ڪرڻو آهي. آواز ٻڌي ٢-٣ گرهستي جيڪي اتي ويٺل هئا، اهي به اٿي آيا، سڄي ڳالهه ٻڌي انهن گرهستين چيو ته هي شايد ڪو پرديسي سنت آهي ۽ هن وقت برسات به آهي، هن وقت ڪٿي

ويندو. تڏهن ڪري اڄو ڪي رات هت رهڻ ڏيوس،
اهو ٻڌي پوڄاريءَ سوامي جن کي چيو ته ٺيڪ آهي،
توهين هت ورانڊي ۾ سمهي رهو، صبح جو هليا
وڃجو. ٿوري دير ۾ برسات به زور سان وسڻ لڳي،
پوڄاري دروازو بند ڪري ڪم ڪار لاهي ڀوڄن
ڪرڻ لڳا، پر سوامي جن کي ڀوڄن لاءِ ڪو نه چيائون.
جيتوڻيڪ سوامي جن کي بک هئي، پر سوامي جن
پوڄارين کي ڀوڄن لاءِ ڪو نه چيو، سوامي جن جل
پي الي ورانڊي ۾ چادر وڇائي ٿيلهو ڪنڌ هيٺان
رکي سمهي رهيا، صبح جو پوڄارين کان موڪلائي
سوامي جن رام باغ ۾ آيا، رام باغ جي پوڄاريءَ سان
مليا، جڏهن سوامي جن کي رهڻ لاءِ ڪٿيا ۽ آسڻ
ڏنو، ڪين آشرم جا نيم ٻڌائيندي پوڄاريءَ چيو ته
ڏينهن جو ڀوڄن لاءِ سڀني ساڌن کي شهر ۾ وڃڻو
پوندو آهي ۽ رات جو ڀوڄن هت تيار ٿيندو آهي.
جيڪو مهاتما رات جو ڀوڄن نه کائيندو آهي ته ان
کي اڌ سير کير جو ڏنو ويندو آهي، سوامي جن چيو
ته مان رڳو ڏينهن جو ڀوڄن ڪندو آهيان. پوءِ
پوڄاري وڃي آشرم جي ڪم ڪار کي لڳو، سوامي
جن ڪٿيا ۾ آسڻ لڳائي سدان پاٺي ڪري سنتن سان
گڏ جي شهر مان ڀوڄن ڪري آيا. آرام ڪري شام
جو آشرم گهمڻ لڳا، آشرم وڏو هو، اندر هڪ باغ

۾ هو، باغ جي رونق ڏسندا گهمندا ڦرندا مندر ۾
آيا، مندر ۾ راڄ راڄيشور ڀڳوان رام جي تمام سندر
مورتي اراجمان هئي، مندر جو درشن ڪري ڏاڍو
خوش ٿيا، مندر جي سامهون هڪ وڏو هال ٺهيل
هو، اهو ڏسي سوامي جن پوڄاريءَ کان پڇيو ته هي
هال ته ڏاڍو سندر ٺهيل آهي، هتي ستسنگ به ٿيندو
آهي ڇا؟ تنهن تي پوڄاري چوڻ لڳو ته اهو
ستسنگ هال آهي، هتي روز ستسنگ ڪونه ٿيندو
آهي، جڏهن ڪو مشهور مهامنڊليشور سنت مهاتما
ايندو آهي ته پوءِ ستسنگ جو بندوبست ڪيو ويندو
آهي. هتان جو ٽرسٽي ڀائي گوپالداس ستسنگ جو
سڄو بندوبست ڪندو آهي، شهر ۾ سوچنا وغيره
ڏياريندو آهي، هاڻ ته اٽڪل ٻن مهينن کان ڪو به
ستسنگ ڪونه ٿيو آهي، جو اهڙو ڪو سنت مهاتما
ڪونه آيو آهي، اهو ٻڌي سوامي جن چيو ته
جيڪڏهن توهان جي راءِ هجي ته اسين ڪجهه ڏينهن
ستسنگ ڪريون. توهان ٽرسٽين سان ان بابت ڳالهه
ٻولهه ڪيو ۽ ستسنگ جي بندوبست لاءِ چوائي
موڪليو، تنهن تي پوڄاري چيو ته ڀائي گوپالداس
روز شام جو هتي ايندو آهي، پر اڄ ڪنهن هڪ ميٽنگ
۾ ويٺو آهي، ان ڪري اڄ ڪونه ايندو ۽ سڀاڻي
ايندو، پوءِ توهان روبرو ڪنهن چڱو ۽ مان ته ڪنهن

ڇولدس، ان کان پوءِ سوامي جن گھمي ڦري ڪٽيا
۾ آيا، رات جو پوڄاري کين کير پھچائي ويو، کير
پي سوامي جن آرامي ٿيا، ٻئي ڏينهن صبح جو سنان
پاڻي وغيره ڪري سوامي جن اٻو بن ويا، اتي
سنتن مهاتمائن جا درشن ڪيائون، اتان واپس اچي
وري سنتن سان گڏجي شهر ۾ ڀوڄن ڪرڻ ويا،
ڀوڄن ڪري پوءِ اچي آرامي ٿيا، شام جو اٿي وري
ٻه باغ ۾ گھمڻ لڪتا، گھمندي ڦرندي وري ان
هال ۾ آيا، اتي ڀائي گوپالداس ۽ پوڄاري اڳ ۾ ئي
ستسنگ جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئا،
سوامي جن کي ڏسي ڀائي گوپالداس جن کين وهڻ
لاءِ آسڻ ڏنو، حال احوال پڇندي ڀائي گوپالداس
جن سوامي جن کان پڇيو ته، توهان گھڻا ڏينهن
ستسنگ ڪندا؟ ڪهڙي وشيه تي ڪندا ۽ ڪٿا
ڪرڻ لاءِ گھڻا پئسا وٺندا؟ اهو ٻڌي سوامي جن
مشڪي چوڻ لڳا ته يوگ وشسٽ نرباڻ پرڪرڻ جي
راجا شکرڌوج ۽ راڻي چوڙالا جي ڪٿا ڪندا سون.
اٺ ڏينهن ستسنگ ڪندا سون. باقي ڪٿا ڪرڻ لاءِ
ڪجهه ڪونه وٺندا سون. توهان رکو شهر ۾ ستسنگ لاءِ
سوچنا ڏيار جو، ڀائي گوپالداس وري ٻه چوڻ لڳو
ته سوامي جي! ڪٿا ڪرڻ لاءِ توهان ڪيترا پئسا
وٺندا، اهو فيصلو ڀرين هٿڻ گھر جي، جنهن پوءِ ڪو

رڳڙو جهيڙو نہ ٿئي. اهو ٻڌي سوامي جن چيو تہ توهان ڪهڙي عجيب ڳالهہ ڪري رهيا آهيو، ستسنگ ڪٿا لاءِ اسان کي هڪ پائي بہ نہ گهرجي، توهان وشواس ڪريو، ان ڳالهہ جي چنتا نہ ڪريو، ڇوجو بہ توهان جي اڳيان ٿي رکيل آهي، جي توهان جي مرضي نہ هوندي تہ مان شهر مان مدد ڪري ڪري ڇوجن ڪانہ ڏيندس. مطلب تہ توهان ڪنهن بہ ڳالهہ جي چنتا نہ ڪريو، باقي هڪ باجي ۽ طبلي وڄائڻ واري جو بندوبست ڪجو، اهو ٻڌي ڀائي گوپالداس چيو تہ ٺيڪ آهي، ان ڪان پوءِ ڀائي گوپالداس جن آشرم جي ڪم ڪار ڪري وڃي لڳا، سوامي جن جهنگل ڏانهن گهمڻ هليا ويا، ٿورو وقت گهمي ڦري سڀ لٿي آشرم ۾ آيا پوءِ ڪير ٻـي آرامي ٿيا. ٻئي ڏينهن شام جو ستسنگ چالو ٿيو، باجي ۽ طبلي وارو بہ پوري وقت تي اچي ويو. سوامي جن يوگ وششٽ جي وشيہ تي ڪٿا آرنڀ ڪندي چيو تہ

دوها:- ست سنگت ٻج ڪلپتر، سڪل ڪامنا ڏيت،
امرت روپي وچن ڪهہ، تينون تاپ هر ليت.

ستسنگ هڪ ڪلپتر وانگر آهي، جنهن ڪلپتر جي پوڄا ڪرڻ سان من گهريون مرادون حاصل ٿينديون آهن، ليڪن ستسنگ جي سيوا ڪرڻ سان هن جيو کي چار ئي پدارٿ سولائيءَ سان ملي سگهن ٿا، سنت

مهاتمائون ويدانت جا پتارڪ وچن جيڪي امرت
ڪان بہ وڌيڪ آهن، انهن جو اپديش ڪري هن جيو
جي ٽائين ڪليشن کي مٽائي امر بڻائي ڇڏين ٿا.

دوها:- ويد وڌيءَ يگيہ ڪرت سدا،
جي ڏوج اتم گوت،
ساڌ لکت چل جات هئن،
سو ڦل پگ، پگ هوت.

اتم ڪل جي برهمڻن دوارا جيڪي ويدن جي
وڌيءَ موجب اشوَ ميڌ وغيره يگيہ ڪيا وڃن ٿا،
انهن جو جيڪو ڦل ملي ٿو، اوترو ڦل سنت مهاتمائن
وٽ جيترا قدم کڻي وڃبا تہ اوترن يگين جو ڦل ملندو.

श्लोक :–जाडय धियो हरति सिञ्चति वाचि सत्यं ।
मनोन्नतिं दिशति पापमपाकरोति ।
चेत: प्रसादयति दिक्षु तनोति कीर्तिं ।
सत्सङ्गति: कथय किं न करोति पुंसाम् ॥

ستسنگ جي مهما تمام گهڻي آهي، ستسنگ ٻڌيءَ
جي جڙتا (اگيان) کي ناس ڪري ٿو، پاپن جو ناس
ڪري ٿو، واڻيءَ ۾ سچ ڀري ٿو، سنمان وڌائي ٿو،
آنند ڏئي ٿو ۽ جس کي وڌائي ٿو، اها ڳالهہ برابر
سچي آهي، پر ڦل انهن ماڻهن کي ملندو جن ۾ سچو
پريم، سچي شرڌا هوندي، اهڙو اتم ڦل وري انهن
سنتن مهاتمائن وٽان ملندو جن جو پنهنجي ڪروءَ ۾

پورڻ وشواس هوندو. جن کي پنهنجي گروءَ جو ئي پروسو ۽ آسرو هوندو، جيڪي پنهنجي گروءَ کي ئي ڀڳوان سمجهي اُن جي شيوا پوڄا ۾ لڳا رهن ٿا.

श्लोक :—महोत्सेवां द्वारमाहुर्विमुक्तेस्तमोद्वारं
योषितां सङ्गिसङ्गम् । महान्तस्ते समचित्ता:
प्रशान्ता विमन्यव: सुहृद: साधवोऽपि ॥

مهان پرشن جي شيوا ۽ ستسنگ، کي مڪتيءَ جو دروازو سمجهڻ گهرجي ۽ زالن جي سنگت ڪرڻ وارن جي سنگ کي نرڪ جو دروازو سمجهڻ گهرجي. جن جو سمان چت (جن جي من ۾ ڀيائي ڪانهي) آهي، جن جي آتما شانت آهي، جن ڪروڌ کي جيتيو آهي، جيڪي سڀني جو ڀلو چاهيندڙ آهن، جيڪي سشيل آهن انهن کي مهاتما چيو وڃي ٿو. انهن مهاتمائن وٽ وڃڻ سان ڦل ملندو، ٿورو به فرق هوندو ته ڦل ڪونه ملندو، ڇاڪاڻ ته شردا ئي ڦل ڏئي ٿي ۽ ڏياري ٿي. شردا وارو انسان پٿر مان به پرماتما کي پائي سگهي ٿو، رڳو سچائي ۽ صفائيءَ جي ضرورت آهي.

चौपाई :—निर्मल मन जन सोइ मोहि पावा ।
मोहि कपट छल छिद्र न भावा ॥

ڀڳوان جي واڻي آهي ته مون کي اهو انسان پائي سگهندو جنهن جو من بلڪل صاف هوندو، جنهن جو

مٿن ٻولڳه، ڪپٽ، ڇل دوکيبازيءَ سان ڀريل هوندو، اهو مون کي پائي نه سگهندو.

تيرٿ ياترا جو ڦل، دان - سدان جو ڦل، ورتن جو ڦل، غريبن جي سيوا جو ڦل، گرو سنتن جي سيوا جو ڦل، پاٺ پوڄا جو ڦل، ڌرمي ڪارن جو ڦل وغيره تڏهن ملندو جڏهن من بلڪل صاف هوندو.

ڪٿا جو پرسنگ چالو رکندي سوامي جن چيو ته اسان ڪشمير ۾ سنتن مهاتمائن جي واڻيون ٻڌو هو ته راولپنڊيءَ جي ماڻهن ۾ ستسنگ ڀڳتي جو ذوق ۽ پريم آهي، پر هت ته ماڻهن ۾ ستسنگ ڀڳتي جو پريم تمام گهٽ نظر اچي رهيو آهي، جو آشرم جي سنتن ۽ سيوادارن کان سواءِ شهر جا ڪي ١٠ - ١٥ ماڻهو مس آيا آهن. يا ته ماڻهن ۾ پريم گهٽ آهي يا ته ڀائي گوپالداس جن شهر ۾ سوچنا ڪانه ڏياري آهي. ايترو ٻڌي ڀائي گوپالداس ستسنگ ۾ اٿي بيٺو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان! سچ ته پڇو ته اسان شهر ۾ سوچنا ڪانه ڏياري آهي، ڇاڪاڻ ته اسان پاڻ ۾ ويچار ڪيو ته سوامي جن جو ستسنگ خبر نه آهي ته ڪهڙو هجي، هڪ ٢ ڏينهن ستسنگ ڪن ته اسان کي خبر پوي جي اسان کي پسند آيو ته پوءِ شهر ۾ سوچنا ڏياريندا سون. ان ڪري پريمي ٿورا آيا آهن. اسان کان اها غلطي ٿي وئي آهي، توهان

جو ستسنگ ۾ ٻڌي اسين سڀ ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. اڄ لاءِ توهان کان معافي ٿا گهرون. سڀاڻي اسان سڀني شهر ۾ سوچيا ڏيهار هلنداسون. ڀائي گوپالداس جن جي سڀني ڳالهه ٻڌي سوامي جن چيو ته توهان ڪو به خيال نه ڪريو، توهان ڪابه غلطي ڪانه ڪئي آهي. پر توهان عقل کان ڪم ورتو آهي، ان ڪري اسين توهان کي ڌنيواد ٿا ڏيون، ايترو چئي رام نام جي ڌني لڳائي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو، سڀ پريمي پرساد وٺي گهر ويا، ٻئي ڏينهن چار پنج سؤ پريمي آيا، ٽئين ڏينهن ڏهه ٻارهن سؤ آيا، ائين روز ستسنگ ۾ پريمي وڌيڪ کان وڌيڪ اچڻ لڳا، ستسنگ جي موج مچندي وئي.

هڪ ڏينهن ستسنگ سماپت ڪندي سوامي جن چيو ته پريمين اسان هتان روانا ٿي وينداسون. جيڪو توهان ستسنگ ٻڌو آهي، ان جو وار وار ويچار ڪندا رهجو. سڀني ويدن شاسترن جو اهو ئي ساڳيو ئي نچوڙ آهي ته سڀ سان پريم ڪريو، سڀ جي سيوا ڪريو، ڌرم جي رستي تي هلو، سڀ کي ڪڏهن به نه لڪايو. اهو سڀ هر هڪ انسان جي اندر ۾ آهي، ايترو ٻڌي ڀائي گوپالداس جن چوڻ لڳا ته هي ٻڌون! ستسنگ جي موج ته اڃا هاڻ متي آهي جو سڀ ڏينهن ميلو لڳو پيو آهي، ٽهڻ

ڪري توهان اچا نه ڪجهه ڏينهن رهڻ جي ڪرپا
ڪريو؟ اسان راولپنڊيءَ وارن کي وڌيڪ ويدانت
جو امرت پيار يو، اسان جي شهر جا ڀاڳ جاڳيا آهن
جو توهان پنهنجو پاڻ اچي درشن ڪرايا آهن، هت
هن رام باغ آشرم ۾ ڪيترا سنت - مهاتمائون،
چترويدي پنڊت، مهامنڊليشور ڪئي ڀيرا اچي
ستسنگ ڪري ويا آهن. پر پريو! توهان جهڙا نرمالي
نسڪامي، اپيدي، تياڳي - ويراڳي سنت اڄ تائين ڪونه
آيا آهن. جنهن وقت توهان ستسنگ شروع ڪيو
تا ان وقت توهان جي اندر ۾ خبر نه آهي ته ڪهڙو
ديوتا اچي ٿو واسو ڪري جو اسان سڀني ستسنگين
کي اهين ٿو پاڻ ڏانهن ڇڪي جئن چقمق لوهه کي
ڇڪيندو آهي، اوڏي مهل اسان سڀني کان گهر
گهاٽ ڀلجي ويندا آهن، سڀ سڌ بڌ ڀلجي ويندي
آهي. ڪڏهن شام ٿيندي! ڪڏهن ستسنگ ۾
ويندا سون، اهڙي پهر اها اڻ تڻ لڳي پئي هوندي
آهي، توهانجو ستسنگ اسان جي من کي، جيڪو دنيا
جي موهه ممت ۾ ڦاٿو پيو آهي، زهر دستيءَ
ڇڪي هٿي وٺي ٿو اچي، دنيا جي دکي جيون جو
سهارو سنت مهاتمائون ئي آهن. تنهن ڪري اسان
جي ؟ سنگت جي تماڻي پرار ٿيا آهي ته توهين ڪرپا
ڪري پيا نه ڪجهه ڏينهن هت رهي اسان جي اندر

جي الڪار کي مٽائي روشن راهه ٻڌايو. ساري
سنگت خوب زور سان ٽاڙيون وڄائي ڀائي گوپالداس
جي راءِ جي پٺڀرائي ڪئي، ڀائي گوپالداس ۽ ساري
سنگت (جيڪا هزارن جي تعداد ۾ ويٺل هئي) جو
رايو ڏسي سڀني جي عزت رکندي سوامي جن چيو
ته توهان جو پريم شردا ڏسي اسان اٺ ڏهه ڏينهن
پيا به هت رهي توهان جو پريم پورو ڪنداسون،
سوامي جن جا مٺڙا ۽ دلداريءَ جا وچن ٻڌي ڀائي
گوپالداس ۽ ساري سنگت ڏاڍو خوش ٿي ۽ ٽاڙيون
وڄائي پنهنجي خوشي ظاهر ڪئي، سنگت گهڻي
هئي ان ڪري ٿورو گوڙ ٿيو، سوامي جن اٿي بيٺا
۽ سنگت کي شانت ڪرائيندي چيو ته جنهن ديوتا
لاءِ ڀائي گوپالداس اشارو ڏنو، جنهن ديوتا جي
شڪتي توهان سڀني پراڻين جي من کي دليا جي
موهه ممت کان ڇڪي پرمارٿ (پرماتما) ۾ لڳائي
ٿي، ان ديوتا جو درشن سڀاڻي توهان کي ستسنگ ۾
ڪرائينداسون. ائين چئي سوامي جن آسڻ تي براجمان
ٿيا، تنهن بعد وري ڀائي گوپالداس جن اٿي سوامي
جن کي پرارٿنا ڪري چيو ته هي ڀڳون! هڪ
سنياسي سنت جوتي پرڪاش مهراج هت آيل آهي
۽ ستسنگ ۾ ويٺو آهي، ان جو وچار به ستسنگ
ڪرڻ جو آهي، ٢ چار پيرا مون کي چيو اٿس ته

هڪ ڪلاڪ مون کي ٻه ستسنگ جو وقت ڏنو وڃي.
تڏهن ٻه ڄڻا توهان جي آگيا هجي ان موجب ڪيو
ويندو. اهو ٻڌي سوامي جن چيو ته هڪ ئي وقت
ٻن سنتن جا ستسنگ نه ٿي سگهن. پر جيڪڏهن
توهان جي مرضي هجي ۽ سنت ٻه ناراض نه ٿين ته
ٻنهي سنتن کي ٻه ٻه ڪلاڪ ڪن ستسنگ جو
وقت ڏيو، ان بعد اسان ڪنداسون، سوامي جن جي
آگيا پائي پائي گوپالداس جن چيو ته تمام سٺو، سڀاڻ
سنت ڪان پڇي سنگت کي ٻڌائيندا سون، ان ڪان
پوءِ رام نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو،
سڀ پريمي پرساد وٺي گهر ويا.

ٻئي ڏينهن شام جو سوامي جن گرو ڪرپا جي
وشيه تي ستسنگ شروع ڪندي چيو گروءَ جي مهما
اپار آهي.

श्लोक :–असितगिरिसमं स्यात् कज्जलं सिन्धु पात्रे,
सुरतरुवर शाखा लेखनी पत्र मुर्वी,
लिखति यदि गृहीत्वा शारदा सर्वकालं ।
तदपि तव गुणानामीश पारं न याति ॥

سڀ پهاڙن کي مٽي اُهن جي مس ٺاهجي، سڀ
سمنڊن کي مسڪڻي ٺاهجي، ڪلپتر ڪان وٺي سڀ
وڻن جا قلم ٺاهجن، سڀ ڌرتيءَ کي ڪاغذ بڻائجي،
گڏ نائڪ ڀڳوان گڻيش ۽ ماتا شاردا ديوي (سرسوتي)

ڪـــي ستگرو ڀڳوان جي گڻن لکڻ لاءِ وهار جي. ڀلي اهي عمر ڀر لکندا رهن ته به ان جي گڻن جو پار نٿا پائي سگهن. انهي هڪ انسان ڪهڙي ليکي ۾ آهي جو ستگروءَ جي گڻن جو بيان ڪري سگهي.

दोहा :-धरती सब कागज करूँ, लेखनि सब बनराय ।
सात समुन्द की मस करूं, गुरु गुन लिखा न जाय ॥

هن دوهي جو مطلب به ساڳيو آهي، پورڻ گروءَ جي ڪرپا بنا ڪجهه حاصل ٿي ڪونه سگهندو.

छन्द :-गुरु बिन ग्यान नहिं, गुरु बिन ध्यान नहिं,
गुरु बिन आतम विचार न लहत है ।
गुरु बिन प्रेम नहिं, गुरु बिन नेम नहिं,
गुरु बिन सीलहु सन्तोष न गहत है ।
गुरु बिन प्यास नहिं, बुद्धि को प्रकाश नहिं,
भ्रमहिं को नास नहिं, संसे ई रहत है ।
गुरु बिन बाट नहिं, कौड़ी बिन हाट नहिं,
सुन्दर प्रगट लोक वेद यों कहत है ॥

سنت سندرداس جن چون ٿا ته گرو ڪرپا بنا گيان، ڌيان، آتم ويچار، پريم، نيم، شيل، سنتوش، شرڌا ۽ بڌيءَ جو پرڪاش ڪونه ملندو، ڀرم سنسن جو ناس به ڪونه ٿيندو.

कवित:-गुरु के प्रसाद बुद्धि उत्तम दसा को गहे,
गुरु के प्रसाद भव दुख बिसराइये ।

गुरु के प्रसाद प्रेम प्रीतिहु अधिक बाढ़े,
गुरु के प्रसाद राम नाम गुण गाइये ।
गुरु के प्रसाद सब जोग की जुगति जानै,
गुरु के प्रसाद सून्य में समाधि लाइये ।
सुन्दर कहत गुरु देव जो कृपालु होइ,
तिन के प्रसाद तत्त्व ग्यान पुनि पाइये ।

جيڪڏهن ستگرو ڪرپا ڪن ته آتم ٻڌي ڏني سگهن ٿا. جيئن دوربينيءَ سان تمام سنهڙيون شيون ڏسي سگهبيون آهن، تيئن آتم ٻڌيءَ سان پرماتما کي ڏسي سگهبو آهي.

سنسار جا دک ناس ڪري سگهن ٿا، سچي پريم ۽ پريت کي وڌائي سگهن ٿا، رام نام جپارائي سگهن ٿا، ڀڳوان جا گڻ ڳارائي سگهن ٿا، جوڳ جي جڳتي ڏيئي سگهن ٿا، سمادي لڳارائي سگهن ٿا، سندر داس جن چون ٿا ته جيڪڏهن گرو ڪرپا ڪن ته تتو گيان ڏيئي موکيه ه ڪري سگهن ٿا. پر ستگرو ڪڏهن ڪرپا ڪندو ۽ ڪڏهن ني ڪرپا ڪندو؟ ڇاڪاڻ گرو ڪرپا حاصل ڪرڻ تمام ڏکي ڳالهه آهي.

ڀڄن راڳ ڪوهياري

ٽل - سمجهي هلج هري هري ،
ڳالهه آ اوکي ڪان سدت لهائين .

١- عمر سڄي ٿي قيد ۾ رهڻو،
ايهن ليائڻ مٿان چرچو پائين.
٢- ليڪڙون لکي ٿي راهه پرين جي،
پير ڪٽي مٿان پونئي هٿائين.
٣- مڱن جي سنگهه جيئري مرڻو،
سالڪ سڄائي مٿان خلق کلائين.
٤- ڪهي نيڻون ستگر جي اڳيان،
سر ڏيئي مٿان ڪنڌ ڪڍائين.

گرو ڪرپا جي وشيه ۾ سوامي جن سمجهائي چوڻ لڳا ته گرو ڪرپا حاصل ڪرڻ لاءِ سر جي قرباني ڪرڻي پوندي آهي، گروءَ جي آگيائن جو اڪر ٻه اکر پالن ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. جيڪو پنهنجو سر پنهنجي هٿن سان لاهي گروءَ جي اڳيان رکندو ان لئي گرو ڪرپا ٿيندي. جڏهن ڪو، شش اهڙي قرباني ڪندو ته پوءِ گرو، جنهن ڪي ۾ پنهنجي گروءَ وٽان قربانيءَ ڏيڻ بعد جيڪا ذري ملي آهي ان ذريءَ مان ۾ ذري ڪڍي شش کي ڏيندو. "جيڪو سر جي ست سهي اهو ئي لال لهي" جن جن سر جي ست ڏيئي ڪرپا جي ڪٽي حاصل ڪئي آهي، انهن جي چال نرالي، انهن جي مستي نرالي، انهن جو رنگ ئي انگ نرالو، انهن جي مکه مان قدر ئي اهي اکر نڪرن ٿا ته:-

دوها:- لاک پيالا پريا - چڙهي نه مستي لٿن،
اِڪ هولد گرديو کي، مست ڪيو دن رَتن.

مون گھٽٽي قسمن جا نشا واپرايا. پري پري پيالا
پيتم. پر اهڙي مستي ڪونه چڙهي جهڙي مستي
گرديو جي ڏال هولدمان چڙهي.

ڀڄن راڳ جوڳه

ٽل- پري جام جوڳي پرهه ڪا پلايا،
پيا ديو درشن جهين من پلايا.

١- ڏري چشم سادن ڪو، هري هو بدن ڪو،
وڪارون کي بن ڪو پرهه آگ جلايا.

٢- ڏرن يهه بدن هئہ، الدره گرٽ چمن هئہ،
ديوي گرٽ سمن هئہ سگند سرس لايا.

٣- ڪايا گيان ڦل ڪو، پيتا پريم جل ڪو،
پايا پرهم پل ڪو، دولد ڪو گلايا.

٤- نيڻون ڏاب جيئي، گئي سهج سيئي،
جو ساکي سئيهي، سو موهن ملايا.

مئيون ڀڄن ارٿ سهت ڳائي ۽ سمجهائي ستسنگ
سماپت ڪرڻ لڳا ته پاني گوپالداس اٿي هٿ جوڙي
چوڻ لڳو ته ڀڳون! ڪلهه جڏهن ديوتا جي درشن
ڪرائڻ لاءِ لوهان چهوهيو له سهاڻ درشن
ڪرائيندا سون سو ان ديوتا جي درشن ڪرائڻ جي
ڪرپا ڪريو ته ساري سنگت درشن ڪري اکين

جو ڦل (جنهن لاءِ ڀڳوان اکيون ڏٺيون آهن) پاتي. اهو
ٻڌي ٻراهمڻ جي شرڌا ڏسي ڪين يادگيري لاءِ
شاباس ڏيندي سوامي جن چيو ته جنهن ديوتا جي
ڪرپا سان اسين، توهين ۽ سڀئي هي آنند وٺي رهيا
آهيون، اُن ديوتا اٿيئن چولدي پنهنجي پستڪ
مان ستگرو ٽيئونرام مهراج جن جي سندر مورتي
ڪڍي ساري سنگت کي ڏيکاري، مورتي جو
درشن ڪري ساري سنگت چوڻ لڳي ته هي
ڪيڏي سوهڻي مورتي کهڙي ديوتا جي آهي؟ هي
مهاپرش يوگيشور ڪٿي رهندا آهن؟ اهو ٻڌي
سوامي جن ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته هي
الوڪ سندر مورتي هن **داس** جي ستگرو جي
آهي، سندن شڀ نالو سوامي ٽيئونرام مهراج آهي.
ڪٿي رهندا آهن؟ ڇا ڇئي ٻڌايان.

ڇند:- چارون طرف نظر ڪر ديکا،

ستگر ڪي اُجياري هئه،
بن بن مالهه ٻدا ٻي رلگي،
گل ڦل ۾ گلزاري هئه.
ديپڪ ٻهلي سور ۽ تاري،
چند اندر چمڪاري هئه.
سرواند ڪولي لهين جانت،
مهما ان ڪي پاري هئه.
ستگرو مهراج ته سرو وياپڪ ۽ هر هنڌ حاضر آهن،

ٿهن هوندي ته سرڳ روپ سان هن وقت سنڌ پرانت ضلع نوابشاهه جي مکيه شهر ٽنڊي آدم ۽ امراپور دربار جو ڪ، شهر کان پري ڏکڻ طرف واري جي ڀٽن مٿان ۽ گهاٽي جهنگل ۾ ٺهيل آهي، اتي براجمان آهن. سنساري جيون جي اڌار لاءِ اوتار ڌارڻ ڪري آيا آهن. انهن جي ڪيتري ۽ ڪهڙي ساراهه ڪجي، زبان کي طاقت ڪانه آهي. اهو ٻڌي ڀائي گوپالداس جن هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته پڀو! ڪرپا ڪري اها مورتي اسان کي ڏيو ته اسين ان کي سندر فرم چڙهائي مندر ۾ براجمان ڪريون، جيئن ساري سنگت درشن ڪري پنهنجي جيون جو لاڀ وٺي سگهي. باقي هن ديهه ديوتا جو ساکيات درشن ته تڏهن ٿيندو جڏهن اسان راولپنڊي وارن جا ڀاڳ جاڳندا، تيسين اسين سڀ سندن سندر مورتي جو درشن ڪري پنهنجي اکين کي پوتر پيا ڪنداسون. سوامي جن ساري سنگت جي شرڌا ڏسي ستگرو مهراج جن جي مورتي ڀائي گوپالداس کي هٿ ۾ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن توهان جي ايتري شرڌا ۽ پريم آهي ته ستگرو مهراج جن ا جلدي توهان کي درشن ڪرائيندا. ايترو چئي رام نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو، ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي. سوامي جن ڪٽيا ۾ آيا،

اتي سردار هردت سنگهه ۽ سندس ماتا ارجن ديوي شري امرچند، ڀائي هيرالعل، شري ڪشنسنگهه (ماتا ارجن ديويءَ جو ڀائي)، شري پشوري لال (ماتا ارجن ديويءَ جو ڀاءُ) ۽ ٻين پريمين به ڀوڄن لاءِ پڌارا هئا ڪئي، سڀني جو پريم ڏسي سوامي جن ڀوڄن لاءِ سوال مڃيا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سردار هردت سنگهه سوامي جن کي ڀوڄن لاءِ وٺڻ آيو، سوامي جن آشرم جي سڀني سنتن کي ساڻ وٺي سردار هردت سنگهه جي گهر آيا. اتي ماتا ارجن ديوي ۽ سردار هردتسنگهه سوامي جن جو تمام ستڪار ڪيو، ڀوڄن ڪري سڀني سنتن سميت سوامي جن آشرم ۾ آيا.

شام جو ستسنگ شروع ٿيو، پهرين سنت جوتي پرڪاش مهراج ستسنگ ڪيو. تنهن کان پوءِ سوامي جن ستسنگ شروع ڪيو، جنهن ۾ گيان ڀڳتيءَ جي وارتا هلائي چوڻ لڳا ته ڪوبه انسان پوءِ چاهي اهو برهمچاري، گرهست، وان پرست، سنياس، کڻي به آشرم جو، برهمڻ، کتري، ويش، شودر کڻي به ورڻ جو ڇو نه هجي، اهو ڪوشش ڪري ته گرو ڪرپا سان آتم گيان پائي موکه حاصل ڪري سگهي ٿو، گيان ۽ ڀڳتيءَ جو ڪنهن ورڻ، آشرم، ڀيکه پنٿ سان لاڳاپو ڪونه آهي.

चौ० जाति पांति प्रभु पूछइ न कोई, हरि को भजे सो हरि का होई

پرماتما جو ذات پات سان ڪوبہ مطلب ڪونہ
آهي جيڪو بہ ڀڳوان جو ڀڄن ڪندو، اهو اُن جو ٿي
ٿي ويندو. ساري سنگت کي سمجهائيندي سوامي
جن چوڻ لڳا تہ توهين بہ گرهستہ ۾ رهندي موکہ
پائي سگهو ٿا.

پد:- تونگري بہ دل است نہ بہ مال،
بزرگي بہ عقل است نہ بہ سال.

داتار پڻو دل ۾ آهي، ڌن دولت ۾ ڪونہ
آهي، عقل وڏائي ۾ آهي عمر ۾ ڪونہ آهي،
"جيڪو اوني سو ارجن." اُن وشيہ ۾ درشٽانت
پرماڻ ڏيئي ستنام ساکي، ساکي شوو هم جي ڌني
لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو، ساري سنگت پاؤ
پرساد وٺي گهر وئي، سوامي جن پنهنجي ڪٽيا ۾ آيا.

ٻئي ڏينهن شام جو ڀائي گوپالداس جن ستگرو
ٽيئون رام مهراج جن جي مورتي مڙهائي تيار ڪرائي
کڻي آيا، مورتي ڏسي سوامي جن ڏاڍو خوش ٿيا
۽ سيني ڀر پريم سان گڏجي پوڄا ڪري پنهنجي
هٿن سان مندر ۾ مورتي براجمان ڪئي. اُن ڪانپوءِ
ستسنگ آرنڀ ٿيو، پهريان سوامي جوتي پرڪاش
مهراج ستسنگ ڪيو جنهن ۾ سوامي جن جي
ستسنگ جو ڪٿان ڪندي سوامي جوتي پرڪاش

مهراج شاسترن جا درشٽانت پرماڻ ڏيئي چوڻ لڳو
ته سنياس آشرم کان سواءِ موکيه ڪڏهن به ڪو نه
ٿيندو. سنت جوتي پرڪاش مهراج جي ستسنگ کان
پوءِ سوامي جن ستسنگ چالو ڪيو، سوامي جن پنهنجي
وشيه جو منڊن ڪندي چيو ته راجا جنڪ، ڀوڳي
ياگيه ولڪيه، مهرشي وشسٽ، ڀڳت ڪبير صاحب،
سنت دادو ديال وغيره پيا به ڪيترا سنت ڀڳت
گرهست آشرم ۾ رهي، موکيه پراپت ڪري ويا آهن.
شاسترن جا درشٽانت پرماڻ ڏيئي ان ڳالهه کي سڌ
ڪري چيو ته موکيه ۾ سڀن جو هڪ جهڙو حق آهي،
پوءِ ستنام ساکي، ساکي شووهم جي ڌني لڳائي
ست سنگ سماپت ڪيو، ساري سنگت پرساد وٺي
گهر وئي.

موکيه جي وشيه تي سوامي جن منڊن ڪندا هئا
۽ سوامي جوتي پرڪاش مهراج جن کنڊن ڪندا هئا.
هاڻ ستسنگ، روز کنڊن منڊن جي روپ ۾ ٿيڻ لڳو.
شاسترن جون ڳالهيون ٻڌي ساري سنگت ۾ پڻ
چاهه وڌڻ لڳو، گهڻي کان گهڻا پريمي اچڻ لڳا.
اهڙي؛ طرح برابر اٺ ڏينهن موکيه جي وشيه تي
ستسنگ ٿيندو رهيو پر ڪو به فيصلو ٿي نه سگهيو،
قدرت سان انهن ڏينهن ۾ سوامي گنگيشورانند مهراج
جن منڊلي؛ سوڌو رام باغ ۾ اچي لٿا، هڪ ڏينهن

ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ڀائي گوپالداس جن پرارٿنا ڪري سوامي جن کي چيو تہ هي ڀڳون! ستسنگ ۾ ڏاڍو رس پيو آهي جو ستسنگ سوالن جوابن جي روپ ۾ ٿي رهيو آهي. ساري سنگت ۾ ڀڻ انهن ڳالهين ٻڌڻ جو چاهہ وڌي رهيو آهي، مونکي تہ تمام گهڻي خوشي آهي، ڇو تہ هيءُ ستسنگ اڄ ٽاءِ هن آشرم ۾ ڪونہ ٿيو آهي، ساري سنگت کي ٿوهان مست بڻائي ڇڏيو آهي، هاڻ منهنجو اهو عرض آهي تہ آخر موکي ڪنهن کي ملندو؟ ان ڳالهہ جو فيصلو اڃا تائين نہ ٿي سگهيو آهي. هاڻ جلدي ڪو فيصلو ٿيڻ گهرجي تہ چڱو، وڌيڪ مالڪ آهيو. ڀائي گوپالداس جن جو عرض ٻڌي سوامي جن چوڻ لڳا تہ هن ڳالهہ جو فيصلو تہ ٽڏهن ٿي سگهندو، جڏهن ڪو ٺاڪرُ وچ ۾ ويهي فيصلو ڪري. پر ٺاڪرُ بہ اهو هجي جيڪو نہ رڳو شاسترن جو ڄاڻو هجي پر انڀوي ۽ ني رتاءِ بہ هجي، جيڪو ڪنهن بہ ڌر جو طرف نہ کڻي پورو فيصلو ڪري. اهڙو صاف دل ۽ سچ چوندڙ مهاتما فيصلو ڪري تہ ڪري سگهي ٿو نہ تہ مشڪل آهي. اهو ٻڌي ڀائي گوپالداس چوڻ لڳو تہ اڄ پرم پوڄيہ سوامي گنگيشورانند مهراج جن هت آيا آهن، انهن کان اهو فيصلو ڪرائجي تہ چڱو، اهو ٻڌي سوامي سروانند مهراج جن ۽ سوامي جوتي پرڪاش

مهراج جن ڄڻو ته توهان ٻالڪ لڳي ڄڻو آهي، تمام
سٺو ٿيو جو سوامي گنگيشورانند مهراج جن موقعي تي
آيا آهن. اهي جيڪو فيصلو ڪندا، اهو منظور ڪيو
ويندو. ان کان پوءِ سوامي جن سنڌام ساکي، ساکي
شوو هم جي ڌن لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو،
ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي. اهڙيءَ طرح
ٻيا ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا، چوٿين ڏينهن شام جو
ستسنگ کان اڳواٽ ڀائي گوپالداس ۽ چار پنج ٻيا
پريمي سوامي جن وٽ ڪٽيا ۾ آيا، سوامي جن سڀني
کي آدر ڀاءَ سان وهاري خبر چار پڇي. ڀائي گوپالداس
هٿ جوڙي عرض ڪيو ته جڏهن ته سوامي گنگيشورانند
مهراج جن ٻه آيل آهن. تڏهن ۾ اسان جو ويچار آهي
ته اڄ کان سندن ستسنگ شروع ڪرائجي. تڏهن ۾
ٻهراڻ سنت جوٽي پرڪاش مهراج جن ستسنگ ڪن،
پوءِ توهان ڪرپا ڪري پڇاڙيءَ جو سوامي گنگيشورانند
مهراج جن ڪن. تڏهن کان سواءِ لڳاتار ٻارهن ڏينهن
کان وٺي جيڪو موکيه جي وشيه تي ستسنگ هلي
رهيو آهي، ان جو ٻه فيصلو ٿي وڃي، وري ٻه جيڪا
توهان جي آگيا هجي ته ان موجب ڪجي. اها ڳالهه
اڃا ٿي هلي رهي هئي ته اينري ۾ لال ڪڙنيءَ ۽
چالوٺيءَ مان لالا هرپچند، ڀائي اوڌ راج، ڀائي رتن لال
ڀائي سيتارام، ڀائي چندي لال ۽ ٻيا پريمي سوامي جن

وٽ آيا. سوامي جن سيٺيءَ جو آدرڀاءُ ڪري سيٺيءَ
کي وهڻ جي آگيا ڏني، سوامي جن جي پڇڻ تي
سيٺيءَ ويهي گڏ جي سوامي جن کي عرض ڪيو ته
لال ڪڙليءَ ۽ چانوڙي شهر ڪان ٻري آهن ۽ هت سڀ
پريمي ستسنگ ۾ نٿا پهچي سگهن، تنهن ڪري ڪرپا
ڪري ڪجهه ڏينهن اتي هلي سنگت کي ستسنگ جو
امرت پياريو. گوپالداس کي ٻه چوڻ لڳا ته سوامي
جن کي هت ٻه ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن. تنهن کان
سواءِ هت رام باغ ۾ پيا ٻه سنت مهاتمائون آيل آهن.
تنهن ڪري توهان ٻه اسان جي پاران سوامي جن
کي عرض ڪريو ته ڪجهه ڏينهن اسان وٽ هلي
ساري سنگت کي امرت پيارين. لال ڪڙليءَ جي
پريمين جي ڳالهه ٻڌي ڀائي گوپالداس ٿورو منجهي
پيو. اهو ڏسي سوامي جن ڪيس دلداري ڏيندي
چيو ته توهين خيال نه ڪريو، هاڻ هت ٻه ڪافي
سنت آيل آهن، ڀلي اهي ٻه سنگت کي آنند وٺائين.
اسين ٻه ڪجهه ڏينهن لال ڪڙليءَ ۾ رهي وري
توهان وٽ ايندا سون. اسين توهان کان ٻري ڪونه
آهيون، ڀلي سڀ پريمي خوش ٿين. تنهن کان سواءِ
هڪ ٻي جڳهه تي الڳ الڳ ٻه ڪٿائون سنديون
ٿيون لڳن.

ڀائي گوپالداس سوامي جن جا دلداريءَ ڀريا

وچن ٻڌي چوڻ لڳو ته هڪ طرف ساري سنگت
توهان کي ڇڏڻ لئي چاهي، ٻئي طرف سنت آهل
آهن، ٽيئن طرف لال ڪوڙي۽ جي برهمڻ جو پلڙو
ڀاري ٿو لڳي، تنهن ڪندي ته اسان پاڻ ۾ وچار
ڪريون ٿا، ته ڇا ڪرڻ گهرجي. اهو ٻڌي لال ڪوڙي۽
جا سڀ پريمي هٿ جوڙي ڀائي گوپالداس کي چوڻ
لڳا ته توهين ٻيو ڪجهه نه سوچ ويچار نه ڪريو،
سوامي جن کي خوشي۽ سان موڪل ڏيو. اهو ٻڌي
ڀائي گوپالداس ۽ ٻيا پريمي سوامي جن کي چوڻ لڳا
ته جنهن توهان جي آگيا هوندي ان موجب اسين
ڪنداسون. ايترو ٻڌي لال ڪوڙي۽ وارن برهمڻ
ڀائي گوپالداس کي چيو ته سڀو بندوبست ڪري
اسين پرڀهن سوامي جن کي وٺي ايندا سون. ان بعد
ستسنگ چالو ٿيو، پهرين سنت جوتي پرڪاش مهراج
جن ستسنگ ڪيو، پوءِ سوامي جن ستسنگ ڪيو،
ڀڄهڃي ستسنگ جي پڇاڙي۽ ۾ سوامي جن ساري
سنگت کي چيو ته وڌ درشن آچار ته سوامي
گنگيشوراند مهراج جن جهڙي توهان جي سامهون
براجمان آهن، هاڻ اهي توهان کي ويدانت ٻڌائي۽
جو رس پيار ڏيندا. ان بعد سوامي گنگيشوراند مهراج
جن ستسنگ شروع ڪيو.

श्लोक :–साधूनां दर्शनं पुण्यं, तीर्थं भूता हि साधव: ।
तीर्थं फलति कालेन, सद्य: साधु समागम: ।।

پنهنجي سٽسنگ ۾ سوامي گنگيشور آنند مهراج جن چوڻ لڳا ته سنتن - ست پرشن جو درشن پوتر - پٽ روپ آهي. ڇو ته اهي تيرٿن جو روپ آهن، تيرٿن جو ڦل دير سان ملندو آهي، پر سنتن جي سنگ جو ڦل اتي جو اتي ملندو آهي. ڀڳوان ۽ سنتن ۾ ڪو به فرق ڪو نه آهي. سنت ڀڳوان جو سرگڻ روپ آهن. سنتن جي درشن ۽ ڪرپا سان جنم مرڻ جو چڪر مٽي وڃي ٿو ۽ موڪش پراپت ٿئي ٿو، پر اهڙا سنت مهاتمائون بلڪل ٿورا آهن ۽ انهن جو درشن پڻ درلڀ آهي. سنتن جي مهما جي وشيه ۾ ويدن شاسترن جا درشٽانت پرماڻ ڏيندي چوڻ لڳا ته هن وقت سنڌ پرانت ۾ مهراج ٽيئون رام جن اوتار وٺي آيا آهن، جن پريم پرڪاش پنٿ جو پايو وڌو آهي ۽ سنڌن مول منتر ستنام ساکي آهي، اهي اوتاري پرش سچ ڌرم جو پرچار ڪري اگياني جيون کي جاڳائي رهيا آهن. هن وقت سنڌن شش سوامي سروانند مهراج جن ٿوهان وٽ آيل آهن، جن ٿوهان کي ڪافي ويدانت ڀڳتيءَ جو رس پيارو آهي ۽ پياري رهيا آهن. مهراج ٽيئون رام جن جو جس ٻڌي اسان ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. سوامي گنگيشور آنند مهراج جن جا اهي وچن ٻڌي ڀائي گوپالداس سٽسنگ ۾ اٿي بيٺو ۽ آکيا ونئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان!

توهان جيڪي سوامي تيئون رام مهراج ۽ سوامي سروانند
مهراج جن لاءِ چيو اهو بلڪل سورهن آنا سچ آهي. هاڻ
اسان جو هڪ عرض آهي ته ڏهن ٻارهن ڏينهن کان
وٺي موکيه جي وشيه تي ستسنگ هلي رهيو آهي.
سنت جوتي پرڪاش مهراج جن جو چوڻ آهي تہ
سنياس آشرم وارو ئي موکيه پائي سگهي ٿو. سوامي
سروانند مهراج جن جو چوڻ آهي ته ڪهڙي به آشرم
ڪهڙي به ورڻ جو چولو هجي ته اهو به موکيه پائي
سگهي ٿو. رڳو من جي سنياس ۽ تياڳ جي ضرورت
آهي. اهو ٻڌائي ڀائي گوپالداس چوڻ لڳو تہ هاڻ
توهان ڪرپا ڪري موکيه جي وشيه تي روشني
وجهو، جئن ساري سنگت کي حقيقت جي ڄاڻ ٿئي.
سوامي سروانند مهراج ۽ سوامي جوتي پرڪاش مهراج
جن اهو فيصلو توهان تي رکيو آهي.

اهو ٻڌي سوامي گنگيشورانند مهراج جن مشڪي
چوڻ لڳا ته گيان ڀڳتي ۽ موکيه، خاص ڪنهن ذاتيءَ،
ورڻ يا آشرم لاءِ ڪونہ آهي. جيڪو بہ ڪوشش
ڪندو تہ اهو حاصل ڪري سگهندو. جئن ڪوئي
انجنيريءَ، ڊاڪٽريءَ يا ماسٽريءَ جو امتحان ڏيئي
سگهي ٿو. تئن جيڪو ڀڳتي ڪندو اهو موکيه پائيندو.
سوامي گنگيشورانند مهراج جن پڌرو فيصلو ٻڌائيندي
چيو تہ سوامي سروانند مهراج موکيه جي وشيه تي

جيڪي ڪجھ چيو آهي اهو شاسترن جي مطابق ۽ سهي آهي. اهو فيصلو ٻڌي ساري سنگت سوامي سروانند مهراج ۽ سوامي گنگيشورانند مهراج جن جي جئه جئه ڪار مڃائي، زور زور سان تاڙيون وڄائي پنهنجي خوشي ظاهر ڪئي. ان بعد سوامي گنگيشورانند مهراج جن پنهنجو ستسنگ سماپت ڪيو.

ستسنگ کان پوءِ ڀائي گوپالداس ساري سنگت کي سوچنا ڏيندي چيو ته پرم پوڄيه شري سوامي سروانند مهراج، جيڪي ستسنگ ۾ براجمان آهن، جن پنهنجو ڪافي ۽ قيمتي وقت ڏيئي جڳياسن، پريمين ۽ ساري سنگت کي ويدانت ۽ ڀڳتيءَ جو رس پياري مست بڻايو آهي، جن پنهنجي نشڪامتا، نرمانتا، اُدارتا، نرابهمانتا، ديالوتا، تياڳ، ويراڳ ۽ ٻين انيڪ آتم گڻن سان ساري سنگت کي موهي ڇڏيو آهي، ساري سنگت جي انتري پرم هوندي به سوامي جن جي وچارن، رهڻ-سهڻ ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو آهي، ڪمل گل وانگر نيارا رهي ساري سنگت کي ڌرم مرياده ۾ رهڻ جي سکيا ڏني آهي، تنهن لاءِ اسين سندن تمام ٿورائتا آهيون. سندن سرل ۽ سادي سڀاءُ، مٺڙيءَ واڻيءَ ۽ سنيهه شيلتا جي جيتري ساراهه ڪجي اوتري ٿوري. جن اسان وٽ رهي اسان جو گيان وڌايو آهي. اسان کي جاڳايو آهي،

اهي سڀ جي ساکيات مورتي پوڄ سوامي سروانند مهراج جن ڏنو اڄوڪي رات اسان وٽ آهن، اهي سڀاڻي اسان سڀني کان جدا ٿي رهيا آهن. اڄ جواڻي ڀائي گوپالداس جي اکين ۾ پريم جا ڳوڙها ڀرجي آيا، دل ڀرجي آئي ۽ گلو رڪجي ويو، وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو ۽ ويهي رهيو. ساري سنگت ۾ پڻ اداسي ڇانئجي وئي. ساري سنگت کي اداس، بيقرار ڏسندو ڏسي ليکڪ ان وقت لالا هرچند سڀا ۾ اٿي بيٺو، ساري سنگت کي دلداري ۽ سوچڻا ڏيندي چيو ته توهان دلگير نه ٿيو، سوامي جن جو سنسڪار سڀاڻ کان وٺي روز رات جو لال ڪڙتي ۾ ڇالو ٿي سدائين مدد ۾ ٿيندو، ساري سنگت کي اٿي اچڻ لاءِ پريم ڀريو نيوتو آهي. سڀئي اٿي اچي درشن ڏجو. ان کان پوءِ پرساد ورهايو ويو، ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو لالا هرچند ۽ رتن لال ڳپتا سوامي جن کي وٺڻ لاءِ رام باغ ۾ آيا، ڀائي گوپالداس ۽ ٻيا شهر جا گهڻئي پريمي سوامي جن کان موڪلائڻ لاءِ اڳواٽ ئي رام باغ ۾ اچي گڏ ٿيا هئا، سوامي جن آشرم جي سنتن، ڀائي گوپالداس ۽ سڀني پريمين کان موڪلائي لالا هرچند ۽ شري رتن لال جن سان گڏجي موٽر ۾ چڙهي لال ڪڙتي سدائين مدد ۾ آيا،

جتي اڳ ۾ ئي سوامي جن جي رهڻ لاءِ جوڳو بندوبست ڪيو ويو هو. سوامي جن اتي پهچي سڀني پريمين سان ڀيٽا ڀوڳيه ملي ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا. سو ڇدا موجب اٺين ٻجي رات جو ستسنگ شروع ٿيو، اٽڪل هزار کن پريمي ستسنگ ۾ آيل هئا، سوامي جن پريم جي وارتا هلائي چوڻ لڳا ته:-

دوهو:- ورنداون کي ڀيٽ ۾، هوئي پريم ٻهار،
ڪهه نٿون نا ڪهه سڪون، مهما اَپرمپار.

دوهو:- پريم پريو ڪا روپ هئ، پريو پريم ڪي مانهن،
ڪهه نٿون هر پريم ٻن، ملهن ڪاهوُن نانهن.

جڏهن وقت مرلي منوهر مرلي وڄائيندو هو ته ان وقت سڀ برج واسي مرليءَ جي مڌر آواز ۾ اهڙو ته مگن ٿي ويندا هئا جو ڪين خبر ٿي ڪانه پوندي هئي ته ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهيون. گهر ۾ آهيون يا جهنگ ۾ آهيون. قدرتي جو ڪم جتي اهو ڪم اُتي رهجي ويندو هو، سڀني جي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هئي، جڻ ته ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو هجي. سڀني جو چرڻ پرڻ صفا بند ٿي ويندو هو، جڻ پٿر يا ڪاغذ جون مورتون هجن. اها حالت رڳو گوپين گوالن - ٻالن سان ڪانه ٿيندي هئي، پر وڻ ٽڻ وليون، گل، ڦل، پکي، پشون، وڇڙا - ڳائيون، جمنا، سج - چنڊ، تارا، جان - بي جان وغيره سڀني مرليءَ جي

آواز تي مست ٿي ويندا هئا.

❀ ڀڄن-راڳ پيلو ❀

ٽل - ڪرشن ڪنهائي، بنسي ٻڄائي،
ڀري من ڪي سڌ ٻسرائي،
سن سڪدائي، شانتي پائي،
آنند مانهن سرت سمائي.

١- بنسي ڪو هر مڌر ٻڄايا،
برج ساري ڪو مست بنايا،
گيان ڀلايا ڌيان ڀلايا، شان ڀلايا لاج گنوائي.

٢- مرلي ٻڄا هر مڌور موهيا،
نارد شارد سر نر موهيا،
برهما موهيا، وشنو موهيا،
شنڪر موهيا گرجا مائي.

٣- اس مرلي ڪي سن جهڪاري،
گنگا ٻمنا سن ڪو ڌاري،
رو، شش ڌاري گند رؤ ساري،
ٻون پياري استت پائي.

٤- مرلي ڪي هٿ مهما ڀاري،
ڪهه نه سڪون ٻه، ويد اچاري،
ڀڳتن پياري امرت ڌاري،
هٿ گڪاري مجهه ڪو ڀائي.

مرلي ۾ جادو ڀريل هو، يا وڄائيندڙ جادوگر

هو؟ مرلي نه هئي، پر اها مرلي ان اندر ڙي لٽ ڪئي
ليکگر کي ڪنهن ڏني؟ مرلي ته ڪا رواجي ڪاٺ
جي ٺهيل ڪانه هئي. ڇهه راڳ ۽ ڇٽيهه راڳڻيون سڀ
سنگيت شاستر ۾ مشهور آهن، پر انهن راڳن جو بالڪو
بهاري بالس جي بانسريءَ مان خبر ٿي آهي ته ڪيترا
۽ ڪهڙا راڳ ۽ راڳڻيون وڄائيندو هو. گوپين کي
سڏ ڪرڻ وقت، گوالن - بالن کي سڏ ڪرڻ وقت،
ڳائين - وڇڙن، پکين - پسن کي سڏ ڪرڻ وقت،
ماتا پتا کي ليلا ڏيکارڻ وقت، مکڻ چورائڻ وقت،
راس - مهاراس ڪرڻ وقت، ڪالي ناڳ تي نچڻ
وقت، ڦڳ رت ۾ رس پيڻ وقت ڪرشڻ ڪهڙو
ڪارو، گوڪل ڳاءُ جو ڇيل ڇٻيلو ڇورو، مرليءَ مان
الڳ الڳ سر آلاپيندو هو، جنهن لاءِ مرلي وڄائيندو
هو ته اهو ئي آواز پڙندو هو، هڪ جو آواز ٻيو نه
پڙي سگهندو هو. گوپين، گوالن - بالن جو گوورڌن
ڌاري گوبند سان جيڪو ۽ جهڙو پريم هو، ان جو
بيان زبان سان نه ٿو ڪري سگهجي، پر من سان به
ڪلپنا نٿي ڪري سگهجي. گوڪل ڳاءُ جو رستو ئي
نرالو آهي. ”متهرا ٽنهي لوڪن کان نياري.“

پريو ڀاڳ پريم جو روپ آهي ۽ پريم پريوءَ جو
روپ آهي. ملندو به ان کي جيڪو پريم جو روپ
ٿي ويندو. جيڪو درياهه جي ڪناري تي ٿي ويهندو

رهندو، ان کي ڪھڙي خبر ته غوطا ڇا ڏيندا آهن.

پرماتما سڀ آهي ۽ سڀني پرڀرسان ڏسي ملندو. جيئن هڪ هيرو آهي ان جي قيمت ڏهه هزار رپيا آهي، ان هيري خريد ڪرڻ لاءِ ڏهن هزارن رپين جي قيمت جا پٿر، ڪپڙو، ٻاجهون، ميوا - مٺايون، پستا - بادام، مکڻ - ملايون، ڪاٺ، چانور يا ٻيون شيون وغيره کڻي وڃڻ ۽ جواهريءَ کي چئجي ته هي ڏهن هزارن رپين جو سامان وٺ ۽ اتري قيمت وارو هيرو ڏي، ته ڇا جواهري هيرو ڏيندو؟ اصل ڪونه ڏيندو. جيتوڻيڪ سامان برابر ڏهن هزارن رپين جو آهي ۽ هيرو به ساڳئي ملهه وارو آهي. سامان به سڀ آهي، جيڪڏهن اهو سامان بزار ۾ وڪڻجي ته برابر ڏهه هزار رپيا ملندا، سڀ هوندي به هيرو ڪونه ملندو، هيرو ته تڏهن ملندو جڏهن روڪڙا رپيا ڏبا. تيئن پرماتما سڀ آهي. دان - پن تيرٿ - ورت، نيم، تپسيا، پوڄا - پاٺ، آرتيون، ڪٿائون وغيره سڀ سٺا ڪرم ۽ سڀ آهن پر ست سروپ پرماتما انهن سان ڪونه ملندو. پرماتما ته روڪڙي سڀ سان ئي ملندو. روڪڙو سڀ ڪٿان ملندو؟ جيئن ڪپڙو اناج وغيره ٻيو ڪوبه سامان بزار ۾ وڪڻبو ته روڪڙا پئسا ملندا ۽ ان مان هيرو وٺي سگهبو. تيئن پاٺ - پوڄائون، دان - پن وغيره سڀئي

ستا ۽ شڀ ڪرم وڪرما نہ روڪڻ وسچ ملندو، اهو
روڪڻ وسچ ستگروءَ کي ڀيٽ ڪبو نہ پرڀو پرماتما
ملندو.

شري ڪرشڻ ڀڳوان ڀڳوت گيتا اڌياءِ ٻارهين، شلوڪ ۴۸، ۵۳ ۽ ۵۵ ۾ ارجن کي سچ جو اپديش ڪندي چيو آهي تہ هي ارجن! هن وقت جنهن نوع منهنجو درشن ڪري رهيو آهين، تيئن نہ ويد پاٺ نہ يگيہ-هون، نہ دان-پُن، نہ ورت-تپسيا، نہ آرتي-پوڄا وغيره سان ۽ شڀ ڪرمن ڪرڻ سان ني ٿي سگهي ٿو. اهڙو درشن رڳو ڀڳتيءَ سان ٿي سگهي ٿو.

پرم جي وشيہ تي ستگرو مهراج جن جا ٺهيل ڀڄن ڀڳواني گيتا وغيره شاسترن جون جڳتيون، پرمارٿ ڏيئي رام نام جي ڏي لڳائي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو. ساري سنگت پرساد وٺي گهر ويئي. اهڙيءَ طرح روزانو ستسنگ ٿيندو رهيو، ستسنگي پڻ روزانو گهڻي انداز ۾ اچڻ لڳا. ستسنگ جي موج وڌڻ لڳي.

هڪ ڏينهن صبح جو لالا هرچند، شري رتن لال گپتا، شري سيتارام، شري جگت ڪرشن، ڀائي رامداس، ڀائي ڪرپا رام، ڀائي چندي لال، شري پرڀو ديال ۽ ٻيا پريمي مندر ۾ سوامي جن وٽ آيا. سوامي جن

سندن آدر ستڪار ڪري ڪين وهڻ لاءِ آکيا ڪئي، آکيا پائي سيٺ پريمي وٺي رهيا. جل-پان ڪرڻ کان پوءِ سوامي جن ڪين حال احوال ٻڌائڻ لاءِ آکيا ڪئي، آکيا پائي سيٺ پريمي عرض ڪري چوڻ لڳا ته هي ڀڳوان! ڪرپا ڪري اسان کي نام جو دان ڏيئي پنهنجي چرنن جو داس بڻايو. پريمين جي پرارٿنا ٻڌي سوامي جن ڪين هفتي کان پوءِ اچڻ لاءِ آکيا ڏني. آکيا پائي سيٺ پريمي گهر ويا.

روزانو نيم موجب ستسنگ ته هلندو ئي رهندو هو. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ۾ ويدانت جي وارتا هلائي چوڻ لڳا ته:—

卐 ڀڄن - راڳ جوڳ 卐

ٽل-ري من مورا ڀٽڪت ڪاهين،

جو سک چاهت سو تجهه ماهين

١- مرگ کي نابي بسي ڪستوري،

اپني سي وه جانت دوري،

کوجت بن ۾ ملت نه ڪاهين.

٢- انتر مک ٻن شانت نه آوت،

ويد گياني مدي به گاوت،

سو پرمانند ناهين پراهين.

٣- مان وچن سنت مورا پڪيا، ٻهه جگ جالو ٻول پلٽيا،

جو ٻولا سو لکت ناهين.

٤- گهتا ٿيئون ابهين جاڳو، اهڙي آتم ۾ الراڳو،
جنم مرڻ دک هٽي لهن جالهين.

جڏهن سک کي هيءَ جيوُ چاهي ٿو، اهو سک جو خزانو نه هن جيو جي اندر ۾ ئي موجود آهي. ॥ जीव का स्वरूप अति आनन्द कहत वेद ॥ جئن گلن ۾ سرهاڻ مرچن ۾ ڪڙاڻ، ليمن ۾ کٽاڻ، مصريءَ ۾ مٺاڻ، برف ۾ ٿڌاڻ، ڪوئلي ۾ ڪاراڻ، ميندي ۾ لالاڻ، باهه ۾ گرمي ۽ کيهه ۾ سٽپ موجود آهي ۽ هڪ ٻئي کان جدا ٿي نٿا سگهن. هيءَ سنسار هڪ "ڀول ڀلئيا" آهي. هن سنسار روپي ڀـــول ڀلئيا ۾ رجي، تمي ۽ ستي ٽنهي گڻن مان پيدا ٿيندڙ ور ٿيون (وچار - خيال) سوڙهيون، ڀلائيندڙ ۽ منجهائيندڙ گهٽيون آهن. هڪ واريءَ ڪو به انسان انهن گهٽين ۾ ڀلجي ويو ته پوءِ ان جو ٻاهر نڪرڻ محال آهي. قدرت (پرڪرتيءَ) جي گڻن مان پيدا ٿيندڙ سک کي ئي سچو سک سمجهي ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هيءَ جيوُ لڳو پيو آهي. شري ڪرشڻ ڀڳوان پڻ گيتا اڌياء چوڏهين، شلوڪ ٦، ٧ ۽ ٨ ۾ ارجن کي ان بابت چڱي طرح سمجهايو آهي. شري مد ڀاڳوت جي ٻارهين سڪند ۾ ان وشيه کي وڌيڪ صاف ڪيو ويو آهي جئن ته:-

श्लोक :–शभो दमस्तितिक्षेक्षा तपः सत्यं दया स्मृतिः ।
तुषिस्त्यागोऽस्पृहा श्रद्धा ह्रीदयादिः स्वनिवृंत्तिः ॥

شم، دم، تتڪشا، وويڪ، تپ، سچ، ديا، سمرتي، سنتوش، تياڳ، اسپرها، شرڌا، لڄ، آتما ۾ پريت ۽ دان اهي سڀ ستي گڻ مان پيدا ٿيندڙ ورتيون آهن.

श्लोक :–काम ईहा मदस्तृष्णा स्तम्भ आशीर्भिदा सुखम् ।
मदोत्साहो यशः प्रीतिर्हास्यं वीर्यं बलोद्यमः ॥

اڇا، پريتن (ڪوشش) گهمنڊ، ترشنا، اينٺ (اڪڙ)، ستبڌتا (هٺ)، ياچنا (منگڻ)، ڀيد ٻڌي (ٻيائي)، وشيه سک، سااهه سان پريت، چرچو مسخري، طاقت ۽ زور زبردستيءَ سان ڪوشش ڪرڻ، اهي سڀ رجي گڻ مان پيدا ٿيندڙ ورتيون آهن.

श्लोक :–क्रोधो लोभोऽनृतं हिंसा याञ्चा दम्भः क्लमः कलिः ।
शोकमोहौ विषादार्ती निद्राऽऽशा भीरनुद्यमः ॥

ڪروڌ، لوڀ، مٿيا ڀاشڻ (ڪوڙ ڳالهائڻ) هنسا، ياچنا، پاکنڊ، شرم، ڪلهه (جهيڙو)، شوڪ، موهه، وشاد (دک)، دينتا، ننڊ، آشا، ڀؤ، آلسپڻو وغيره اهي سڀئي تمي گڻ مان پيدا ٿيندڙ ورتيون آهن.

انهن سڀني ورتين مان پيدا ٿيندڙ سک، جو حقيقت ۾ نقلي آهي، پر هيءَ جيوَ ڀانئي ان نقلي سک کي ئي اصلي سک سمجهي رهيو آهي. نقلي سک ته

نقلي ٿي ٿيندو، آخر اهو ڪيستائين هلندو، جڏهن مهل جوابي جواب ڏئو ان مهل نقلي سڪي جو پول پڌرو ٿي پوندو، آخر پتل مٿان سون جو پاڻي چڙهيل ڪيستائين هلندو. نيٺ ته ظاهر ٿي پوندو. پتل، پتل ٿيندو ۽ سون، سون ٿيندو. هڪ شريف ۽ ديالو انسان دان-پن ڪري خوشي محسوس ڪري ٿو، ٽئين هڪ چور، چوري ڪري، هڪ شرابي، شراب پي ڪري، هڪ جوئاري جوئا ڪري، هڪ دوکيباز دوکو ڪري، هڪ پاپي، پاپ ڪري، هڪ هچارو، هچا ڪري خوش ٿئي ٿو. خوشي محسوس ڪرڻ ۽ ان جو اظهار ڪرڻ ٿي سک کي ٻاهر ڳولهڻو آهي. ان ڪري ويدن جا ڄاڻو رشي مني يلي ورا ڏيندا رهن ٿا ته اهو سک جڏهن کي توهين ٻاهر ڳولي رهيا آهيو، اهو اصلي سک توهان جو ٿي روپ آهي، پنهنجو پاڻ ۾ سمائجي وڃڻ کان سواءِ ان سک جي پراپتي ڪانه ٿي سگهندي. ان وشيه تي ستسنگ ڪري رام نام، ساڪي شووهم جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو، ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي.

هڪ ڏينهن سوامي جن پريمين کان پڇيو ته انسان ٻڌو آهي ته شري گرو نانڪ ديو مهراج جن جو ٻوٽر پنجا صاحب هتان بلڪل ويجهو آهي. هري پور هزاري جي سنتن کان پڇڻ ان تيرٿ جي ساراهه ٻڌي

اٿون. سو ان پوتر تيرٿ جي درشن ڪرڻ جو ويچار آهي. سوامي جن جي ڳالهه ٻڌي ڀائي ڪرپارام هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پڀون! توهان جيڪو ٻڌو آهي اهو بلڪل سچ آهي، هري پور هزارا هتان اٽڪل ٽيهه ميل ڪن پري آهي، ان جي پرسان پنجا صاحب آهي جو تمام سندر، رمڻيڪ ۽ پوتر استان آهي. هري پور هزاري ۾ منهنجا ساهرا آهن ۽ پنجا صاحب ۾ منهنجا مت مائٽ ۽ دوست رهندا آهن. جڏهن به توهان آڳيا ڪندا، تڏهن هيءُ داس توهان جي سيوا ۾ هلندو، توهان کي موٽر ۾ وٺي هلندا سون. پنجا صاحب ۽ ٻين رمڻيڪ استانن جو درشن ڪرائي ايندا سون. ٻيا جيڪي پريمي اچي ويٺا هئا، انهن اها ڳالهه ٻڌي چيو ته، جيئن ته پرينهن پورڻماسيءَ جو پوتر ڏينهن ۽ ان ڏينهن پنجي صاحب تي ميلو پڻ لڳندو آهي. پريمين جي اها ڳالهه ٻڌي سوامي جن چيو ته تمام سٺو موقعو ٺهيو آهي، پوءِ سوامي جن جي آڳيا موجب پنجي صاحب جو پروگرام ٺاهي سڀ پريمي پنهنجي گهر ويا. ٻئي ڏينهن رات جي ستسنگ کان پوءِ لالا هرچند اچي پهتو ۽ ساريءَ سنگت کي سوچنا ڏني ته پرم پوڄيه سوامي جن سڀاڻ هتان هري پور هزاري ۽ پنجا صاحب جي درشن ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن، ڀائي ڪرپارام

جن ساٿن گڏجي شيوا لاءِ وڃي رهيا آهن. ايترو چئي لالا هرچند وٺي رهيو. سوامي جن جي وڇوڙي جي سوچنا ۾ ٻڌي ساري سنگت هٿ جوڙي پرارٿنا ڪري چوڻ لڳي ته سوامي جي! توهين ڪرپا ڪري جلدي موٽي اچي درشن ڪرائجو، ساري سنگت کي دلداري ڏيندي سوامي جن چيو ته توهان ڪوئي خيال نه ڪريو، اسين درشن ڪري هفتي کن ۾ واپس موٽي اينداسون، وري ته جئن گرو مهراج جن جي مرضي هوندي. گرو مهراج سڀ چڱي ڪندا، ايترو چئي رام نام جي ڌني لڳائي سوامي جن ستسنگ سماپت ڪيو ساري سنگت پرساد وٺي گهر وئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڇهين بجي سوامي جن پاڻي ڪرپارام سان گڏجي موٽر ۾ چڙهي روانا ٿيا ۽ اٺين نوين بجي ڌاري شري ننڍا صاحب ۾ پهچي ويا، اتي پهچي شري گرو نانڪ ديو صاحب جن جي دربار ۾ ويا، اتي تلاءَ ۾ سنان پاڻي ڪري سچي دربار جو درشن ڪري، جتي ستسنگ ٿي رهيو هو اتي اچي ويٺا، ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

شام جو سوامي جن پاڻي ڪرپا رام جن سان گڏجي باغ - باغيچا ۽ سنتن جون گفائون ڏسڻ ويا، گهمندي

ڦرندي هڪ ٻهر جي وڻ هيٺان جتي سهڻي سنڌ ر ساوڪ ۽ گلن ڦلن جي گلزاري لڳي پئي هئي، اچي ويٺا، ٿورو وقت اتي ويهي قدرتي نظاري جو آنند وٺي، سڀ لٺي مهل رٿيل پروگرام موجب ڀائي ڪرپارام سوامي جن کي پنهنجي مِتر جي گهر وٺي آيو، جتي سوچيا مطابق اڳ ۾ ئي سوامي جن جي رهڻ لاءِ جوڳو بندوبست ڪيو ويو هو، سوامي جن گهر پهچي آسڻ تي براجمان ٿيا ته اتري ۾ شهر جا ستسنگي پريمي اچي پهتا، سماچار ٻڌائيندي انهن ستسنگين چيو ته توهان جي هتي پڌارڻ جي خبر ساري شهر ۾ پکڙجي وئي آهي. اسان کي به خبر پئي ته راولپنڊي رام باغ ۾ جيڪو مهاتما ڪٿا ڪندو هو، اهو هت آيو آهي. اسان چار پنج ڀيرا راولپنڊيءَ ۾ به توهان جو ستسنگ ٻڌو آهي، سو توهان جي هت اچڻ جي خبر ٻڌي، توهان جي درشن لاءِ آيا هئاسون پر توهان سفر ڪرڻ لاءِ ويا هئا، هاڻ توهان جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا آهيون، اسان جي جنم جنم جي ڪي ڀاڳ جاڳيا آهن جو توهان ڪرپا ڪري هت اچي اسان کي درشن ڏئي نهال ڪيو آهي. هاڻ ڪرپا ڪري ڪلاڪ ڪن پنهنجا امرت ڀريل وچن ٻڌائي ڀڳتيءَ ۽ ويدانت جو رس پياريو. سڀني پريمين طرفان ڀائي ڪرپارام جن پڻ سوامي جن

کي وينتي ڪري چيو تہ هي ڀڳوان! جيڪڏهن توهان جي آگيا هجي تہ ستسنگ لاءِ بندوبست ڪجي. برهمڻ جو پريم ڏسي سوامي جن کين ستسنگ لاءِ آگيا ڏني، آگيا پائي سڀ برهمڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ستسنگ جي بندوبست ڪرڻ ۾ لڳي ويا. برابر رات جو اٺين بجي ستسنگ شروع ٿيو. پهرين اُن جي برهمڻن چار پنج ڀڄن ڳايا، پوءِ سوامي جن ”ڀڳوان سان ڪيئن ملجي“ ان وشيہ تي ستسنگ شروع ڪندي چيو تہ:—

卐 ڀڄن - راڳہ وهاڳہ 卐

ٽل - ستسنگ جڳ ۾ سار پياري،
ستسنگ بن نهن هو نستارا.

١- ستسنگ ڪرڪي نيچ سڌر ڳئي،
ڀو ساگر سي پار اُتر ڳئي،
نام لکي نروار پياري، پايا هنس جن پد نرڌارا.

٢- ستسنگ ستگر ڪدگ ڀچالو، ڪامد ڀدوُ چنتامڻ جالو،
ڪارج ديهت سنوار پياري،
پاپ - پنج ڪو ڪر پرهارا.

٣- ستسنگ سور يہ سم پرڪاشت،
گيان ڪرڻون سي ٽمر وناشت،
آنند ديهت اپار پياري،
چندن چند تي سيتل ڀارا.

٤- ڪهتا ٿيئون ستسنگ ڪر ڪي،
ست وچن ڪو اُر ۾ ڌر ڪي.
اپنا ڪرو اُڌار پياري،
ستسنگ هئ مکتي ڪا دوارا.

هن فاني، گهڙيءَ گهڙيءَ بدلجندڙ ۽ اسار (ڪوڙي) سنسار ۾ ستسنگ ئي سار آهي. ست (سچ) ڀڳوان آهي، جن ڀڳوان کي ڄاتو- سڃاتو آهي، انهن کي ست پرش چئجي ٿو، انهن جي سنگ کي ئي ستسنگ چئجي ٿو.

श्लोक :-सङ्गः सर्वात्मना त्याज्यः स चेत्त्यक्तु ं न शक्यते ।
स सद्भिः सह कर्तव्यः सतां सङ्गो हि भेषजम् ॥

مارڪنڊي پراڻ ۾ ماتا مدالسا پڻ ست پرشن جي ٻاري ۾ لکيو آهي ته ٿي سگهي ته ڪنهن جو به سنگ نه ڪجي، پر جي ائين ٿي نه سگهي ته پوءِ ست پرشن جو سنگ ڪجي. ڇو ته انهن جو سنگ دنيا جي مايا موهه کان اسنگ (الڳ) ڪرڻ لاءِ دوا آهي.

سلوڪ :- راهون رام ملڻ جون، اَٿو اننت اپار،
ٿن سڀني ۾ هڪڙي، آهي ساڌ سنگت نروار،
سامي مل لهين سان، رکي پريم پيار،
ته ڀڳوت جو ديدار، ڏسن پيڇ پرم ريءَ.

جيتوڻيڪ ڀڳوان سان ملڻ لاءِ ته گهڻيئي رستا آهن، پر انهن سڀني ۾ وڏي ۾ وڏو، ويڪرو، سئو،

سولي ۽ سولو ۽ سوجهري وارو رستو جنهن ۾ ڪابه ڏکيائي يا رڪاوٽ ڪانه آهي، اهو ستسنگ ئي آهي. پڙهيل - اڻ پڙهيل، اوچ ذات وارن - نيچ ذات وارن، پاپين - پنين، (ڌرماتمائن) شاهوڪارن - غريبن، اميرن - فقيرن، ننڍن - وڏن وغيره مان جن جن اهو ستسنگ جو رستو ورتو، اهي وڃي رام سان مليا.

ڪٿا جو پرسنگ جاري رکندي سوامي جن چوڻ لڳا ته هڪڙو سيٺ، جو تمام ڌرماتما، پڙهيل آتما ۽ پراپڪاري هو، اهو تيرٿ ياترا ڪرڻ جي خيال کان گهر مان روانو ٿيو، پشڪر، پرياگ وغيره تيرٿن جي ياترا ڪندي متٿرا پريءَ ۾ وڃي پهتو، گوڪل، گووردڌن وغيره جا درشن ڪندو ٻندرابن ۾ آيو، اتي هڪ ڌرمشالا ۾ اچي رهيو، صبح جو اٿي گهمڻ جي خيال کان جمنا ڏانهن ويو، اتي پهچي جمنا جو ڪنارو وٺي گهمڻ لڳو، گهمندي ٿورو اڳيان ويو ته پريان جهنگل مان هڪ درد ڀري پڪار ٻڌڻ ۾ آيس.

اوچتو جو آواز آيو سو ڪيس پورو پورو سمجهه ۾ ڪين آيو، تنهن ڪري بيهي رهيو ۽ وري آواز ٻڌڻ لاءِ انتظار ڪرڻ لڳو. ٿوري دير کان پوءِ وري آواز آيو.

دوها:- ايسا ڪوئي جڳت ۾ پراپڪاري آهه،
بهت دنون ڪا ٻيڙا ساگر سنگ ملاءِ.

آواز جو مطلب هو، آهي ڪو ٻيو ۽ جو پيارو پراپڪاري ڌرماتما! جو مونکي وري ساگر سان ملائي.

آواز ۾ درد ڀريل هو، درد ڀري پڪار ٻڌي سيٺ، ان طرف وڌيو، جتان اهو آواز اچي رهيو هو. جهنگل ۾ پهچي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته وري سندس ڪن تي ساڳيو درد ڀريو ٻولاءُ پيو، آواز بلڪل صاف هو، پر اتي ڪو به ماڻهو نه ڏسي سيٺ حيرت ۾ پئجي ويو، آواز ڪٿان ٿو اچي! ڳولهڻ لڳو. ڳولهيندي ڳولهيندي جتي هڪ تلاءُ جي ڪناري تي پهتو ته وري آواز آيو. پڪار ٻڌي ڪيس ائين لڳو ته ڄڻ ڪو بلڪل ڀرسان پڪاري رهيو آهي. پر اتي ڪنهن کي به نه ڏسي سيٺ منجهي پيو. سوچڻ لڳو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته آواز ته تلاءَ مان اچي رهيو آهي، پر ڪير آهي! ڪجهه سمجهي نه سگهيو. ايتري ۾ وري آواز آيو. آواز ٻڌي همٿ ڪري سيٺ وڏو آواز ڪري چوڻ لڳو ته آواز کان سواءِ مون کي ٻيو ڪجهه به ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. توهان کي منهنجو نمسڪار آهي. مونکي خبر ڪانه آهي ته توهين ڪير آهيو ۽ توهان کي ڪهڙو دک آهي! توهين ڪرپا ڪري صاف

صاف ٻڌايو تہ ان جو علاج ڪجي. مان پنهنجي طرفان
توهان جي ڏک دور ڪرڻ جي پوري ڪوشش
ڪندس. سيٺ جا اهي دلداريءَ ڀريا وچن
ٻڌي، ان تلاءَ مان آواز آيو تہ. مان تلاءَ جو پاڻي
آهيان، مان ئي پڪاري رهيو هوس. هاڻ منهنجي
ڏک درد جو احوال ٻڌو. ائين چئي، اهو تلاءَ جو
پاڻي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳو، چوڻ لڳو تہ مان
اٿاهہ سمنڊ جو پاڻي آهيان. هڪ دفعي پورڻماسيءَ
جي چنڊ کي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي،
خوشيءَ ۾ اچي ڪري مان چنڊ سان ملڻ لاءِ اڇلون
کائڻ لڳس، اڇلون کائيندي مون وڏين لهرن
جو روپ ڌارڻ ڪيو، آخر لهرن مان مون ٻاڦ جو
روپ ڌارڻ ڪيو، ٻاڦ مان ڪڪرن جو روپ ڌارڻ
ڪيم. ڪڪر ٿي نيري آسمان ۾ هيڏانهن هوڏانهن
ڦرڻ لڳس، سمنڊ مٿان آسمان ۾ اڏامندي خوش ٿي
ٿيس ۽ ڏاڍو مزو پئي آيم. ان کان پوءِ اڌياچل،
استاچل، سميرو، هماچل، ونڌياچل، ڪيلاش ۽ ٻين
پربتن ۽ ڌرتيءَ مٿان اڏامندو اڏامندو هت شري
ڪرشن ڀڳوان جي جنم، ليلا ۽ پريم جي نگري متراپريءَ
۾ اچي پهتس. گوڪل، ٻندراٻن جتي ڀڳوان پريم جي
جمنا وهائي، اهي جايون، هنڌ ڏسي منهنجي من ۾
پڻ پريم جي باهہ ڀڙڪا ڏيڻ لڳي، جنهن ڪموڻ (ٻجلي)

جو روپ ڌارڻ ڪيو، برج منڊل جون سڀ جهان
هي جهان (جڙ چيتن) شيون، شام رنگ ۾ رنگجي
سانوريون ٿي ويون هيون، انهن کي ڏسي منهنجو
رنگ به سانورو (ڪارو) ٿي ويو، پريو پريم ۾ پاڳل
ٿي جيڪا موهن ڀڳوان، گوپن گوالن - ٻالن جي مهما
ڪئي ۽ ڳڻ ڳايا انهن گوڙ جو روپ ڌارڻ ڪيو، پوءِ
ته خوب زور شور سان بجليءَ جا چمڪاٽ ڪري ۽
ڪڙڪاٽ ڪري گجگوڙ ڪرڻ لڳس، پس پوءِ ته
پاڻ کي گهڻو وقت جهلي نه سگهيس ۽ برج منڊل جي
پوتر ڀومي جتي شري ڪرشڻ ڀڳوان پنهنجا چرڻ
ڪمل رکيا هئا، ان ڀوميءَ ۾ ليٽڻ پيٽڻ لاءِ پاڻ کي
مٿان ڪٽي هيٺ ڦٽو ڪيم، پريم ۾ منهنجي سڌ ٻڌ
ٻاجهي وئي، برساتي بوندون بڻجي آسمان مان لهي
اچي برج ڀوميءَ تي وسڻ لڳس. پٽن - پهاڙن، گهرن
گهٽين، وڻن - ٽڻن، جتان - ڪٿان ڀڳوان ۽ برجواسين
جي چرڻن جي ڌوڙ سان پاڻ کي ڌوئندو ۽ پوتر
ڪندو اچي هن ڳالهه ۾ گڏ ٿيس. برج منڊل جو ڪهڙو
بيان ڪريان، جتي ديوي ديوتائون، رشي - مني به
جنم وٺي اچڻ لاءِ واجهائيندا هئا، اهي پاڻ کي ڳالهه
جي روپ ۾ ڏسي منهنجي خوشيءَ جي حد نه رهي،
پاڻ کي وڏو ڀاڳوان سمجهڻ لڳس. هاڻ مون ۾ ايتريون
وڏيون لهرون اٿڻ لڳيون. ڳالهه جو پاڻي سمنڊ کي

چوڻ لڳو ته هو لٽن ته مان سمنڊ جو ڪارو پاڻي هوس، پر هن برج ڀوميءَ ۾ اهڙو ته مٺو - سٺو، صاف - سٿرو، سيتل - نرمل ۽ خوشبوءِ دار ٿي پيس جو ماڻهو ته ڇا پر پکي پسون به جمنا جو جل ڇڏي مون تلاءَ جي پاڻيءَ کي پيئڻ لڳا ۽ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳا. سڄو ڏينهن منهنجي چوڌاري ڇهچٽو لڳو پيو هوندو هو. ڪيئي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ منهنجي ڪرمن ڦيرو کاڌو جو مون ۾ بدبوءِ پيدا ٿيڻ لڳي. اها ايتري ته وڌي وئي جو ماڻهن پاڻي پيئڻ ڇڏي ڏنو، باقي پسون - پکي پيئندا رهيا، ٿوري وقت کان پوءِ انهن به پاڻي پيئڻ ڇڏي ڏنو، هاڻ ته مان اهڙو گندو ٿي پيو آهيان جو، جيڪو به هتان لنگهي ٿو ته اهو نڪ کي ڪپڙو ڏيئي لنگهي ٿو. منهنجي اها حالت ڏسي ڏاڍو ڏکي ٿيو آهيان. هاڻ مان وري واپس پنهنجي گهر (سمنڊ) ۾ وڃڻ چاهيان ٿو. پر اٿي ڪيئن پهچان. هڪ ته مان گندو ٿي پيو آهيان، ٻيو مون ۾ هلڻ جي طاقت بلڪل ڪانه آهي، ٽيون اها به خبر ڪانه اٿم ته سمنڊ هتان ڪيترو پري ۽ ڪهڙي طرف آهي.

اها سڀ منهنجي ڪرمن جي ڪمي آهي، جو هن حالت کي اچي پهتو آهيان. سڀ طرح سان مجبور ٿي مان ٿي درد ڀري پڪار ڪري رهيو هوس.

”آهي ڪو پرڀوءَ جو پيارو پراپڪاري ڏ رماتما! جو مون کي وري سمنڊ سان ملائي.“ آواز ٻڌي توهان هت آيا آهيو، توهان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻ ڪرپا ڪري منهنجي مدد ڪريو، جئن وڃيو تئن مون کي دک کان ڇڏائي اڳتي پهچايو.
سچي کهاڻي ٻڌي پاڻيءَ کي دلداري ڏيندي سيٺ چيو ته منهنجا پيارا پريتم پاڻي! تون ڪا به چنتا نه ڪر. همت ڪر، توکي سچ پچ سمنڊ سان ملڻو آهي ته مان توکي هڪ سولي ۽ سولو رستو ٻڌايان ٿو، جنهن ۾ ڪو به دپ - ڀاءُ يا ڏکيائي ڪانه آهي، اهو رستو ڪن ڏيئي ٻڌ :—

دوهو:- ساگر سي ملنا چهو، سرتا ڪا ڪر سنگ،
پار داس هري ملن ڪو، مارگ هئه ستسنگ.

تلاءَ جي پاڻي کي پار داس مهراج جن جي واڻي ٻڌائي سيٺ چوڻ لڳو ته جيڪڏهن توکي سمنڊ سان ملڻو آهي ته هيءَ جمنا، جيڪا بلڪل تنهنجي ڀرسان وهي رهي آهي، تنهن جو سنگ ڪر. ڇو ته جمنا جو لاڳاپو سڌو گنگا سان آهي ۽ گنگا جو لاڳاپو وري سڌو سمنڊ سان آهي. جمنا جي سنگ ڪرڻ سان تون بلڪل آرام سان وڃي سمنڊ سان ملندين. سيٺ جا وچن ٻڌي تلاءَ جو پاڻي چوڻ لڳو ته سيٺ صاحب! توهان رستو ته تمام سٺو ٻڌايو آهي، پر مون

۾ اهڙي توفيق (طاقت) ڪٿي آهي، جو جمنا سان ملي سگهان! جڏهن توهان ڪرپا ڪري رستو ٻڌايو آهي، تڏهن، جمنا سان نه مليو. پاڻيءَ جي مجبوري ڏسي سيٺ هڪدم شهر ۾ ويو، ٽيڪم، ڪوڏر ٻون ۽ ٽالهه مزورن کان کڻائي اچي آيو، تلاءُ کان وٺي جمنا ٽائين وچ ۾ جيڪا جڳهه هئي، اتي هڪ اوڀون نالو کوٽائي، تلاءُ کي جڏهن ئي جمنا سان ملايو تڏهن ئي تلاءُ جو پاڻي تمام تکو وهندو وڃي جمنا ۾ پيو. جمنا ۾ پوڻ سان پوتر ٿي ويو.

تمام وڏي آواز سان سيٺ ۽ جمنا جي "جئه جئڪار" مڃائيندو، انهن جا گڻ ڳائيندو، جمنا جي تيز وهڪري سان گڏ وهندو وڃي گنگا ۾ پيو. پوءِ نه گنگا ماتا کيس پنهنجي پوتر ڌارا سان گڏ کڻي جلدي وڃي سمنڊ سان ملايو. سمنڊ ۾ ملڻ سان ان جو روپ ٿي ويو،

درشٽانت جو سڌانت سمجهائيندي سوامي جن ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته تلاءُ جي پاڻيءَ وانگر هيءَ جيوُ (جيڪو حقيقت ۾ برهم جو ئي جزو (انش) آهي.) برهم روپي سمنڊ کان الڳ ٿي، (مان هڪ آهيان ۽ هڪ مان گهڻا ٿيان) پنهنجي اڇا (سنڪلپ) ۽ خوشيءَ سان جيوُ بڻجي هن سنسار ۾ آيو آهي، اصل ۾ نه هيءَ جيوُ شد ۽ پوتر آهي، ۽ هاڻ نه آهي. ٻر

پوءِ ڪرمن جي ڪري ڏاڍو ڳنڍو ٿي پيو آهي. جنم
مرڻ جي چڪر ۾ ڦسجي ڏاڍو ڏکن ڏکي ٿي پيو آهي.
سنسار جا ڏک ۽ چنتائون تمام خطرناڪ آهن، تنهن
ڪري هيءُ جيوُ بيزار ٿي روئي پڪاري ٿو ته:—
”آهي ڪو پرپوءِ جو پيارو پراپڪاري ڌرماتما!
جو مون کي ڏکن کان ڇڏائي ورِي ان ست چت
آنند گهن، پرپورڻ، پرماتما، برهمنڊ نائڪ، سدا
سکدائڪ، اوناشي برهم روپي ساگر (سمنڊ) سان ملائي“
ڏکي جيو جي درد ڀري دانهن ٻڌي، ڪو پراپڪاري
ست پرش مهاتما ان جيوَ کي دلداري ڏيئي چوي
ٿو ته، اي منهنجا پيارا پريتم جيوَ (جگياسو)! تون
ڪو به خيال نه ڪر. پرماتما سان ملڻ لاءِ، هونئن ته
ڀوڳ، يگيه، جپ-تپ، ورت-نيم، دان-پنج
وغيره گهڻيئي رستا آهن، پر مون تو لاءِ هڪ تمام
سولي ۽ سولو ۽ سنئون رستو ڳولهي ڪڍيو آهي. جنهن
۾ ڪنهن به قسم جي ڏکيائي يا رڪاوٽ ڪانه آهي.
اهو رستو آهي ستسنگ! ستسنگ روپي جمنا جو
لاڳاپو، آتم گيان روپي گنگا سان آهي. آتم گيان
روپي گنگا جو لاڳاپو سنڌو برهم روپي سمنڊ سان
آهي. اهو رستو توکي تمام جلدي ۽ آرام سان برهم
روپي سمنڊ سان وڃي ملائيندو. مهاتما جا اهي
وچن ٻڌي، اهو جيوُ (جگياسو) ان مهاتما کي چوي

توهي ڀڳوان! توهان رستو تہ تمام سٺو ٻڌايو آهي،
پر دکن ۽ چنتائن ڪري مون کي ڪجھ بہ سمجھہ ۾
اچي تہ ڇا ڪريان، ڇا نہ ڪريان. ستسنگ ڇا
ٿيندو آهي، ڪنھن جو ستسنگ ڪجي ۽ ڪيئن
ڪجي. مون ۾ تہ ڪو بہ عقل ڪونہ آهي. هاڻ توهان
ئي ڪرپا ڪري مون کي ستسنگ سان ملايو، جيئو
جا اهي شردا ڀريا وچن ٻڌي، آهو مهاتما ان کي
گر منتر ڏيئي اڀياس ۽ سمجھہ ڪرائي ٿو، ان کان پوءِ
شاسترن ۽ ستسنگ جي وشيہ ۾ ان کي چڱي طرح
سمجھائي، پوءِ جن سنتن ۾ ڀيائي ڪاڻ آهي، جن تہ
گيتا اڌياءِ ڇهين، شلوڪ ٢٧ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان
جي چوڻ موجب تہ :—

श्लोक :–प्रशान्तमनसं ह्येनं योगिनः सुखमुत्तमम् ।
उपैति शान्तरजसं ब्रह्मभूतमकलमषम् ।।

جن جو من بلڪل شانت آهي، جن جي من مان
پاپ بلڪل لڪري ويو آهي، جن جو من رجي ڪڻ
(چرچي مزاڪ) کان بلڪل خالي ٿي چڪو آهي.

श्लोक :–न पाणिपादचपलो न नेत्रचपलो यतिः ।
न वाक्चपलश्चैव ब्रह्मभूतो जितेन्द्रियः ।।

ياڳيولڪيہ اپنشد، جي چوڻ موجب، جن جو من،
وچن ۽ شرير تي پورو قبضو آهي. جن جي هٿن،
پيرن، اکين ۽ واڻيءَ جي چنچلتا (چلولائي) بلڪل

شانت ٿي چڪي آهي. اهڙن سنتن مهاتمائن جو سنگ ڪرائي آتم گيان روپي گنگا سان ملائي ٿو. آتم گيان روپي گنگا سان ملي هي جگياسو، ستگرو ۽ سنتن جي ”جئه جئڪار“ منائيندو، شووهم شووهم ڪندو وڃي برهم روپي سمنڊ سان ملي ٿو. درشنانت جو سڏانت بلڪل ٺوري ۽ سمجهائي سوامي جن ساري سنگت کي چوڻ لڳا ته هيءُ ستسنگ جو رستو تمام وڏي ۽ وڏو آهي. ان وشيه تي اهڙو چئي ستنام ساکي، ساکي شووهم جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو. ساري سنگت پرساد وٺي گهر ولي. سوامي جن پنهنجي ڪٽيا ۾ اچي آرامي ٿيا.

دوهو:- سن پريو ميري پرارٿنا، ڀڳتي دان مجهه ديهه،
ڪهه ٽيئون ٽو ڀڳت ۾، سڦل هويه ٽن ايهه.

دوهو:- تم بن ستگر ديو مجهه، اؤر نهين هئه ٺور،
چرن شرن ۾ راکلي، سن ولتي يهه مور.

دوهو:- پورن ستگر ديو سي، پورن لي اپديش،
ڪهه ٽيئون تنهن سمر ڪي، پاوو پورن ديش.

دوهو:- ستگر ڪي ڪرپا بنان، ڀوسنڌ ترِي نه ڪويه،
ڪهه ٽيئون گر شرن لي، جو ڀوُ ترنا هويه.

سچ، سادگيءَ ۽ ڀڳتيءَ جي ساکيات مورتي برهم لشٽ پرم پوجيه ستگرو شري سوامي سروانند مهراج جن جي جيون چرتر جو ڀهريون ڀاڱو سماپت ٿيو.

* آرتي *

١- اوم جئہ ٹیڳون رام، سوامي جئہ گر ٹیڳون رام،
پراپڪاري جگت اڌاري، ٹم هو پورڻ ڪام. اوم
٢- جب جب پرٿمين ابھت ڪارڻ، ٹم ڪو پوڪارا. سوامي
ٹب ٹب گر اوٹار ڌري ٹم، سب ڪو اسٽارا. اوم.
٣- پرم پرڪاشي مدبلاچارئہ، مننر ساکي سٽدام. سوامي
ڌرم سداٹن کي پرچارک، ليت اپڻ اپرام. اوم
٤- ديش وديش م مدبلي ليڪر، پاون دي اپديش. سوامي
آٹم روپ لکايا سب ڪو، هريا ٹاپ ڪليش. اوم
٥- پورڻ اچل سماڌي ٹيري، سڌ آسڻ براجي. سوامي
روپ مدوهر سدڌر لوچن، ديکت من گاجي. اوم.
٦- آٹم استٿت وچن کي پوري، پوگي الدرئہ يتي، سوامي
پرم اداري ڌيرج ڌاري، پرم اگاڌ متي. اوم
٧- ڌن ڌن ماٿ پتا ڪل ٹيرا، ڌن ٹو ساڌ سجان، سوامي
ڌن وه ديش جهان ٹم جدميا، ڌن ٹو شب استان. اوم
٨- سرلر من جن هري جن گن جن، گاون گن ٹمهري، سوامي
الت لہ پاءِ سکي لر ڪوئي، مهما اپرپري. اوم
٩- جوجن ٹمهري آرٽي گاوي، پاوي سو مکتي، سوامي
ساڌ سدگت ڪو هردم ديجي، پورن گر ڀگتي. اوم

* آرتي *

١- اوم جئہ گر سروالدد، سوامي جئہ گر سروالدد.
ڌرم ڪرم ڪا دي اپديشا، ڪاٹي ٻرکي قددہ اوم

۲- تم هو داتا دين ديالو، سب کي هتکاري، سوامي
شيش شاردا نت گڻ گاوي، مهما اَت ڀاري. اوم
۳- تن ڀر چولا گيڙو رنگ کا، سر ڀي جٽا ڌاري، سوامي
ڪر ڪملون ۾ لاٺي سوهي، موهي نر ناري. اوم
۴- اَپني گر کي لاڄ وچنون کو، گهر گهر ڦيلايا، سوامي
ٻولي ٻٽکي دين جنون کو، ست مارگ لايا. اوم
۵- اڌم اڌارن ڪشٽ نوارن، ڀڳتن ڀيه هاري، سوامي
پوجا تارن پار اتارن، کارن ديه ڌاري. اوم
۶- ديش وديش ۾ ڀرمڻ ڪر کي، ڀڳتي ڦيلائي، سوامي
سوهم شبد کا منتر دي وه، جوتي د کلائي. اوم
۷- اجر امر اور اَج او ناشي، گهٽ گهٽ کي گياتا، سوامي
ڪڻ ڪڻ ۾ تم سرو وياپک، پورڻ گر داتا. اوم
۸- ٻرم اداري پر اپکاري، امراپور واسي. سوامي
شرڻ تمهاري جو جن آوي، پاوي سک راسي. اوم
۹- ٽيئون رام کي ڪرپا پاکر، تم هو ڀڳتي ڀنڊار. سوامي
گرو ڀڳت بن گر ڀڳتي کا، خوب ڪيا پرچار. اوم
۱۰- پورڻ گر کي پوري آرتي، جو جو جن گاوي، سوامي
پاپ تاپ سنتاپ مٽا کر، پورڻ پد پاوي. اوم

آد آئوُ ٻم ٿوُمي ٿو ٻم ٻڻ ٻالا.
چهند- سرو سروُ ٻم ... ڪايس ڪوُ ٻم ڌر ڌيالا-
اَلت ل اوُ ٻم چاٻ ل ڌ وُ ٻم
ڌيمبا رام داٻڪ ڌام لت لڪام نر ٻالي-
ٻاد تمام لشدن شام شري ٽيئون رام گر گيالي-

ڇند - چاول چندن ڪو اڳو ڪيسر ڦولن ڪي ورڪا ورڪائو
نرسنگهه گومکهه ڀيري ٻاجا، ٽبلا سر ندا ساز ٻڄائو
ڀر ڀر ڊڪ ٻورڻ گيهه سي اگرٻتي اور ڌوپ جلائو
آرتي ساز ڪرو ٻهه سندر ستگر ڪي جئڪار ٻلائو.

ڇند - آش واندي گر ٿو در آئي، ٽم ٻن ٺؤر نه ڪائي،
ٽم هر دانا ٽم هر مانا، ميري آش پڄائين،
ٻاهه پڪڙو مٺن ٻيڙ ٻن پيادي، آپس هيت منجهائين،
ٽن من ڌن ارداس ڪري مٺن، مانگت نام سنبهي،
نام ٽمهارا ساٻن ڪر مٺن، ڌو سان ٻاپ سڀئي،
ڪهي ٽيئون گر لوڪ ٽين ۾، آواڳمن مٽائين.

پلئه - پلئه جي ٻائين، دانا ٽهنجي در تي -
دانا در آٻن جا، عرض او لائين،
مڙئي ٽهنجي ٽن من جا، ڏکڙا مٽائين -
آشون اگهائين ”آسو“ آشو ٽدن جون.

٢- جو جن آ گرو شرڻ ۾ - ٻنتي ڪري ارداس.
ڪهي ٽيئون ٽس داس ڪي - پورڻ ڪرٻئي آس.
دوکهه سڀ هي دور هو - لڳي نه ٻم ڪي ٽراس.
ڪارج هوون راس - سنسه ڪوئي نا رهي.

منگل مورت ستگرو ٽيئون رام مهراج ڪي جئه.
منگل مورت ستگرو سروانند مهراج ڪي جئه.
منگل مورت سوامي گرمکهه داس مهراج ڪي جئه.

شانتي! شانتي!! شانتي!!!

اِتي شبهم.

(۱)

چالاڪي، چترائي، مٺي ڳالهائڻ، آدر ڀاءُ ۽ ٻيا
ڪي عقلمند منش جي چرتر لڇڻ چئون، جڏهن منش
چرتر هجي، ان کي سمت چئجي ٿو.

(۲)

پنهنجي وچارن کي حد ۾ سمجهه، پر شروعات
سمجهه.

(۳)

جيڪو لوڪ ادبون پار ڪري، اهو ڀڳوان جو ...
آهي.

سوامي نيڀونن داس

(۱)

وويڪ، وئراڳ، ويرتا ۽ وشواس، اهي چار ڳالهيون
ڪڏهن ڀاڳيءَ کي ملن ٿا.

(۲)

پنهنجي ڌرم ۾ رهڻ گهرجي، پنهنجو ڌرم سکدائي
آهي.

سري والمڪ سنڌ پش

(۱)

جيڪڏهن آتما جو درشن چاهيو ٿا ته، اهڙي
ڀاڳوءَ وٽ وڃو، جڏهن جي من روشني اکين
تهن لمبرن وارو چشمو چڙهيل هجي.

گرمکه گهه

ويد وچن آرٽ پرنٽرس، فلم ڪالوني، حيدرآباد -